# سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ

خالد آزاد

[جلد ٻيو]



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

# سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ

[سنڌيءَ ۾ ڇپيل ٻارن جي رسالن ۽ ڪتابي سلسلن جو تحقيقي جائزو]

(جلد ٻيو)


تحقيق ۽ تصنيف

**خالد آزاد**



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

2016ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (255)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ (جلد ٻيو)

[سنڌيءَ ۾ ڇپيل ٻارن جي رسالن ۽ ڪتابي سلسلن جو تحقيقي جائزو]

تحقيق ۽ تصنيف: خالد آزاد
ڪمپوزنگ: زبير سومرو ۽ نذير چانڊيو
ٽائيٽل: نعيم ديسوالي
لي آئوٽ: اسدالله ڀٽو
ڇاپو: پهريون: جون، 2016ع
تعداد: 1000
قيمت: =/300 روپيا
ناشر: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Catalogue Reference
Azad Khalid
History of Sindhi Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-064-7

HISTORY OF SINDHI CHILDREN'S LITERATURE (Vol.II)

Research: Khalid Azad
Edition: 1st 2016
Quantity: 1000
Price: Rs.300/=
Composing: Zubair Soomro & Nazir Chandio
Title: Naeem Deswali
Layout: Asadullah Bhutto
Published by: Sarfraz Rajar, Chairman, Sindhi Language Authority
National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Pakeeza Printers, Hyderabad, Sindh
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءَ ڪتاب، سرفراز راڄڙ، چيئرمئن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرس پاڪيزه پرنٽرس
حيدرآباد، مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# انتساب

- ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي نالي

[ الاءِ ڪهڙي بهانَي اسان جو سات ڇڏيو،
سدا ڇڏيو ئي رهي شل، تُنتي نہ سات اهو]
(نارائڻ شيام)

■ خالد آزاد

# فهرست

ناشر پاران

پنهنجي پاران

---

## باب پهريون

---

**ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيل ٻارن جا رسالا:**

[1914-1947]

- ٻارن لاءِ ڇپيل رسالن جو تحقيقي جائزو: 17-24
- رسالن جو تفصيل: 24-30

چهه ماهي 'هوپفل اڪيڊمي ميگزين' (شڪارپور)، ٽماهي 'گلستان' (حيدرآباد)، ماهوار 'گلزار' (حيدرآباد)، ماهوار 'ٻالڪ' (شڪارپور)، ماهوار 'گلستان' (ڪراچي)، ماهوار 'سُڌرشن' (شڪارپور)، ماهوار 'پُشپ' (دادو)، ماهوار 'موج' (شڪارپور)، پندرهن روزه 'ٻاراٽيون ٻوليون' (ڪراچي)، ماهوار 'گل ڦل' (ڪراچي)، ماهوار 'دلبهار' (حيدرآباد).

---

## باب ٻيو

---

**ورهاڱي کان پوءِ**

**سنڌ ۾ شايع ٿيل رسالا ۽ ڪتابي سلسلا**

[1947-2016]

- الف: ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل رسالن جو تحقيقي جائزو: 31-45
- رسالن جو تفصيل 46-92

'اميد' (ڪراچي)، ماهوار 'گُلستان' (حيدرآباد 1951ع)، ماهوار 'گل ڦل' (ڄامشورو)، 'اطفال' (ميرپورخاص)، ماهوار 'گلن جهڙا

ٻارڙا‘ (ڪراچي)، سلسليوار ’سرهاڻ‘ (سيوهڻ)، ماهوار ’گونج‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’ساٿي‘ (گهوٽڪي)، ماهوار ’ٻالڪ‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’سنڌي ٻارڙا‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’لاٽ‘ (حيدرآباد)، ٻه ماهي ’مُرڪ‘ (ڪراچي)، ماهوار ’گلستان‘ (حيدرآباد 1991)، ماهوار ’ٻالڪ رنگ‘ (ڪراچي)، ماهوار ’ناياب‘ (ٽنڊو ڄام)، ماهوار ’ساٿي‘ (حيدرآباد)، ٻه ماهي ’گلڙا‘ (شڪارپور)، ماهوار ’چانڊاڻ‘ (دادو)، پندرهن روزه ’ارچڪ مرچڪ‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’ٻارڙن جو سنڌ رنگ‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’ٻارڙن جي ٻاري‘ (ٽنڊو سعيدآباد)، ماهوار ’ڪنول‘ (ٽنڊو سعيدآباد)، ٽماهي ’آس‘ (ٺٽو)، سلسليوار ’دوستي‘ پبليڪيشن (راڄو نظاماڻي)، سلسليوار ’مهڪ‘ (شڪارپور)، سلسليوار ’روشن راهون‘ (پنگريو)، ماهوار ’گلڙا‘ (ٽنڊو ڄام)، ’حوصلو‘ پبليڪيشن (رڪ)، ماهوار ’ٽانڊاڻو‘ (رتوديرو)، ماهوار ’ماهتاب‘ (ڏورو نارو)، ماهوار ’پوپٽ‘ (عمرڪوٽ)، ’گلڙن جي گفتار‘ (ميرواهه گورچاڻي)، ماهوار ’ٻاڪ‘ (ميرپوربٺورو)، ماهوار ’رانديڪو‘ (خانواهڻ)، ماهوار ’روشن دنيا‘ (ٽنڊوڄام)، ماهوار ’خرچي‘ (شڪارپور)، ماهوار ’سونهن‘ (شڪارپور)، ماهوار ’روشن راهه‘ (ڪراچي)، ماهوار سارنگ (شاهپور چاڪر)، ماهوار شُشر (حيدرآباد)، ماهوار ڪوٽُو موٽُو (شهدادڪوٽ)، مهراڻ جا تارا (شڪارپور)، سلسليوار ’پٽڪڙا‘ پبليڪيشن (ميرپور ساڪرو)، ’هبڪار‘ (ڏکڻ- شڪارپور)، ماهوار ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ (حيدرآباد)، ٻه ماهي ’سنگتي‘ (شڪارپور)، ماهوار ’روشن تارا‘ (ٽنڊو ڄام)، ماهوار ’پوپٽ‘ (ڳڙهي ياسين)، سلسليوار ’سُندر ٻارڙا‘ (ٽنڊوڄام)، ماهوار ’ٻارن جي دنيا‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’سوچ‘ (خيرپور ميرس)، سلسليوار ’ٻالڪ ديپ‘ (مٺي)، ٽماهي ’گلدستو‘ (رتوديرو)، ماهوار ’منزل‘ (ميرو خان)، سلسليوار ’سنڌڙي‘ (ڏهرڪي)، ’ٻارن جي دعا‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’علم‘ (مرزاپور)، ماهوار ’رنگين دنيا‘ (ڄامشورو)، سلسليوار ’سرهاڻ‘ (عمرڪوٽ)، ماهوار ’اجرڪ‘

(شهدادڪوٽ)، ماهوار ’انڊلٺ‘ (ڄامشورو)، سلسليوار ’سنڌي ٻار‘ (چتو چنڊ، ٺٽو)، سلسليوار ’اسڪولي ٻار‘ (چتو چنڊ، ٺٽو)، سلسليوار ’روشن سنڌ‘ (چتو چنڊ، ٺٽو)، سلسليوار ’گلزار سنڌ‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’معصوم مرڪ‘ (سجاول)، سلسليوار ’شاگرد‘ پبليڪيشن (وارهه)، سلسليوار ’ٻالڪ دنيا‘ (ٽنڊو)، سلسليوار ’ٻالڪ منڊل‘ (ٽنڊو محمد خان)، سلسليوار ’دوست‘ پبليڪيشن (سکر)، ماهوار ’ادا سائين‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’چانڊوڪي‘ (ٺٽو)، ماهوار ’ٻالڪ اسيمبلي‘ (ڪراچي)، سلسليوار ’نئين لاٽ‘ (ڏهرڪي)، سلسليوار ’رابيل‘ (جيڪب آباد)، ’سائنٽيفڪ ميگزين‘ (شهدادڪوٽ)، ’روشن تارا‘ (جاتي)، ماهوار ’سجاڳي‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’سونهن‘ (جيڪب آباد)، ٽماهي ’موتي هن مهراڻ جا‘ (عمرڪوٽ)، سلسليوار ’ڦلواڙي‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’ست رنگ‘ (ٽنڊو ڄام)، سلسليوار ’چنڊ چوڏهي‘ (سانگهڙ)، سلسليوار ’ٻاراڻو ادب‘ (ڪونڊي)، سلسليوار ’ٻارڙن جو آواز‘ (خيرپورميرس)، سلسليوار ’گل تارا‘ (سيوهڻ)، سلسليوار ’دي وي جي دنيا‘ (نيو سعيد آباد)، سلسليوار ’مهراڻ جون مرڪون‘ (ڪپرو)، ۽ ماهي ’پنکڙيون‘ (عمرڪوٽ)، ماهوار ’اتساهه‘ (ڪراچي)، سلسليوار ’سجاڳ‘ (شڪارپور)، ٽماهي ’ٻارن جي سنگت‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’منڙا ٻار‘ (حيدرآباد)، ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ پبليڪيشن (نصرپور)، ’گل‘ پبليڪيشن (سانگهڙ)، ’تحفو‘ (لاڙڪاڻو)، ’پرهه ڦٽي‘ (ٽنڊوالهيار)، ’سنڌي ٻالڪ‘ (ميرپورساڪرو).

## (ب) ٻارن جي رسالن جي سهاري هيٺ هلندڙ تنظيمون:

- تنظيمن جو تفصيل: 93-122

’ٻارن جي ڦلواڙي‘ (ماهوار گل ڦل)، ’لالي چلڊرينس ڪلب‘ / لالي ٻارڙا سنگت (لالي پبليڪيشنس)، ’گل ڦل ادبي سنگت‘ (ماهوار گل ڦل)، ’ننڍ ڪٺ‘ گروپ آف پبليڪيشنس (پروگرام

۽ ورڪشاپس)، ’روشن دنيا ٻالڪ سنگت‘ (ماهوار روشن دنيا)، ’ٻارن جي دنيا سنگت‘ (ماهوار ٻارن جي دنيا)، ’گلڙا سنگت سنڌ‘ (ماهوار گلڙا)، ’گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ‘ (ماهوار گل ڦل)، ’پنڪڙيون ٻالڪ ادبي فورم‘ (تماهي پنڪڙيون)

---

## باب ٽيون

---

### ورهاڱي کان پوءِ

### سنڌ ۾ شايع ٿيل ڪتابي سلسلا:

[1957-1990]

- ڪتابي سلسلن جو تحقيقي جائزو: 123-126
- ڪتابي سلسلن جو تفصيل: 127-140

’اداره گلشن ادب‘ (ٽنڊو محمد خان)، ’اسٽوڊنٽس‘ پبليڪيشن (حيدرآباد)، ’گلشن سيريز‘ (شڪارپور)، ’گلستان‘ سيريز (شڪارپور)، ’ٻالڪ سيريز‘ (شڪارپور)، ’شمع سيريز‘ (حيدرآباد)، ’روشن تارا‘ پبليڪيشن (حيدرآباد)، ’چٽنگ‘ پبليڪيشن (سن)، ’سنڌي محفل ادب‘ (حيدرآباد)، ’پوپٽ‘ پبليڪيشن (خيرپور ميرس)، ’ٻارن جي محفل‘ (حيدرآباد)، ’ٻارڙا‘ پبليڪيشن (عمرڪوٽ)، ’رابيل‘ پبليڪيشن (لاڙڪاڻو)، ’وطن دوست ٻار‘ پبليڪيشن (ڏوڪري)، ’گلشن‘ پبليڪيشن (داد لغاري- سکر)، ’ٻارن جي محفل‘ پبليڪيشن (ٽنڊوباگو)، ’فخر ادب‘ پبليڪيشن (نواب شاهه) ’روشن تارا‘ پبليڪيشن (مٽياري) ’روشن تارا‘ پبليڪيشن (هالا پراڻا)، ’وِڪ وڏايو‘ پبليڪيشن (هالا)، ’سگنڌ‘ پبليڪيشن، ’فيروز‘ پبليڪيشن (هالا)، ’لالي‘ پبليڪيشن (حيدرآباد)، ’سنياسي‘ پبليڪيشن (هالا)، ’ڪتاب‘ پبليڪيشن (حيدرآباد)، ’گل ڦل‘ ادبي سنگت (هالا)، ’نصرت‘ پبليڪيشن (تلهار)، ’صداءِ وطن‘ (هالا)، ’چانڊوڪي‘ پبليڪيشن (مٽياري)، ’پريم‘

پبليڪيشن (ڪنڊڪوٽ)، 'موتيءَ داڻا' پبليڪيشن (ڪپرو)، 'چنڊ تارا' (ميرپور ماٿيلو)، 'مهراڻ' پبليڪيشن (حيدرآباد)، 'پريات' پبليڪيشن (حيدرآباد)، 'لطيف' پبليڪيشن (حيدرآباد)، 'چانڊوڪي' پبليڪيشن (نوشهروفيروز)، 'ٻارن جي دنيا' سيريز (ڏيپلو)، 'روشن تارا' پبليڪيشن (هالا)، 'سنڌي ٻالڪ' پبليڪيشن (ميهڙ)، 'مکڙي ڪتابي سلسلو' (بدين)، 'لاٽ' پبليڪيشن (لاڙڪاڻو)، 'گونج' پبليڪيشن (حيدرآباد)، 'جوت' پبليڪيشن (خيرپورميرس).

## باب چوٿون

### ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ شايع ٿيل ٻارن جا رسالا:

[1948-2012]


- ٻارن جي رسالن جو تحقيقي جائزو: 141-145
- رسالن جو تفصيل: 145-157


ماهوار 'گلستان' (ممبئي)، ماهوار 'وير ٻالڪ' (اجمير)، ماهوار 'ڦولستان' (اجمير)، ماهورا 'چندا ماما' (مدراس)، ماهوار 'تارزن' (ممبئي)، ماهوار 'گلڪاري' (اجمير)، ماهوار 'ڦلواڙي' (اجمير)، ماهوار 'جوت' (ممبئي)، ماهوار 'گلدستا' (گانڌيڌام)، ماهوار 'پُشپ' (بمبئي)، ماهوار 'گلڙا' (الهاس نگر)، ماهوار 'گل ڦل' (ممبئي)، ماهوار 'گلستان' (احمد آباد)، ٽماهي 'مکڙيون' (نيو دهلي)، ماهوار 'گُلشن' (احمد آباد)، ماهوار 'ديشي وديشي ڪٿائون لوڪ ڪٿائون' (احمد آباد)، ماهوار 'جهرمر' (احمدآباد)، ماهوار 'گلابي گلڙا' (الهاس نگر)، ٽماهي 'ٻبلُو' (احمد آباد)، ماهوار 'ٻارڙا' (احمد آباد)، ٽماهي 'چانڊوڪي' (آگرو)، ٽماهي 'ٻال منچ' (احمدآباد)، ٽماهي 'گلدستو' (الهاس نگر)، ٽماهي 'باغ بهار' (گانڌي نگر- گجرات)، 'پوپٽڙا' (نيو دهلي).

# باب پنجون

## رسالن جا ايڊيٽر - چيف ايڊيٽر

## ۽ ڪتابي سلسلن جا هيڊ ينڊز: 158-205

آچار عظيم ڪوسو آزاد هيجب، آغا قيوم، احسان راهوجو، احسان لغاري، اختر سمون، اسحاق سميجو اسرار شام، اسلم ڪتياڻ، اعجاز قادر مهر، اڪبر جسڪاڻي، الطاف ملڪاڻي، اندرجيت لوهاڻو انور سومرو انور هالائي، اياز پاتولي، بنسي مالهي، ٽيڪم ميگهواڙ پيروانو سيوهاڻي، جڳمال ماناڻي، خادم سيلرو خالد آزاد، خالد پٽي، خان محمد خاطي ڪيريو روشن برهماڻي، رميش راجا بي ايم، زبير سومرو زوار نقوي، سرفراز عباسي، سرمد قريشي، سڪندر سرواڻ، سميع ساجد جوڻيجو سنڌ سونيتي پٽو سهيل احمد ڪنير، شاهنواز ٽالپور، شبيرساگر، شوڪت حسين شورو شيوڪ پوڄراج، عبدالسلام ٿهيم، عرفان مهدي، علي رضا لاڙڪ، غلام رباني آگرو، غلام مرتضيٰ پٽي، غلام مصطفيٰ سولنگي، قادر ڪنڊر، ماجد سمون، محبوب بلوچ، محمود يوسفاڻي، محمد وسيم خان، مسعود لوهار مشتاق بخاري، مقبول احمد پٽي، مقصود گل، مڪيش راجا سوٿهڙ، معصوم مصطفيٰ ڪنير، ملهار سنڌي، مهيش ڪمار ناز سنائي، نجم پنهور، نور محمد پٽو واحد پارس هيسباڻي، وفا منظور چوهاڻ، وهاب جروار وفا گولو.

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي ادبي تاريخن جي اشاعت جي ڏس ۾ پهريون ڀيرو اسان 'سنڌي ٻوليءَ جي ادب جي تاريخ' ٽن جلدن ۾ ڇپائي پڌري ڪري رهيا آهيون. هن ادبي تاريخ ۾ پوين ڏيڍ سؤ سالن دؤران ٻارن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل نثري توڙي شعري ادب جو تحقيقي جائزو ٻارن جي رسالن ۽ ڪتابي سلسلن جو مڪمل تفصيل، سنڌي اخبارن پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي هفتيوار صفحن ۽ انهن سان لاڳاپيل علمي ادبي تنظيمن جو تحقيقي جائزو ريڊيو ۽ ٽي ويءَ جي پروگرامن جا تفصيل ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ اديبن ۽ شاعرن توڙي ايڊيٽرن جا مڪمل تعارف شامل ڪيا ويا آهن. اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي هي جامع تاريخ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي شاگردن توڙي محققن لاءِ هڪ اهم تحقيقي ۽ حوالاجاتي مواد طور ڪم ايندي.

ٻارن جي ادب جي تاريخ جي هنن ٽنهي جلدن تي ماهراڻي راءِ ۽ ايڊيٽنگ جو ڪم ڊاڪٽر ادل سومري، جناب نصير مرزا ۽ جناب مختيار ملڪ ڪيو آهي، ان لاءِ آئون هنن صاحبن جو ٿورائتو آهيان. گڏوگڏ پنهنجي اشاعتي ٽيم جي محنتن ڪي پڻ ساراهيان ٿو جن وقت سر هن اهم تحقيقي ڪم کي ڇپرائي پڌرو ڪيو.

سرفراز راڄڙ

چيئرمئن

30 مئي، 2016ع

حيدرآباد، سنڌ

# پنهنجي پاران

سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ٻارن جي ادب جي تاريخ' جو ٻيو جلد اوهان جي هٿن ۾ آهي. سچ ته مون کي اڄ بيحد خوشي ٿي رهي آهي، جو منهنجو خواب ڏهن سالن جي عرصي کان پوءِ تعبير تي پهتو آهي ۽ هن اهم تحقيقي ڪم جا ٽي جلد ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. گذريل ڏهن سالن کان وٺي مون مسلسل هي ڪم پئي ڪيو آهي - ۽ جيئن ته هن ڪم کي پنهنجي وت ست آهر معياري بنائڻ ۽ تحقيقي گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ مون کي فيلڊ ورڪ ڪرڻ ۽ لائبريريون ڦلهورڻ جي ضرورت هئي، ان ڪري هن ڪم کي مڪمل ٿيندي ٿيندي ڏهن سالن جو عرصو ٿي ويو.

سنڌي ادب جون تاريخون گهڻي ڀاڱي هڪٻئي جو ئي 'آئينو ۽ اولڙو' آهن. انهن ۾ شامل مواد، سنڌيءَ جي ٻين اڳاٽين ادبي تاريخن ۾ آسانيءَ سان ميسر آهي، جن کي آڏو رکي نيون تاريخون لکيون پئي ويون آهن. پر ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ٻارن جي ادب جي تاريخ' تي پهريون پيرو ڪم ٿيو آهي، ان ڪري مون کي حوالاجاتي مواد طور، سواءِ چند ادبي تاريخن جي، ٻيون ادبي تاريخون ڪا گهڻي مدد نه ڪري سگهيون. نتيجي طور مون کي لائبريريون ڦلهورڻيون پيون، پراڻيون اخبارون ڏسڻيون پيون ۽ مختلف شهرن ۾ وڃي فيلڊ ورڪ ڪرڻو پيو.

هن جلد ۾ شامل مواد لاءِ مون سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل ٻارن جي ڪيترن ئي رسالن جا مڪمل سيٽ خريد ڪيا، انٽرنيٽ تي مواد جي ڳولا ڪئي، اي ميل ذريعي هندستان مان مواد گهرايو. مختلف لائبريرين ۾ ويهي ڪم ڪيو. جڏهن ته مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل خبرن ۽ ٻي معلومات کي آڏو رکي پڻ فيلڊ ورڪ ڪيو جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي ڪاميابي حاصل ٿي.

هن جلد ۾ شامل مواد جيّ سلسلي ۾ جن دوستن منهنجي مدد ڪئي، تن جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. منهنجي دوست **وفا مولابخش** جڏهن سنڌي ٻاراڻي ادب جي هڪ مخصوص دؤر تي ايم.اي جو

مونوگراف پئي لکيو تہ اسان ھڪبئي کي مواد ڏنو ۽ ورتو. ڪن رسالن بابت تفصيل ھُن مون کي ڏنا تہ ڪجھہ مواد مون کيس ڏنو. تحقيقي رھنمائيءَ جي ڏس ۾ ھميشہ مون سائين **تاج جويي** ۽ **ڊاڪٽر اسحاق سميجي** کان مدد ورتي، جڏھن تہ دوستن **خالد پٺي**، **احسان لغاري**، **عاطف وگھيي**، **عبدالحئي پٽي**، **سھيل ڪنڀر** ۽ **زبير سومري** کي جڏھن جڏھن بہ ان ڏس ۾ ڪا معلومات پئي ملي تہ انھن مون سان پئي ونڊي، ان ڪري آئون انھن سڀني دوستن جو نھايت ٿورائتو آھيان.

ھن تحقيقي ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾ شايد اڃا بہ گھڻي دير ٿئي ھا، پر مسلسل ٽن مھينن تائين منھنجي دوست **زبير سومري** مون سان گڏ ويھي ھن ڪم کي تڪميل تائين پھچائڻ ۾ منھنجي مدد ڪئي، مواد ڪمپوز ڪيو. دوستن سان فون تي رابطا ڪيا ۽ ائين ئي ھي مڪمل ٿيو. ان کان سواءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمئن **سائين سرفراز راڄڙ صاحب**، پنھنجي سائين ۽ شعبي جي ڊائريڪٽر **امين لغاري**، **اسدالله پٽي**، **نعيم ديسوالي** ۽ گڏ ڪم ڪندڙ ٻين دوستن جو نہ رڳو تعاون حاصل رھيو پر انھن ھن ڪم جي تڪميل ۽ اشاعت جي ڏس ۾ پڻ وڏي دلچسپي ورتي، ان لاءِ آئون سندن ٿورائتو آھيان. خوشيءَ جھڙي ڳالھہ آھي جو منھنجي سائين **نصير مرزا** نہ رڳو ھن جلد جي ايڊيٽنگ ڪئي آھي، پر وقت بوقت پنھنجي مفيد مشورن سان نوازيو جنھن لاءِ آئون سندس احسانمند آھيان.

ھن موقعي تي آئون پنھنجي پياري ياءُ ۽ دلبر دوست **قربان عليءَ** کي ياد ڪرڻ کان سواءِ رھي نہ ٿو سگھان، جنھن جي وڏي خواھش ھئي تہ منھنجو ھي تحقيقي ڪم جلدي ڇپجي منظرعام تي اچي ۽ ھُو ڪيترو ئي عرصو مون سان ھن ڪم ۾ ھٿ ونڊائيندو رھيو. اڄ ھي ڪم مڪمل ٿي اوھان جي ھٿن ۾ آھي، پر قربان نہ آھي! ڪاش ھُو ھجي ھا تہ اڄ ڪيس ڪيڏي نہ خوشي ٿئي ھا.

**- خالد آزاد**
30-05-2016

F#105-106 VIP Luxury
Apartments, Qasimabad,
Phase I, Hyderabad,
Sindh.

## باب پهريون

# ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيل رسالا:

[1947 -1914]

# ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيل ٻارن جا رسالا

[1914ع – 1947ع]

سنڌ اندر ٻارن ۾ علم ۽ ادب ڏانهن چاهہ وڌائڻ، ٻارن کي سماج ۾ سرگرم ڪرڻ، کين پنهنجي ٻولي، ثقافت، ادب، تهذيب ۽ تاريخ سان سلهاڙڻ جي ڏس ۾ **'ٻارن جي علمي ۽ ادبي رسالن'** جو تمام وڏو ڪردار آهي. ٻارن لاءِ ڪنهن بہ نثري توڙي شعري ڪتاب جي ڀيٽ ۾ **'رسالو'** ان ڪري بہ وڌيڪ پسند ڪيو ويندو آهي، جو ان ۾ ٻارن لاءِ هڪ ئي جاءِ تي ڪهاڻيون، شاعري، لطيفا، معلوماتي مضمون، انعامي سلسلا ۽ ٻيو دلچسپ مواد شامل هوندو آهي. اهڙيءَ ريت هڪ رسالو مُدي وار (Periodical) هجڻ جي ڪري ٻارن جي انتظار ۽ اُتساهہ جو بہ سبب بڻجندو آهي تہ گڏوگڏ هڪ رسالو ٻارن کي سنڌن زندگيءَ جو پهريون پليٽ فارم مهيا ڪري ٿو جنهن تان اهي ابتدائي طور پنهنجون ڪچيون ڦڪيون لکڻيون موڪلي، پنهنجو نالو شايع ڪرائي خوش ٿيندا آهن– ۽ اڳتي هلي ٻارن جون اهي ڪچيون ڦڪيون لکڻيون ئي کين ادب جي آسمان تي چمڪندڙ ستارو بڻائڻ ۾ بنياد فراهم ڪنديون آهن. اهڙيءَ ريت ٻارن جو رسالا ئي اها بنيادي نرسري هوندا آهن، جن ذريعي ادب ۾ نئين ٿهي پيدا ٿئي ٿي ۽ اڳتي هلي اهي ئي ٻار سنڌ جي ادبي، سماجي، سياسي ۽ تعليمي اُفق تي روشن صبح جي نويد تي اُڀرن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيئن تہ ٻارن لاءِ ڪتاب لکڻ، ترجمو ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ جو سلسلو 1853ع ۾ **'عربي سنڌي لپيءَ'** جي رائج ٿيڻ کان سُتت ئي پوءِ شروع ٿيو هو ان ڪري گهڻو زور ترجمن ۽ درسي ڪتابن جي لکجڻ ۽ شايع ٿيڻ تي هو. ان دور ۾ پوءِ ٻارن جي ادبي ذوق وڌائڻ لاءِ ڪي ڪهاڻين ۽ شعرن جا ڪتاب پڻ شايع ٿيڻ لڳا هئا. پر ٻارن جي رسالن جي اشاعت جو سلسلو گهڻو پوءِ شروع ٿيو. سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪو پهريون ٻارن جو رسالو ملي ٿو اهو **'هوپفل اڪيڊمي ميگزين'** آهي، جيڪو مئي 1914ع ۾ **'هوپفل اڪيڊمي اسڪول شڪارپور'** (هاڻ ڪي گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر 2) مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. جيتوڻيڪ هي هڪ اسڪولي ۽ ڇهہ ماهي رسالو هو تنهن هوندي بہ هن رسالي ۾ ٻارن جي ادبي ذوق جو مواد شامل هوندو هو. **ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو** پنهنجي ڪتاب **'شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'** ۾ هن رسالي بابت تفصيل لکي ٿو:

"هن مئگزين ۾ شاگردن جا بهترين مضمون شايع ٿيندا هئا. 1914ع ۾ آغا غلام نبي جو **'صوفي جو خدا'** جي عنوان هيٺ مضمون شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ خدا جي وجود جو هئڻ دليلن سان ثابت ڪرڻ جي سٺي ڪوشش ڪيل آهي. **آغا صوفي** ان زماني ۾ فقط **'آغا'** جي نالي سان لکندو هو. ساڳئي پرچي ۾ **'شاگردن جي هٺوڪي هلت'** جي سري سان **فقير محمد علي بن خليفہ غلام حسين شيخ** جو مضمون شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ شاگردن جي استادن سان غلط برتاءَ تي لکيو ويو آهي. ان مضمون ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏنو ويو آهي تہ استاد جي شخصيت تمام گهڻي مان ۽ مرتبي واري آهي. **'سخاوت جو سٺو رستو'** جي عنوان هيٺ مئترڪ جي هڪ شاگرد **راڌا ڪرشن** جو بهترين مضمون بہ ان ئي پرچي ۾ ڏنل آهي. ان مئگزين جي

مضمونن مان معلوم ٿو ٿئي تہ انهيءَ مضمون ۾ گهڻي گهرائي
۽ معلومات آهي." [1]

هي مئگزين ٻن ڀاڱن تي ٻڌل هو جنهن ۾ هڪ سنڌي ۽ ٻيو انگريزي ڀاڱو هو. مئگزين ۾ استادن توڙي شاگردن جون تحريرون شايع ٿينديون هيون، جڏهن تہ مئگزين جي ادارت ۾ **ڪشنچند جيونداس**، **راڌا ڪرشن پارومل ۽ جهامنداس دوارڪاداس ڀاٽيا** شامل هئا.

هن اسڪولي رسالي کان پوءِ 1925ع ۾ حيدرآباد مان **ڪوڙي مل ساهتيہ منڊل** پاران **منوهر ڪوڙي مل** جي ايڊيٽريءَ ۾ تہ ماهي **'گلستان'** نالي سان هڪ رسالو شايع ٿيو. جيئن تہ هي رسالو پڻ ٽہ ماهي هو ان ڪري سنڌ جي ٻارن ۾ گهڻو مقبول نہ ٿي سگهيو. بعد ۾ هن رسالي جا ڪجهہ پرچا سکر مان شايع ٿيا. پنجن سالن جي وقفي کان پوءِ 1930ع ۾ **محمد صديق محمد يوسف ميمڻ** جي سرپرستي ۽ ايڊيٽريءَ ۾ ماهوار **'گلزار'** نالي سان ٻارن جو هڪ رسالو شايع ٿيو. جيئن تہ هي رسالو تعليم کاتي مان اسڪولن جي لاءِ منظور ٿيل هو ان ڪري هن رسالي اسڪولن اندر ٻارن ۾ مطالعي جي عادت وجهڻ لاءِ سٺو ڪم ڪيو.

1930ع ۾ ئي شڪارپور مان **منگهن مل سرتو مل بجاج هندو سنڌي اسڪول نمبر1** (هاٿوڪي لکي در پرائمري اسڪول) مان هيڊ ماستر **هولارام سهجرام** جي ادارت ۾ ٻارن جو رسالو ماهوار **'ٻالڪ'** شايع ٿيو. جيتوڻيڪ هي رسالو پڻ هڪ اسڪول مان شايع ٿيو پر جلد ئي هي رسالو آس پاس جي ٻين اسڪولن توڙي عام ٻارن ۾ مقبول ٿي ويو. ٻہ سال مسلسل شايع ٿيڻ کان پوءِ هي رسالو بند ٿي ويو ۽ مسلسل 5 سال بند رهڻ کان پوءِ 1937ع ۾ ساڳئي هيڊ ماستر يعني **هولارام سهجرام** جي ادارت ۾

[1] هڪڙو انور فگار ڏاڪٽر، 'شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'، ڇاپو پهريون، 2009ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

بيهر شايع ٿيڻ لڳو. بعد ۾ هيڊ ماستر صاحب ايڊيٽريءَ جا فرض پنهنجي ڌيءَ **مس دياونتي هولارام ٺڪر** جي حوالي ڪيا. جيڪا **نيو ايرا اسڪول** جي شاگرديائي هئي. **مس دياونتي** ايڊيٽريءَ جا فرض سنڀاليندي، شاگردن سان گڏجي هڪ بورڊ آف ڊائريڪٽرس قائم ڪري، رسالي کي سُڌارڻ ۽ سنوارڻ ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ڊاڪٽر **انور فگار هڪڙو** پنهنجي ڪتاب **'شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'** ڪتاب ۾ هن رسالي بابت وڌيڪ تفصيل لکي ٿو:

"ٻالڪ مئگزين نئين بورڊ آف ڊائريڪٽرس ۽ ايڊيٽوريل بورڊ جي نگرانيءَ ۾ نهايت ئي نئين رنگ ۾ نروار ٿيڻ لڳو. شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ان منفرد ٻاراڻي رسالي جي مواد جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته **'ٻالڪ مئگزين'** جي معياري مواد نه رڳو ٻارن کي پڙهڻ لاءِ متوجهه ڪيو پر لکڻ لاءِ به همٿايو. مئگزين جي پرچن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻيون بهترين ڪهاڻيون آهن: **'ٻال مندر'**: هوندراج داس (سيپٽمبر 1937ع) **'لومڙ ۽ ڪتو'**: گوپ مل تلومل ٺڪر (نومبر 1937ع) **'وڏي ۾ وڏي آڪاڻي'** مس دياونتي هولارام ٺڪر (ڊسمبر 1937ع)، **'مزيدار'**: امر ايڇ پرسراماڻي (ڊسمبر 1937ع)، **'گدڙ ڪانءَ ۽ هرڻ جي ڳالهه'**: محمد صديق هڪڙو (جنوري 1938ع)، **'دلير دل نينگر'**: لهرو مل پرسواڻي (جنوري 1938ع)، **'ميربحر ۽ سندس دوست'**: حسن علي محمد يعقوب سومرو (جنوري 1938ع) **'پنهنجي مدد پاڻ'**: (اپريل 1938ع) عبدالغني لطف الله جوڻي، **آڪاڻي هڪ ڪامل فقير جي**: ڪنئيا لعل (اپريل 1938ع) وغيره."[2]

---

[2] هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر، 'شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'، ڇاپو پهريون، 2009ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

متين عبارت مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن رسالي ٻارن جي علمي ادبي ضرورتن جي پورائي جي ڏس ۾ بنيادي ۽ اهم ڪم ڪيو ۽ ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيو.

هن دور جو سڀ کان اهم رسالو ماهوار **’گلستان‘** آهي، جيڪو 1933ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. هي رسالو سنڌ ۾ ٻارن جي پهرين مشهور علمي ادبي تنظيم **’ٻالڪن جي ٻاريءَ‘** پاران شروع ڪيو ويو هو جيڪو تنظيم جي سهاري هيٺ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويو. رسالي جو ايڊيٽر ۽ پبلشر **دادا شيوڪ پوڄراج** هو جڏهن تہ بعد ۾ **شريمتي پاروتي گدواڻي ۽ لعل چند امرڏنو جڳتياڻي** پڻ هن رسالي جا ايڊيٽر رهيا. هن رسالي جي قيمت هڪ آنو ۽ ساليانو چندو هڪ روپيو هو. پنجن سالن کان پوءِ مهانگائيءَ جي ڪري رسالي جي قيمت هڪ پئسو وڌائي ڪُل پنج پئسا ڪئي وئي ۽ اڳتي هلي ان جي قيمت ٻہ آنا ڪئي وئي. **ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي** پنهنجي ڪتاب **’سنڌي ٻال ساهتيہ‘** ۾، هن رسالي جي نومبر 1939ع جي پرچي جي ايڊيٽوريل جو ٽڪرو هن طرح ڏنو آهي:

”گلستان اخبار جو ڇهون سال سُک سان پورو ٿيو. سنڌ ۾ اخبارون هينئر وڌنديون پيون وڃن پر ٻارن جي ڏانوَ جون نہ الائجي ڇو؟ ٻارن کي اخبارن پڙهڻ جو اهڙو ئي شوق آهي، جهڙو وڏن کي. هُو بہ چاهين ٿا تہ پنهنجو قلم هلايون، پنهنجا خيال ونڊيون ۽ ورهايون. انهيءَ ڪري ٻارن گلستان اخبار کي چڱيءَ طرح پئي همٿايو آهي ۽ اسان پڻ ڪوشش ڪري ٻارن جي ڏانوَ جا ليک، ٻاراڻا گيت، آکاڻيون، رانديون، پروليون، حساب وغيره پئي وڌا آهن. منجهس هنري تجويزون، مهاپرشن جا جيون چرتر بہ ڏنا ويندا آهن. تعليم کاتي وارن، اسڪولن کي گلستان اخبار وٺڻ جي منظوري ڏني آهي. گلستان اخبار ۾ مورتون گهڻيون ڏنيون وينديون آهن، جنهن

تي البت خرچ اچي ٿو وڃي. گهڻا بلاڪ تہ پُشپ اخبار ۾ ڪم آندل ڏنا ويندا آهن. ڪي بلاڪ هندو پريس مان ورتا ويندا آهن، تنهن هوندي بہ سال بہ سال ڏاڍو نقصان پئي پيو. انهيءَ ڪري گذريل سال پرچي جي قيمت هڪ آني مان وڌائي پنج پيسا ڪئي ويئي آهي."[3]

دادا شيوڪ يوڳراج پنهنجي هن ايڊيٽوريل ۾ هن **'رسالي'** کي **'اخبار'** ڄاڻايو آهي، جيڪا ڳالهہ منهنجي هن تحقيق جي سلسلي ۾ نئين ۽ مُنجهائيندڙ هئي. بعد ۾ مون هندستان ۾ **ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي** توڙي هتي سنڌ ۾ سينئر اديبن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ اهو رسالو اصل ۾ اخبار ٽائيپ رسالو هو جيڪو سائيز ۾ بہ ذري گهٽ اڌ اخبار جيترو هو. ان ڪري ئي هن رسالي کي **'اخبار'** چيو ويندو هو ڇاڪاڻ تہ رسالي ۾ ٻين اخبارن جي تصويرن جا بلاڪ بہ ڪم آندا ويندا هئا.

ٻارڙن جي هن مشهور رسالي جي شاعريءَ واري ڀاڱي جا انچارج **لڇمڻ جي پنجواڻي 'سائل'** ۽ **هري درياڻي دلگير** پڻ رهيا آهن. هي رسالو سنڌ جي ٻارڙن ۾ پنهنجي دور جو سڀ کان وڌيڪ مقبول رسالو رهيو آهي. بعد ۾ ورهاڱي کان پوءِ هوندراج بلواڻي، احمدآباد، هندستان مان هن نالي سان رسالو شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو پڻ گهڻو مقبول ٿيو.

هن دور جو هڪ ٻيو انتهائي مقبول رسالو ماهوار **'سُڌرشن'** آهي، جيڪو 1937ع ۾، شڪارپور مان جاري ٿيو. **بهاري لال هري رام ڇاٻڙيا** هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هي رسالو **سنتداس رام چند ڀاٽيا** جي شڪارپور گزيٽ پريس مان ڇپبو هو. **ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو** پنهنجي ڪتاب **'شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'** ۾ هن رسالي بابت وڌيڪ تفصيل لکي ٿو:

---

[3]. بلواڻي، ڊاڪٽر هوندراج، سنڌي ٻال ساهتيہ، ڇاپو ٻيو، ڇاپيندڙ سنڌي ساهت گهر، سال 2007.

"جنوري- فيبروري 1938ع ۾ هن رسالي جو ساليانو پرچو شايع ڪيو ويو هو. هن پرچي ۾ **شيخ مبارڪ علي 'اياز'** جو سندس ٻالڪپڻ واري دؤر ۾ **'مردِ خدا'** جي عنوان سان هڪ نظم شايع ٿيو هو جيڪو هن هيٺ پيش ڪجي ٿو:

نہ غم دنيا جو آ ان کي،
نہ دنيا کان ڪنارو آهہ،
نہ ڏيٺو آهہ نہ وٺو آهہ،
نہ حيلو آهہ نہ چارو آهہ،
نہ پنهنجي سان محبت آهہ،
نہ نفرت غير سان ان کي،
سين ۾ ذات حق ڏسٺو
اهو ان جو نظارو آهہ.[4]

هن دور جي ٻين اهم رسالن ۾ ماهوار **'گلزار'** پڻ شامل آهي، جيڪو 1930ع ۾ ٺٽي حيدرآباد مان **محمد صديق محمد يوسف ميمڻ** جي سرپرستيءَ ۽ ايڊيٽريءَ هيٺ شايع ٿيو. ساڳئي سال **امر لعل هنگوراڻي** ڪراچيءَ مان ٻارن لاءِ ادبي رسالو **'قلواڙي'** جاري ڪيو. 1931ع ۾ **يونيورسل چلڊرن گلڊ، ڪراچيءَ** پاران، **پگوان سي ٽڏاڻي** ٻارن جو رسالو **'ٻال متر'** شايع ڪرڻ شروع ڪيو. 1934ع ۾ هوپفل انگلش اسڪول ۽ ٻينڊ آف هوپس جي سهاري هيٺ، **عبدالله عباسيءَ** جي ايڊيٽريءَ هيٺ ماهوار **'ٻالڪ'** جاري ٿيو. 1937ع ۾ **پوهومل رامجي مل ڪيمچنداڻيءَ** جي ايڊيٽريءَ ۾ دادوءَ مان ماهوار **'پُشپ'** رسالو جاري ٿيو. 15 اپريل 1938ع کان **نارائڻداس ايل بولاڻي** (نماڻي) جي ادارت ۾ شڪارپور مان رسالو 'موج'

---

[4] هڪڙو انور فگار ڍاڪڻ، 'شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'، ڇاپو پهريون، 2009ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

جاري ٿيو. شڪارپور مان شايع ٿيندڙ رسالن ۾ هن رسالي جو پڻ وڏو ڪم ۽ ڪردار آهي. سيپٽمبر 1940ع ۾ پارت پبلشنگ هائوس، بندر روڊ، ڪراچيءَ پاران پندرهن روزه رسالو **'ٻاراڻيون ٻوليون'** جاري ٿيو 1941ع ۾ **ميلارام منگترام واسواڻي**، **'سندر ساهتيه منڊل'** پاران ماهوار رسالو **'گل ڦل'** جاري ڪيو ويو ۽ 1947ع ڏاري دڙي، ضلعي ٺٽي مان **موتي پرڪاش** ٻارن جو رسالو **'ٻال سنديش'** جاري ڪيو.

اهڙيءَ ريت 17 سالن جي ان مختصر عرصي ۾ ٻارن لاءِ 15 رسالا شايع ٿيا، جن مان ڪن هڪ ٻن ڪي ڇڏي باقي رسالا سالن جا سال سنڌ جي ٻارڙن جي علمي ادبي آبياري ڪندا رهيا. هن دور جي سيني ڪان اهم ٽن رسالن ۾: **دادا شيوڪ ڀوڄراج** جو **'گلستان'** هولارام سهجرام جو **'ٻالڪ'** ۽ بهاري لال هري رام ڇاٻڙيا جو **'سدرش'** شامل آهن. **'گلستان'** رسالو پهريون ڀيرو 1933ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيڻ ڪان پوءِ، ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ مختلف وقتن تي هندستان جي مختلف شهرن مان شايع ٿيندو رهيو ۽ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اڄ به شايع ٿي رهيو آهي.

سال 1914ع کان 1947ع تائين سنڌ جي مختلف شهرن مان جيڪي رسالا شايع ٿيا، تن جو مڪمل تفصيل هيٺينءَ ريت آهي:

### ڇهه ماهي 'هوپفل اڪيڊمي ميگزين' (شڪارپور):

مئي 1914ع ۾ هوپفل اڪيڊمي (هاٽوڪي گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر 2) شڪارپور پاران **'هوپفل اڪيڊمي ميگزين'** شروع ڪيو ويو. جيڪو شاگردن جو ڇهه ماهي رسالو هو. هيءُ ٻارن لاءِ خاص ادبي پرچو نه نه بلڪ هڪ اسڪولي رسالو هو. تنهن هوندي به ان ۾ ٻارن جي ادبي ذوق جو مواد شامل هوندو هو. هن مئگزين جي ادارت ۾ **ڪشنچند جيونداس، راڌا ڪرشن پارومل ۽ جهامنداس دوارڪاداس پاتيا** شامل

هئا. هي مئگزين ٻن ٻاڱن تي ٻڌل هو جنهن ۾ هڪ سنڌي ۽ ٻيو انگريزي ڀاڱو هو. مئگزين ۾ استادن توڙي شاگردن جون تحريرون شايع ٿينديون هيون. هيءُ رسالو سکر جي مسٽر مولچند ڀاڳچند جي **'ايڊورس پريس'** مان شايع ٿي، مسٽر **واڌو مل ويڙهومل گوڪلاڻي**، مئنيجر هوپفل اڪيڊميءَ جي آفيس مان پڌرو ٿيندو هو. رسالي جي قيمت **ڇهه آنا** هوندي هئي.

**'هوپفل اڪيڊمي مئگزين'** جي ڊسمبر 1914ع جي اشاعت ۾ جهامنداس ڀاٽيا جو مضمون **'نصيحت آميز نظارو'** شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ بهار جي مند ۾ صبح جي وقت باغ جي سير جي بهترين منظر ڪشي ڪئي وئي آهي. ان ئي پرچي ۾ **آغا صوفي** جو هڪ مضمون شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ سنگت ۽ صحبت تي روشني وڌل آهي. **مسٽر سڳني مل ٻڌاڻي** جو مضمون **'سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي'** بہ ان ئي پرچي ۾ ڏنل آهي، جيڪو پڻ لڳ ڀڳ آغا جي مضمون جهڙو آهي. **البت** هر هڪ جي لکڻي منفرد آهي.

## ٽماهي 'گلستان' (حيدرآباد):

هن نالي سان پهريون پيرو 1925ع جي نومبر مهيني ۾ **'ڪوڙي مل ساهتيہ منڊل'** پاران **منوهر ڪوڙي مل** جي ايڊيٽريءَ ۾ هڪ رسالو حيدرآباد مان جاري ٿيو. هن رسالي ۾ ٻارن لاءِ اخلاقي، علمي ۽ معلوماتي آکاڻيون ڏنيون وينديون هيون ۽ رسالي جو انداز ۽ ٻولي پڻ سٺي هئي. رسالي جو چوٿون پرچو ۽ پوءِ جا ٻيا پرچا سکر مان ڇپيا. ڏهہ نوان گراهڪ ٺاهي ڏيندڙن کي هڪ رسالو مفت ۾ ڏنو ويندو هو. هي رسالو **هند آفتاب پرنٽنگ پريس** حيدرآباد ۽ **امر پرنٽنگ پريس سکر** ۾ ڇپبو هو.

## ماهوار ’گلزار‘ (حيدرآباد):

هي رسالو **محمد صديق محمد يوسف ميمڻ** جي سرپرستي ۽ ايڊيٽريءَ هيٺ 1930ع کان حيدرآباد مان شايع ٿيڻ لڳو. هن رسالي ۾ اسڪولي ٻارن لاءِ تعليمي، ادبي ۽ تاريخي مضمون شايع ٿيندا هئا. رسالو تعليم کاتي پاران منظور به ٿيل هو. هن رسالي ٻارن ۾ مطالعي جي عادت جهڙ لاءِ سٺو ڪم ڪيو. هيءُ رسالو **اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد ۽ مسلم ادبي پريس ٽنڊي ولي محمد** مان ڇپبو هو.

## ماهوار ’ٻالڪ‘ (شڪارپور):

شڪارپور جي مشهور پرائمري تعليمي اداري **هندو سنڌي اسڪول نمبر-1** (هاٿوڪي لکي در پرائمري اسڪول) مان **’ٻالڪ مئگزين‘** جي نالي سان هڪ رسالو **هولارام سهجرام** جي ادارت ۾ پهريون پيرو سال 1930ع ۾ جاري ٿيو. جيڪو سن 1932ع **تائين** شايع ٿيندو رهيو. ان کان پوءِ **ٻالڪ مئگزين** مسلسل پنج سال بند رهڻ کان پوءِ مئي 1937ع کان ٻيهر ساڳئي هيڊ ماستر جي ادارت هيٺ پڌرو ڪيو ويو. مئي 1937ع **تائين** هن ننڍڙي رسالي جي ايڊيٽريءَ جا فرض نڀاهڻ کان پوءِ **ٺڪر هولارام سهجرام** پنهنجي ڌيءَ مس **دياونتي هولارام ٺڪر** جي حوالي ڪيا. جيڪا **نيو ايرا اسڪول** جي شاگردياڻي پڻ هئي. **مس دياونتي** ايڊيٽريءَ جا فرض سنڀاليندي شاگردن سان گڏجي هڪ **’بورڊ آف ڊائريڪٽرس‘** قائم ڪري رسالي کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. بورڊ جي ميمبرن ۾ جيڪي ٻار شامل هئا، تن ۾ **رانجهو مل اين ننڌواڻي** (شاگرد گورنمينٽ هاءِ اسڪول)، **سومار علي ايڇ سومرو** (شاگرد گورنمينٽ هاءِ اسڪول)، **ٻلديو ايڇ ٻجاج** (اڪيڊمي هاءِ اسڪول)، **هرگنداس ڪي پرسواڻي** (اڪيڊمي هاءِ اسڪول)، **لهرومل ايس پرسواڻي** (پريتم ڌرم سڀا هاءِ اسڪول) ۽ **مرليڌر ڪي آهوجا** (نيو ايرا اسڪول) شامل هئا. ان کان

سواءِ '**ٻالڪ مئگزين**' لاءِ **مس دياونتي هولارام ٺڪر** جي ادارت ۾ هڪ ايڊيٽوريل بورڊ پڻ جوڙيو ويو. جنهن ۾ ايڊيٽر **مس دياونتي هولارام ٺڪر** سميت، جوائنٽ ايڊيٽر **هوندراج داس**، **ڪشنچند ديا سنگهه** سيڪريٽري، **ٺڪر هولارام سهجرام** خزانچي ۽ **رامچند ويرومل** آڊيٽر هئا.

ٻارڙن جي هن مشهور رسالي '**ٻالڪ مئگزين**' شڪارپور توڙي آسپاس جي شهرن جي ٻارن ۾ علمي ادبي چاهه پيدا ڪيو. هن رسالي ۾ بنا ڪنهن مذهبي متڀيد جي، ٻارڙن جون تحريرون شايع ٿينديون هيون. '**ٻالڪ مئگزين**' ان وقت ٻارڙن ۾ نه رڳو پڙهڻ جو چاهه پيدا ڪيو پر مضمون لکڻ ۽ شعرلکڻ لاءِ به ٻارن ۾ همٿ پيدا ڪئي. هن رسالي ۾ نه رڳو اسڪولي ٻارڙن جا ليک شايع ٿيندا هئا، پر استادن جي مضمونن کان علاوه ٻين رسالن تان معلوماتي مضمون کڻي شڪريي سان شايع ڪيا ويندا.

## ماهوار 'گلستان' (ڪراچي):

ٻارڙن جو هي علمي ادبي رسالو ماهوار '**گلستان**' ورهاڱي کان اڳ سنڌي ٻارڙن جو سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ مقبول رسالو هو. هي رسالو 1933ع ۾ ڪراچيءَ مان شروع ڪيو ويو هو. سنڌ ۾ ٻارن جي پهرين ۽ مشهور تنظيم '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' پاران شروع ڪيل ان رسالي جو ايڊيٽر ۽ پبلشر **دادا شيوڪ پوڄراج** هو. جيئن ته سڄيءَ سنڌ ۾ '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جون شاخون هيون، ان ڪري هن رسالي جا پڙهندڙ ۽ خريدار به گهڻا هئا. ڊبل ڪرائون سائيز ۾ نڪرندڙ ٻارڙن جي هن مشهور رسالي '**گلستان**' ۾ ٻارن جي وندر ۽ سکيا لاءِ آکاڻين ۽ گيتن کان سواءِ ڪيترائي سلسلا پڻ شامل هئا. جهڙوڪ '**هتان هتان جون خبرون**'، '**راند رمت**' ۽ '**دادا جي دري**' وغيره. اهڙيءَ ريت **انعامي مقابلو خطن جا جواب، کل ته سهي، ننڍڙن جون لکڻيءَ ۾ ڪوششون**-جهڙن سلسلن ۾ ٻار شوق سان حصو وٺندا هئا. شروعات ۾ رسالي جا ايڊيٽر **شريمتي پاروتي ٽي**.

گدواڻي ۽ **دادا شيوڪ** پوڄراج هئا. اڳتي هلي **دادا شيوڪ** جي جڳهه تي **لالچند امرڏني مل جڳتياڻيءَ** کي شامل ڪيو ويو. جڏهن تہ مئنيجنگ ايڊيٽر رام بي. **موٽواڻي** هو. رسالي جي قيمت هڪ آنو ۽ ساليانو چندو هڪ رپيو هو. پنجن سالن کان پوءِ مهانگائيءَ ڪارڻ پرچي جي قيمت هڪ پئسو وڌائي، ڪل پنج پئسا ڪئي ويئي. بعد ۾ ان جي قيمت بہ آنا ڪئي ويئي. نومبر 1939ع جي پرچي ۾ لکيو ويو:

> ”ٻارڙن جي هن مشهوري رسالي **’گلستان‘** ۾ شاعريءَ واري ڀاڱي جي ذميواري ڪجهہ وقت **لڇمڻ جي**. **پنجواڻي ’سائل‘** نباهي. 1945ع کان وٺي ان سلسلي جو انچارج **هري درياڻي ’دلگير‘** کي ڪيو ويو جنهن کي 1947ع تائين هن صاحب تمام گهڻي اتساهہ سان نباهيو.“[5]

هي رسالو ڪوهنور پرنٽنگ ورڪس، بندر روڊ ڪراچيءَ مان ڇپيو.

## ماهوار ’سدرشن‘ (شڪارپور):

شڪارپور مان سن 1937ع ۾ **ٻهاري لعل هريرام چاٻڙيا** جي ادارت ۾ **’سدرشن‘** نالي هڪ ٻاراڻو ماهوار رسالو جاري ٿيو جيڪو **سنتداس رامچند ڀاٽيا** جي **شڪارپور گزٽ پرنٽنگ پريس** مان ڇپبو هو. **’سدرشن‘** رسالي ۾ گهڻو ڪري **نيو ايرا اسڪول** جي شاگردن جون تحريرون شايع ٿينديون هيون، جن ۾ **مرلي ڪوڏو مل، حڪمت آسراڻي، لڇمڻ ماکيجا، پرمون ڪوٽواڻي ۽ بي ايس رهيجا** گهڻو لکندا هئا.

جنوري- فيبروري 1938ع ۾ هن رسالي جو ساليانو پرچو شايع ڪيو ويو جنهن ۾ شيخ اياز جي نظم سميت ٻين جن ٻارڙن جون لکڻيون شايع ٿيون هيون، انهن ۾ **بي-ايس رهيجا** (ڪمار)، **مُرلي ولد ڪوڏومل ۽ حڪمت ايل آسراڻي** قابل ذڪر آهن.

---

[5] بلواڻي، هوندراج ’سنڌي ٻال ساهتيہ‘ ڇاپو ٻيو، سنڌي ساهت گهر، ص 206، حيدرآباد، سال 2007ع

**ماهوار ’پشپ‘ (دادو):**

ٻارن جو هيءُ رسالو دادوءَ مان **پوهو مل رامجي مل کيمچنداڻيءَ** جي ايڊيٽريءَ هيٺ مارچ 1937ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هيءُ رسالو **’وڏيارتي ٻالڪ منڊل‘** جي سهاري هيٺ دادوءَ مان شايع ٿيندو هو. ادبي، اخلاقي ۽ سماجي موضوعن تي مضمون، ٻارن لاءِ وندرائيندڙ آکاڻيون ۽ مُلڪي خبرون ڏنيون ويندڇون هيون. هيءُ رسالو **شيوا پرنٽنگ پريس، مُکي بازار دادوءَ** مان ڇپيو هو.

**ماهوار ’موج‘ (شڪارپور):**

شڪارپور مان ٻارن جو هي رسالو ماهوار **’موج‘** 15 اپريل 1938ع کان **ناراڻداس ايل بولاڻي ’نماڻي‘** جي ادارت ۾ نڪرڻ لڳو جيڪو پنڻ مل اتماڻيءَ جي **’دي اتماڻي پرنٽنگ پريس لکيدر شڪارپور‘** مان ڇپجي، موج جي آفيس **’واسلي جي کوهہ‘** وٽان (شڪارپور) پڌرو ٿيندو هو. **’موج‘** ۾ گهڻو ڪري **’پريتم ڌرم سيا هاءِ اسڪول‘ شڪارپور** جي شاگردن جا ليک ۽ گيت شايع ٿيندا هئا. **گوئندرام نڪر ۽ ناراڻداس لنڊ** هن رسالي ۾ گهڻو لکندا هئا. اداري پاران واسلي جي کُوهہ وٽ باقاعدي آفيس قائم ڪئي وئي هئي، جتان رسالو شايع ٿيندو هو.

**پندرهن روزه ’ٻاراڻيون ٻوليون‘ (ڪراچي):**

ٻارڙن جي وندر ۽ ورونهن لاءِ **’ٻاراڻيون ٻوليون‘** نالي سان هڪ پندرهن روزه رسالو سيپٽمبر 1940ع ڌاري، **پارت پبلشنگ هائوس، بندر روڊ**، ڪراچيءَ پاران جاري ٿيو. آر- **وي، ٽڏاڻي** هن رسالي جو روح روان ۽ ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ باتصور آکاڻيون ڏنيون وينديون هيون. هيءُ رسالو **شيام آفيسٽ ليٿو ورڪس ڪراچيءَ** مان ڇپيو هو.

**ماهوار ’گل ڦل‘(ڪراچي):**

سڀ کان پهرين هن نالي سان 1941ع ڌاري **ميلارام منگترام وسواڻي**، پنهنجي اداري **’سندر ساهيتا منڊل‘** پاران ماهوار رسالو ڪراچيءَ مان جاري ڪيو. هن رسالي ۾ ٻارن لاءِ شعر ۽ آکاڻيون ڏنا ويندا هئا. هيءُ رسالو ورهاڱي تائين شايع ٿيندو رهيو. رسالو **هندستان پريس ڪراچيءَ** ۾ ڇپيو هو.

**ماهوار ’دلبهار‘(حيدرآباد):**

ٻارڙن لاءِ هيءُ ماهوار **رسالو** 1947ع ڌاري جاري ٿيو. رسالي جي پهرئين پرچي جو سرو **’ڪوئن جي ڪانفرنس‘** هو. رسالي پاران خريدارن کي **’اڏند پلنگ‘** نالي هڪ ڪتابڙو پڻ ڏنو ويندو هو. 1947ع ۾ ورهاڱي جي ڪري هيءُ رسالو گهڻو هلي نہ سگهيو ۽ بند ٿي ويو.

# ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل رسالا ۽ ڪتابي سلسلا

[1947- 2016]

## الف: ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل رسالا:

1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ مجموعي طور سنڌي ٻولي ۽ ادب کي نقصان پهچڻ سان گڏ سنڌ ۾ تخليق ٿيندڙ ٻاراڻي ادب کي پڻ وڏو نقصان پهتو. ٻارن جا ڪيترائي رسالا، جيڪي ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيندا هئا، تن جا ايڊيٽر ۽ پبلشر هندستان لڏي ويا ۽ رسالا بند ٿي ويا. ٻين لفظن ۾ ٻارن جي علمي ۽ ادبي اوسر کي جڻ ته هڪ وڏو ڌڪ لڳي ويو. اهو ان ڪري به ته ورهاڱي کان اڳ، سواءِ ٻارن جي هڪ رسالي ماهوار 'گلزار' جي، باقي سمورن رسالن جا ايڊيٽر ۽ پبلشر هندو هئا. جڏهن ته ماهوار 'گلزار'، حيدرآباد به ٻارن لاءِ ڪو گهڻو مقبول رسالو نه هو. ان ڪري ننڍي کنڊ جو هيءُ ورهاڱو سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب کي به جڻ ته پاڻ سان گڏ ورهائي ويو. ٻارن جي مشهور رسالي 'گلستان' جو سرواڻ دادا شيوڪ پوجراج ته اڳ ئي هندستان لڏي ويو هو جڏهن ته ورهاڱي کان پوءِ دادي پاروتي گدواڻي به هندستان لڏي وئي ۽ 'گلستان' سان گڏ ٻالڪن جي

**ٻاريءَ** جو سلسلو پڻ ختم ٿي ويو. اهڙيءَ ريت هندو پبلشرن، اديبن ۽ صحافين جي لڏي وڃڻ جي ڪري ٻارن جا سڀ رسالا بند ٿي ويا.

ورهاڱي کان پوءِ ٻارن جي رسالن جو سلسلو هڪ ڀيرو ٻيهر شروع ڪرڻ جو ڪريڊٽ حيدرآباد جي ٻن اديب ڀائرن **غلام مرتضيٰ پٽي** ۽ **مقبول احمد پٽيءَ** ڏانهن وڃي ٿو جن ٻارن جي ادب جي کوٽ کي پورو ڪرڻ جي ڏس ۾ پهريون رسالو ماهوار **'گلستان'** 1951ع ۾ حيدرآباد مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو. هي رسالو ورهاڱي کان اڳ **دادا شيوڪ پوڄراج** جي ٻارن جي مشهور رسالي **'گلستان'** جي طرز تي، انهيءَ نالي سان شايع ڪيو ويو. جنهن سنڌ ۾ ٻارن جي رسالن جي کوٽ کي پوري ڪندي، سنڌ جي ٻارڙن کي هڪ علمي ادبي پليٽ فارم ڏنو.

**پٽي برادران** نه رڳو ٻارن جو هي رسالو شايع ڪرڻ شروع ڪيو پر ٻارن جي علمي ۽ ادبي ڪتابن جي اشاعت لاءِ ادارا ۽ تنظيمون به قائم ڪيون. جيئن ته هي رسالو با تصوير هو ان ڪري هي رسالو تعليم کاتي پاران اسڪولي ٻارن لاءِ منظور ٿيل هو. وچ ۾ ڪجهه عرصو رسالو بند ٿيڻ کان پوءِ 1956ع ۾ ٻيهر شايع ٿيو ۽ 1960ع تائين مسلسل شايع ٿيندو رهيو. چئي سگهجي ٿو ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ هي پهرين سنجيده ڪوشش هئي، جنهن گهٽي ڀاڱي ورهاڱي کان پوءِ ٿيل سنڌي ٻاراڻي ادب جي نقصان جو پورائو ڪيو. جيتوڻيڪ 1950ع ۾ سنڌ مدرسه اسڪول انتظاميه پاران شاگردن ۾ لکڻ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ آڪٽوبر مهيني ۾ اسڪول سطح تي هڪ رسالو 'اميد' پڻ جاري ڪيو ويو پر ڇاڪاڻ ته اهو هڪ اسڪولي رسالو هو ۽ خالص ٻاراڻي ادب جو رسالو نه هو، ان ڪري ماهوار **'گلستان'** کي ئي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جو پهريون علمي ادبي رسالو تصور ڪري سگهجي ٿو.

ان دوران ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ هڪ وڏو ۽ تاريخي ڪم 1959ع ۾ ٿيو جڏهن **سنڌي ادبي بورڊ** ڄام شوري پاران ٻارن جو ماهوار علمي ادبي رسالو **’گل ڦل‘** شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سرڪاري سطح تي ٻارن جي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ جي ڏس ۾ هي پهرين سنجيده ڪوشش هئي. **سنڌي ادبي بورڊ** پاران سائين **محمد ابراهيم جويي** جي سرپرستي ۾ **غلام رباني آگري** جي ادارت ۾ جاري ٿيندڙ **’گل ڦل‘** رسالي نہ صرف ٻارن ۾ علمي ادبي ذوق پيدا ڪيو پر سڄي سنڌ ۾ ٻارن جون **ڦلواڙيون ۽ ادارا** پڻ قائم ٿيڻ لڳا.

**’گل ڦل‘** جي اشاعت جي شروعات سائين **محمد ابراهيم جويي** 1959ع ڪئي هئي، جيتوڻيڪ جويو صاحب ان وقت سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو پر **’گل ڦل‘** جي شايع ڪرڻ ۾ سندس ذاتي دلچسپي هئي. جناب غلام رباني آگرو **’گل ڦل‘** جو ان وقت جو ايڊيٽر، سال 1963ع جي سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جي گڏيل پرچي جي ايڊيٽوريل ۾ لکي ٿو:

> ”اسان جي پيارن پڙهندڙن کي ياد هوندو تہ 1959ع ۾ **’گل ڦل‘** جي اشاعت جي شروعات **سنڌي ادبي بورڊ** جي لائق سيڪريٽري **محترم محمد ابراهيم جويي** ڪئي هئي. جويو صاحب فيبروري 1961ع تائين بورڊ جو سيڪريٽري رهيو ۽ انهيءَ حيثيت ۾ **’گل ڦل‘** جو ناشر هو. چنانچہ **’گل ڦل‘** ۾ سندس شخصي دلچسپي ۽ اداري **’گل ڦل‘** سان سندس قرب ڀريئي تعاون سببان، سندس ايامڪاريءَ ۾ رسالو باقاعدي نڪرندو رهيو ۽ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو رهيو. فيبروري 1961ع ۾ جويي صاحب جي بورڊ ڇڏڻ کان پوءِ ويندي اڄ ڏينهن تائين **’گل ڦل‘ جي** اشاعت ۾ بدقسمتيءَ سان ڪنهن نہ ڪنهن ڪارڻ ڪري هميشہ رخنو پوندو رهيو آهي، جنهن لاءِ اسان کي سخت افسوس آهي. هاڻي، **’گل ڦل‘** جي پڙهندڙن

ڪي اهو معلوم ڪري بيحد خوشي ٿيندي تہ جويي صاحب تازو **سنڌي ادبي بورڊ** جي سيڪريٽريءَ جي عهدي جي چارج، اعزازي طور، وري اچي ورتي آهي. **'گل ڦل'** جو ٻوٽو محترم **محمد ابراهيم جويي** پنهنجن مبارڪ هٿن سان لڳايو هو. دعا آهي تہ هاڻي سندس آئي، **'گل ڦل' جي** چمن ۾ بهار جا ڏينهن موٽي ايندا ۽ ان جي ٽارين تي وري گل ڦل نڪرندا!"[6]

مٿين عبارت مان ظاهر آهي تہ **جويي صاحب** جي بورڊ ڇڏي وڃڻ سان **'گل ڦل'** جي اشاعت تي وڏو فرق پيو پر جڏهن 1963ع ۾ سائين محمد ابراهيم جويي ٻيهر سنڌي ادبي بورڊ جوائن ڪيو تہ **'گل ڦل'** جي اشاعت جو سلسلو هڪ ڀيرو ٻيهر شروع ٿيو.

1966ع ۾ سنڌ سرڪار جي **اطلاعات کاتي** ڪن قانوني پيچيدگين جو عذر ڄاڻائيندي **'گل ڦل'** جي ڊڪليئريشن رد ڪري ڇڏي، ان ڪري گل ڦل ساندهہ ست سال يعني 1966ع کان 1973ع تائين بند رهيو. جيڪو هڪ ڀيرو وري 1974ع جي جنوريءَ ۾ **شوڪت حسين شوري** جي ايڊيٽريءَ ۾ شايع ٿيڻ لڳو. سائين **شوڪت حسين شورو** ان وقت جو ايڊيٽر **'گل ڦل'** جنوري 1974ع جي **'گل ڦل'** جي ايڊيٽوريل ۾ هن رسالي جي اشاعت ۽ سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب تي روشني وجهندي لکي ٿو تہ:

"سنڌي زبان ۾ ٻاراڻي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي **سنڌي ادبي بورڊ** جنوري 1959ع کان **'گل ڦل'** رسالو شايع ڪرڻ شروع ڪيو. ٻارن جنهن جوش خروش سان رسالي ۾ دلچسپي ورتي، ان جو مثال نٿو ملي. سنڌ جي سمورن شهرن توڙي ڳوٺن ۾ **ٻارن جون ڦلواڙيون** قائم ٿيون. حيدرآباد ۽ ڪن ٻين شهرن ۾ ٻارن جا شاندار ميلا لڳا. ان ئي وقت سنڌيءَ ۾ ٻارن جا اڻ ڳڻيا ڪتابي سلسلا شايع ٿيڻ لڳا. اهو دور بلاشڪ

[6] ماهوار 'گل ڦل'، سيپٽمبر آڪٽوبر 1963ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

ٻاراڻي ادب جو سنهري دور هو ۽ ان جي اهميت ان ڪري بہ نهايت وڏي ۽ تاريخي آهي تہ ايوب شاهيءَ جي زماني ۾ سنڌي زبان تي جيڪي ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا هئا، تن کي هٽائڻ ۾ سنڌي ٻارن بہ وڏن سان گڏ ڀرپور حصو ورتو. سال 1966ع ۾ حڪومت رسالي 'گل ڦل' جو ڊڪليئريشن رد ڪري ڇڏيو جنهن ڪري رسالو بند ٿي ويو. آهستي آهستي ٻارن جا ٻيا ڪتابي سلسلا بہ بند ٿيڻ لڳا. افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ ان وقت کان وٺي ٻارن جي ادب ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو سو اڃا تائين پرجي نہ سگهيو آهي. جيئن پهرين ڄاڻايو ويو آهي، تہ 'گل ڦل' کي شايع ڪرڻ جو بنيادي مقصد سنڌي زبان ۾ ٻاراڻي ادب جي کوٽ کي پرڻ ۽ ٻارن کي پنهنجي پياري مادري زبان ۾ معياري ادب مهيا ڪرڻ آهي. ان ڏس ۾ اسين پنهنجي ليکي ۽ پنهنجي مٿي کٿي ڪامياب ٿيون، سا اڻ ٿيڻي آهي. ٻارن جو ساٿ تہ اسان کي کپي ئي، پر وڏن جو بہ ان ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ ضروري آهي. خاص ڪري پنهنجن وڏن اديبن کي اسان جي گذارش آهي تہ هو ٻاراڻي ادب جي اهميت ۽ قدر و قيمت کي نظر ۾ رکي، ٻارن جي لاءِ لکن. سنڌي زبان ۽ ان جي ادب جي پيڙهہ کي مضبوط ڪرڻ کان سواءِ ان جي ترقيءَ ۽ واڌاري جون ڳالهيون اجايون آهن. اسان سڀني کي خبر آهي تہ اها پيڙهہ اسان جا ٻار ئي آهن. اهي ئي اڳتي هلي پنهنجي زبان ۽ ادب جا رکوالا بنجندا. جيڪڏهن اسان مضبوط پيڙهہ رکڻ کان غفلت يا سستي ڪئي تہ پوءِ هوا جو هلڪو جهوٽو بہ اسان کي پاڙئون پٽي اڇلائي ڦٽو ڪري ڇڏيندو."[7]

سنڌي ادبي بورڊ جو هي ٻارن جو رسالو 'گل ڦل' ٻارن ۾ ايڏو تہ مقبول ٿيو جو سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن رسالي جي نہ تہ ڪا خاص ضرورت

[7]. ماهوار 'گل ڦل'، جنوري 1974ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو (ايڊيٽر: شوڪت حسين شورو)

محسوس ٿي نہ ٿي ڪو مستقل بنيادن تي ڪتاب رسالو شايع ٿيو. البت 1973ع ۾ بزم اطفال ميرپور خاص پاران ٻارن جو رسالو **'اطفال'** ۽ حيدرآباد مان ٻارن جو رسالو ماهوار **'گونج'** پڻ شايع ٿيا. پر پوءِ گهڻو وقت هلي نہ سگهيا. 1975ع ۾ پرواني سوهاڻي، سيوهڻ مان ناميار عوامي شاعر **استاد بخاريءَ** جي صلاح تي سلسليوار **'سرهاڻ'** جي نالي سان هڪ رسالو شايع ڪرڻ شروع ڪيو. شروعات ۾ هن کي ڪتابي سلسلو ڪري هلايو ويو جنهن جا اٺ (8) ڪن پرچا شايع ٿيا. جڏهن تہ بعد ۾ **مقصود گل** ڀين اديبن جي صلاح مشوري سان **پرواني سيوهاڻي 'سرهاڻ'** کي باقاعدي رسالي طور متعارف ڪرايو ۽ **فتاح هاليپوٽي** ڪان رسالي جو لوگو پڻ ٺهرايو. هن رسالي جا جا 100 ڪان مٿي پرچا شايع ٿيا. هي رسالو پنهنجي دور ۾ ٻارن جو انتهائي مقبول رسالو ثابت ٿيو جنهن سنڌ ۾ ڪيترائي نوجوان اديب پيدا ڪيا.

سال 1971ع ۾ جڏهن ناميارو اديب سراج، روزاني **'هلال پاڪستان'** جو ايڊيٽر ٿي آيو تہ ان اخبار ۾ ٻارن جي هفتيوار صفحي سان گڏ 1974ع ۾ **'گلن جهڙا ٻارڙا'** رسالي جو اجراءُ پڻ ڪيو. هيءُ رسالو 1978ع تائين باقاعدي شايع ٿيندو رهيو جنهن پڻ سنڌ جي ٻارڙن جي تمام گهڻي علمي ۽ ادبي آبياري ڪئي.

1978ع ۾ **'ساٿي ٻارڙا سنگت'** پاران ٻارن جو ماهوار رسالو **'ساٿي'** شروع ڪيو ويو. پر ملڪ ۾ سُتت ئي پوءِ مارشل لا لڳي وئي ۽ تنظيم ۽ رسالو بند ٿي ويا. هي رسالو پوءِ مختلف وقتن تي شايع ٿيندو رهيو جنهن جو پهريون ايڊيٽر **مهيش مليرائي** (مهيش ڪمار) هو. 1982ع ۾ هن رسالي جو نالو بدلائي **'ساٿي سماچار'** رکيو ويو. بعد ۾ روزاني **سنڌ ٽائيمس حيدرآباد** پاران 1980ع ۾ ٻارن جو ماهوار رسالو **'ٻالڪ'** شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. جنهن جو ايڊيٽر **نياز پنهور** هو. هن رسالي ٻارن ۾ چڱو علمي

ادبي چاهہ پيدا پئي ڪيو تہ رسالي کي ماهوار **’نئون نياپو‘** ۾ ضم ڪيو ويو. 1989ع ۾ **سڪندر سرواڻ** ڪراچيءَ مان ٻارن جو رسالو **’مُرڪ‘** جاري ڪيو جيڪو 1996ع تائين مسلسل شايع ٿيندو رهيو. هي رسالو بہ ان دؤر جي اهم رسالن ۾ شمار ڪيو ويجي ٿو.

1980ع کان وٺي 1990ع تائين سنڌ اندر ٻارن جي ڪتابي سلسلن جو دور آهي، جنهن دوران لاتعداد ڪتابي سلسلا شايع ٿيا. جيتوڻيڪ ڪتابي سلسلا بہ هڪ لحاظ کان ٻارن جا رسالا ئي هئا، پر اهي ماهوار بہ ماهي يا ٽہ ماهي بنيادن تي نہ هئا ۽ هر شماري جو عنوان ڌار ڌار هو.

1987ع ۾ ناميارې صحافي ۽ اديب **اسرار شام** حيدرآباد مان ٻارن جو رسالو **’سنڌي ٻارڙا‘** شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ هڪ ڪتابي سلسلو ئي هو پر اڳتي هلي **اسرار شام** ان کي هڪ سلسليوار رسالي طور شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو هر ٻئي مهيني حيدرآباد مان شايع ٿيڻ لڳو. هن رسالي ٻارن ۾ وڏو علمي ادبي شوق پيدا ڪيو. **اسرار شام** هن رسالي کي ٻارڙن تائين پهچائڻ لاءِ سنڌ جي استادن جو سهارو ورتو ۽ انهن کي **’ٻالڪ ادب دوست استاد‘** طور رسالي ۾ متعارف ڪرائي، کين ذميدار بنايو تہ اُهي استاد پنهنجن پنهنجن اسڪولن ۾ **’سنڌي ٻارڙا‘** جا شمارا ٻارن تائين پهچائين. ان کان سواءِ **اسرار شام** مختلف دوستن تي پڻ اها ذميداري رکي تہ اُهي **’سنڌي ٻارڙا‘** جا رسالا جهر جهنگ تائين پهچائين. هن رسالي سڄي سنڌ خاص طور تي لاڙ ٿر ۽ ناري وارن علائقن ۾ ٻارڙن ۾ وڏو علمي چاهہ پيدا ڪيو.

سال 1989ع ۾ **الطاف ملڪاڻي** ۽ سندس دوستن حيدرآباد مان ٻارن جو ماهوار رسالو **’لاٽ‘** پڻ شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو 1990ع تائين شايع ٿيندو رهيو. هي رسالو 5 پرچا شايع ٿيڻ بعد بند ٿي ويو ۽ 1993ع ۾ ٻيهر جاري ٿيو.

1990ع کان وٺي سال 2000ع تائين وارو ڏهاڪو سنڌ اندر ٻارن جي ماهوار، پندرنهن روزه، ٻہ ماهي ۽ ٽہ ماهي رسالن جو دور آهي. هنن ڏهن سالن دوران سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻارن جا 40 کان مٿي پندرهن روزه، ماهوار، ٻہ ماهي ۽ ٽہ ماهي رسالا شايع ٿيا. هن دور جي سرواٽي حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي **’گلستان‘** ڪئي، جيڪو **ناز سنائيءَ**، منصور پبلشنگ ايجنسي ۽ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران شايع ڪندو هو. هن رسالي سنڌ اندر ٻارن ۾ نہ رڳو علمي ادبي ذوق پيدا ڪيو پر ڪيترائي اديب ۽ ليکڪ پيدا ڪيا، جيڪي اڄ سماج جي مختلف شعبن ۾ پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن.

هن دور جو ٻيو اهم رسالو ڪراچيءَ مان **’ٻالڪ رنگ‘** جي نالي سان 1991ع ۾ **علي نواز ٻگهيي** شايع ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪو 6 سال شايع ٿيندو رهيو. ڪراچيءَ مان ڇپجڻ جي ڪري هي رسالو سنڌ جي ڳُنڀ ڪڙڇ ۾ تہ پهچي نہ سگهيو. البت هن رسالي پڻ سنڌ ۾ ٻارن اندر وڏو علمي چاهہ پيدا ڪيو. سنڌي ٻارن جو هي واحد رسالو هو جيڪو سنڌ سرڪار کان **’اي بي سي‘** ٿيل هو.

1992ع ۾ سياسي ۽ مذهبي پارٽي **’جماعت اسلامي‘** جي ٻارڙن جي تنظيم **’بزم ساٿيءَ‘** پاران ٻارن جو رسالو **’ساٿي‘** شايع ٿيو. جيڪو اڃا تائين ماهوار بنيادن تي شايع ٿيندو پيو رهي. جيتوڻيڪ هي رسالو تنظيم جو ترجمان رسالو آهي، پر تنهن هوندي بہ هن رسالي سنڌ اندر ٻارن ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ ادبي سرگرميون ڪرڻ جو وڏو شوق پيدا ڪيو. **الطاف لغاري، اختر حسين سمي ۽ ذيشان عابد** پنهنجي ادارت واري دور ۾ **’ساٿي‘** رسالي کي مخصوص تنظيمي دائري مان ٻاهر ڪڍي، سنڌ جي سمورن ٻارڙن لاءِ هڪ علمي، ادبي ۽ اصلاحي رسالي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ هو گهڻي ڀاڱي ڪامياب پڻ ويا. سندن اها ڪوشش ساراهہ

جوڳي هئي. ان کان سواءِ انهن ٽنهي ايڊيٽرن، ٻارن جي سينئر توڙي نوجوان ليکڪن کي خط لکي راضي ڪيو تہ اهي ماهوار ساڻيءَ لاءِ لکن. اهڙيءَ ريت ڪيترن ئي نوجوان ليکڪن توڙي سينئرن هن رسالي لاءِ لکيو.

1993ع ۾ سنڌ جي ٻن وڏين اخبارن **'روزاني عبرت'** حيدرآباد پاران ٻارڙن جو علمي ادبي رسالو پندرنهن روزه **'ارڇڪ مرڇڪ'** ۽ **'روزاني ڪاوش'** حيدرآباد پاران ٻارڙن جو ماهوار علمي ادبي رسالو **'ٻارڙن جو سنڌ رنگ'** پڻ شايع ڪيا. جيئن تہ هنن رسالن کي سنڌ جي ٻن وڏين اخبارن جو پسمنظر ۽ سهارو هو ان ڪري اخباري نيٽ ورڪ ذريعي هي ٻئي رسالا سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ آسانيءَ سان دستياب هئا. نتيجي ۾ هنن ٻنهي رسالن جي نہ رڳو سرڪيوليشن تمام گهڻي ٿي وئي، پر جيئن تہ هي ٻئي رسالا ٻارن تائين آسانيءَ سان پهچي رهيا هئا. ان ڪري ٻارن هنن ٻنهي رسالن ۾ وڏو چاهہ ورتو. ان کان سواءِ **مسعود لوهار** ۽ **قادر ڪنڌر** رسالي 'ارڇڪ مرڇڪ' ۽ **اسحاق سميجي** ۽ **الطاف ملڪاڻي** رسالي **'ٻارڙن جي سنڌ رنگ'** جا ايڊيٽر هئا. ان ڪري هنن پنهنجي محنت ۽ دلچسپيءَ سان هنن رسالن کي سنڌ جي ٻارن ۾ بيحد مقبول ڪيو.

1992ع ۾ ٺٽي ڄام مان ماهوار **'ناياب'**، 1993ع ۾ دادوءَ مان ماهوار **'چانڊاڻ'**، 1995ع ۾ پيان سعيد آباد مان ماهوار **'ڪنول'** ۽ سلسليوار **'ٻارڙن جي ٻاري'**، ٺٽي مان ٽماهي **'آس'**، ساڳئي سال راڄو نظاماڻيءَ مان سلسليوار **'دوستي'** پبليڪيشن پڻ شايع ٿيا. هي سڀ رسالا پنهنجي پنهنجي شهرن ۾ مشهور رسالا هئا، جن سنڌ جي ٻارن ۾ غيرنصابي سرگرمين کي هٿي ونرائي ۽ ادب ڏانهن چاهہ وڌايو.

1996ع ۾ **محبوب اي بلوچ** شڪارپور مان ٻارن جو رسالو **'مهڪ'** شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو رسالو پڻ ان دور جو مقبول رسالو ٿي

گذريو. هي رسالو وقفي وقفي سان 10 سالن تائين شايع ٿيندو رهيو جنهن جا ڪُل 18 شمارا شايع ٿيا. هي رسالو ٻارن ۾ چڱو مقبول ٿيو. ساڳئي سال پنگريي مان آچار **عظيم ڪوسي** سلسليوار **'روشن راهون'** رسالو پڻ شايع ڪيو پر اهو ٽي پرچا شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو.

اپريل 1997ع ۾ **شبير ساگر** ٽنڊي ڄام مان ٻارن جو رسالو **'گلڙا'** شايع ڪرڻ شروع ڪيو. هي رسالو هن دور جو نهايت ئي مشهور ۽ مقبول رسالو ثابت ٿيو. جنهن ٻارڙن ۽ نوجوان ليکڪن ۾ تخليقي سگهه پيدا ڪئي. هن رسالي ڪيترائي نوجوان ليکڪ پيدا ڪيا. هن رسالي جا 59 ٻ.چا شايع ٿيا. ٻارن جي ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ هن رسالي جو وڏو ڪردار آهي. **شبير ساگر** پنهنجي محنت سان هن رسالي ٻارن ۾ بيحد مقبول ڪرايو. هن ئي سال جو هڪ ٻيو اهم رسالو ماهوار **'حوصلو'** هو. جيڪو **اعجاز قادر مهر** رُڪ ضلعي شڪارپور مان شايع ڪيو. هن رسالي جا 12 پرچا شايع ٿيا.

1998ع ۾ ٻارن جا چار رسالا: عمرڪوٽ مان ماهوار **'پوپٽ'**، رتيديري مان ماهوار **'ٽانڊاٽو'**، ڊوري ناري مان ماهوار **'ماهتاب'** ۽ ميرواهه گورچاڻيءَ مان **'گلڙن جي گفتار'** شايع ٿيا. هنن رسالن ۾ سڀني کان مقبول رسالو ماهوار **'پوپٽ'** (عمرڪوٽ) هو جيڪو **بنسي مالهي** شايع ڪرڻ شروع ڪيو. هن رسالي جا 9 پرچا شايع ٿيا، جڏهن تہ ٻين رسالن جا چند پرچا ئي شايع ٿي سگهيا.

1999ع ۾ ٻارن جا 13 رسالا شايع ٿيا. هنن رسالن ۾ جيڪي مشهور رسالا هئا، تن ۾ روزاني ڪاوش حيدرآباد پاران ٻارن جو ماهوار رسالو **'ٻارن جي دنيا'**، ٽنڊي ڄام مان مير **شاهنواز ٽالپور** جو ٻارن جو رسالو **'روشن دنيا'**، خانواهه مان **وهاب جروار** جو ماهوار **'رانديڪو'** ۽ ڪراچيءَ مان **سرفراز عباسيءَ** جو ماهوار **'روشن راهه'** شامل آهن. هنن رسالن مان

ڇاڪاڻ تہ رسالي **'ٻارن جي دنيا'** ڪي روزاني **ڪاوش** اخبار جو سهارو هو ان ڪري هي رسالو نہ رڳو سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ شهر تائين پهتو پر ٻارن ۾ بيحد مقبول بہ ٿيو. **وهاب جروار** خانواهہ جهڙي ننڍڙي شهر مان ٻارن جي رسالو **'رانديڪي'** جا 5 پرچا شايع ڪيا. هي رسالو پڻ ٻارن ۾ چڱو مقبول ٿيو. هن سال جو ٻيو اهم رسالو ماهوار **'روشن دنيا'** آهي، جيڪو **مير شاهنواز ٽالپر** ٽنڊي جام مان جاري ڪيو. هن رسالي جا 40 کان مٿي پرچا شايع ٿيا. جيڪو نہ رڳو لاڙ ۽ ٿر جي ٻارڙن جو بيحد مقبول رسالو هو پر اتر سنڌ جي ضلعن خيرپور، گهوٽڪي، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جي ٻارن ۾ پڻ بيحد مشهور رسالو ثابت ٿيو. هن سال جو هڪ ٻيو مشهور رسالو ماهوار **'روشن راهہ'** پڻ آهي، جيڪو **سرفراز عباسي** ڀرين نئين ديري ۽ پوءِ ڪراچيءَ مان شايع ڪيو. هن رسالي جا ڪُل 14 پرچا شايع ٿيا. جڏهن تہ هي رسالو ٻارن ۾ بيحد مقبول پڻ ٿيو.

1999ع ۾ شايع ٿيل ٻين رسالن ۾ ماهوار **'ٻاڪ'** (ميرپور بٺورو)، ماهوار **'خرچي'** (شڪارپور)، ماهوار **'سونهن'** (شڪارپور)، ماهوار **'سارنگ'** (شاهپور چاڪر)، ماهوار **'ششر'** (حيدرآباد)، ماهوار **'ڪوٽو موٽو'** (شهدادڪوٽ)، بہ ماهي **'مهراڻ جا تارا'** (شڪارپور)، سلسليوار **'پتڪڙا'** پبليڪيشن (ميرپور ساڪرو)، ماهوار **'هٻڪار'** (ڏڪڻ) شامل آهن. ماهوار **'شُشر'** جيتوڻيڪ 'الڪ گروپ آف پبليڪيشنس' جو رسالو هو ۽ ان جي پٺڀان هڪ روزاني اخبار هئي، پر تنهن هوندي بہ رسالو گهڻو وقت هلي نہ سگهيو ۽ ان جا چند پرچا ئي شايع ٿي سگهيا.

سال 2000ع ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻارن جا 5 رسالا شايع ٿيا. جن ۾ سڀ کان مشهور ۽ مقبول رسالو بہ ماهي **'سنگتي'** (شڪارپور) هو. هي رسالو **مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور** جي سهاري هيٺ شايع ٿيندو هو. جنهن جو ايڊيٽر خالد ڀٽي هو. **خالد ڀٽي** پنهنجي محنت ۽ دلچسپيءَ

سان هن رسالي کي سجي سنڌ ۾ هڪ مقبول رسالي طور متعارف ڪرايو جڏهن تہ مختلف عنوانن هيٺ هن رسالي جا خاص نمبر پڻ شايع ڪيا ويا. هن رسالي جا 2004ع تائين 33 پرچا شايع ٿيا ۽ پوءِ رسالو بند ٿي ويو. هن سال جي ٻين رسالن ۾ ماهوار **'گلن جهڙا ٻارڙا'** (حيدرآباد)، ماهوار **'روشن تارا'** (ٽنڊوڄام)، ماهوار **'پوپٽ'** (ڳڙهي ياسين) ۽ ماهوار **'سندر ٻارڙا'** (ٽنڊوڄام) شامل آهن.

سال 2001ع کان وٺي 2010ع تائين سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻارن جا 30 کان مٿي رسالا شايع ٿيا. سال 2001ع ۾ صرف ٻہ رسالا: خيرپور مان سلسليوار **'سوچ'** ۽ منيءَ مان سلسليوار **'ٻالڪ ديپ'** شامل آهن. ٻئي رسالا صرف چند پرچا شايع ڪري سگهيا. سال 2002ع ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان ٽي رسالا شايع ٿيا، جن ۾ تماهي **'گلدستو'** سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ معروف رسالو ثابت ٿيو. هي رسالو نامياري شاعر ۽ ليکڪ **مقصود گل** رتي ديري مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين ۾ شايع ٿيندو هو. هن رسالي جا ڪُل 9 پرچا شايع ٿيا. پنهنجي دور جو هي ٻارن جو مقبول رسالو هو جنهن جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ **مختار گهمرو قاضي اختر حيات، ياسر قاضي، سپنا گل قاضي ۽ مسرت ڪمبوهہ** شامل هئا. هن سال جي ٻن رسالن ۾ سلسليوار **'سنڌڙي'** (ڏهرڪي) ۽ ماهوار **'منزل'** (ميرو خان) شامل آهن.

سال 2003ع ۾ ٻارن لاءِ ڪُل چار رسالا شايع ٿيا، جن ۾ ڄامشوري مان شايع ٿيندڙ ٻارن جو ماهوار رسالو **'رنگين دنيا'** ۽ عمرڪوٽ مان ٻارن جو رسالو سلسليوار **'سرهاڻ'** بيحد مقبول رسالا ثابت ٿيا. **'رنگين دنيا'** جا ڪُل 11 پرچا، جڏهن تہ **'سرهاڻ'** رسالي جا ڪُل 24 پرچا شايع ٿي منظر عام آيا. هن سال جي ٻين رسالن ۾ **'ٻارن جي دعا'** (حيدرآباد) ۽ سلسليوار **'علم'** مرزاپور شامل آهن.

سال 2004ع ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻارن جا 8 رسالا شايع ٿيا. هن سال جي مشهور ۽ مقبول رسالن ۾ ماهوار **'انڊلٺ'** (ڄامشورو) ۽ ماهوار **'گلزارِ سنڌ'** (حيدرآباد) بيحد مقبول رسالا ثابت ٿيا. ماهوار **'انڊلٺ'** رسالو ناميارې محقق **سليم ڀُٽي لطيفيءَ** ڄامشوري مان شايع ڪيو جنهن جي ايڊيٽر سندس نياڻي **سنڌ سونيتي** پٽو هئي، جڏهن ته صلاحڪاري بورڊ ۾ **مرتضيٰ سيال، غلام مصطفيٰ گرگيز شبير ساگر، سرويچ سنڌي ۽ سورٺ سنڌي** شامل هئا. هن رسالي جا ڪُل 14 پرچا شايع ٿيا. هن سال جو ٻيو اهم رسالو سلسليوار **'گلزارِ سنڌ'** آهي، جيڪو **اين اي جان فائونڊيشن** پاران **احسان لغاري** جاري ڪيو. هي رسالو ٻارن ۾ چڱو مقبول ٿيو جنهن جا ڪُل 11 شمارا شايع ٿيا. هن سال جي ٻين رسالن ۾ سلسليوار **'سنڌي ٻار'** (ڇتو چنڊ)، سلسليوار **'اسڪولي ٻار'** (ڇتو چنڊ)، سلسليوار **'روشن سنڌ'** (ڇتو چنڊ)، سلسليوار **'معصوم مرڪ'** (سڄاول)، سلسليوار **'شاگرد'** (وارهه)، سلسليوار **'ٻالڪ دنيا'** (ٽنڊ) شامل آهن.

سال 2005ع ۾ ٻارن جو صرف هڪ رسالو ٽنڊي محمد خان مان **'ٻالڪ منڊل'** نالي سان شايع ٿيو جيڪو ٻن شمارن کان پوءِ بند ٿي ويو جڏهن ته سال 2006ع ۾ ٻارن جا 5 رسالا شايع ٿيا. هن سال ۾ ٻارن جا 2 رسالا: ماهوار **'ادا سائين'** (حيدرآباد) ۽ ماهوار **'چانڊوڪي'** (ٺٽو) ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيا. ماهوار **'ادا سائين'** نٿ ڪٽ گروپ آف پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيندو هو جيڪو پنهنجي دور جو معياري ۽ سڀ کان وڏيڪ شايع ٿيندڙ رسالو هو. هن رسالي جو ايڊيٽر **خالد آزاد** هو جڏهن ته **قربان شيخ ۽ روپلو جويو** اسسٽنٽ ايڊيٽر هئا. هن رسالي ۾ نوجوانن ليکڪن کان علاوه **ڊاڪٽر ادل سومرو، اياز گل، نصير مرزا ۽ علي دوست عاجز** مستقل طور تي لکندا هئا. هن رسالي جا ڪُل 10 پرچا

شايع ٿيا. هن سال جو ٻيو مقبول رسالو ماهوار **'چانڊوڪي'** (نئون) هو جنهن جو پبلشر ۽ ايڊيٽر **سرور دائودپوٽو** چيف ايڊيٽر **محمد مارو خشڪ** هو. هن رسالي جا پڙ 10 پرچا شايع ٿيا. هن سال جي ٻين رسالن ۾ سلسليوار **'دوست'** (سکر)، ماهوار **'ٻالڪ اسيمبلي'** (ڪراچي)، سلسليوار **'نئين لاٽ'** (ڏهرڪي) شامل هئا.

سال 2007ع ۾ صرف ٻه رسالا: سلسليوار **'رابيل'** (جيڪب آباد) ۽ ماهوار **'سائنٽيفڪ'** ميگزين (شهدادڪوٽ) شايع ٿيا. ٻنهي رسالن جا صرف ٻه ٻه پرچا شايع ٿيا، جڏهن ته سال 2008ع ۾ ٻارن جا چار رسالا شايع ٿيا. 2008ع جي مقبول ۽ معروف رسالن ۾ ماهوار **'روشن تارا'** (جاتي) ۽ ماهوار **'سجاڳي'** (حيدرآباد) شامل آهن. ماهوار **'روشن تارا'**، بزم روح ادب جاتي پاران شايع ڪيو ويو. جنهن جو چيف ايڊيٽر **اقبال شاهين** ۽ ايڊيٽر **عبدالسلام ٿهيم** هو. هن رسالي جا 15 کان مٿي شمارا شايع ٿيا. هي رسالو ضلعي ٺٽي ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بيحد مقبول ٿيو. هن سال جو ٻيو مقبول رسالو ماهوار **'سجاڳي'** هو جيڪو **سجاڳ ٻار تحريڪ** پاران نومبر 2008ع کان حيدرآباد مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر **روشن برهماڻي** هو جڏهن ته مختلف وقتن تي مختلف ايڊيٽر رهيا. 2010ع تائين هن رسالي جا لڳ ڀڳ 20 شمارا شايع ٿيا. هي رسالو جيتوڻيڪ **سجاڳ ٻار تحريڪ** جو ترجمان رسالو هو تنهن هوندي به هن رسالي سنڌ جي سمورن ٻارڙن ۾ وڏو علمي ادبي چاهه پيدا ڪيو. هن سال جي ٻين رسالن ۾ سلسليوار **'سونهن'** (جيڪب آباد)، ته ماهي **'موتي هن مهراڻ جا'** (عمرڪوٽ) شامل آهن. 2009-10 ۾ ٻارن جا صرف ٻه رسالا: سلسليوار **'ڦلواڙي'** (حيدرآباد) ۽ ماهوار **'ست رنگ'** (ٽنڊوڄام) شايع ٿيا. سلسليوار **'ڦلواڙي'** رسالو حيدرآباد جي تعليمي اداري **اوسر پيڙهڪا** جي اسڪولن جو ترجمان رسالو آهي، جيڪو صرف لاڳاپيل اسڪولن جي

شاگردن ۾ ٺي پڙهيو وڃي ٿو جڏهن تہ ماهوار **'ست رنگ'** ٽنڊي جام مان **غلام مرتضيٰ لوچي** شايع ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جو صرف هڪ پرچو شايع ٿيو.

2011ع کان 2014ع تائين سنڌ جي مختلف شهرن مان جيڪي رسالا شايع ٿيا آهن تن ۾ سلسليوار **'ٻارڙن جو آواز'** (خيرپور ميرس)، سلسليوار **'گل تارا'** (سيوهڻ)، سلسليوار **'ديوي جي دنيا'** (نيو سعيد آباد)، سلسليوار **'مهراڻ جون مرڪون'** (ڪپرو)، ٽہ ماهي **'پنکڙيون'** (عمرڪوٽ) ۽ ماهوار **'اتساهہ'** ڪراچي شامل آهن. هنن رسالن ۾ ٽماهي **'پنکڙيون'** ۽ ماهوار **'اتساهہ'** ٻارن جا مقبول رسالا ثابت ٿيا.

سال 2015ع ۾ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي ڪاروباري ڪميٽي فيصلو ڪيو تہ سنگت مرڪز پاران ٻارن جو علمي ادبي رسالو شايع ڪجي. اهڙيءَ ريت سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي ادبي ۽ اشاعتي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٻارن جو ادبي، علمي ۽ سائنسي رسالو ٽماهي **'ٻارن جي سنگت'** شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. رسالي جو چيف ايڊيٽر **ڊاڪٽر مشتاق ڦل** ۽ ايڊيٽر (اعزازي) **خالد آزاد** آهي. سال 2016ع ۾ انور سومري حيدرآباد مان ٻارن جو رسالو **'منڙا ٻار'** شايع ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جو ايڊيٽر **نورمحمد پٿو** ۽ جوائنٽ ايڊيٽر **خالد آزاد** آهي.

هنن رسالن کان سواءِ سنڌ ۾ ڪجهہ ٻيا بہ رسالا شايع ٿيا، جن جي اشاعت جا سال نہ ملي سگهيا آهن، تن ۾ ماهوار **'تحفو'** (لاڙڪاڻو)، ماهوار **'پرمہ ڦٽي'** (ٽنڊوالهيار)، ماهوار **'سنڌي ٻالڪ'** (ميرپور ساڪرو) ۽ ماهوار **'گلن جهڙا ٻارڙا'** (نصرپور) شامل آهن.

ورهاڱي کان پوءِ يعني 1950ع کان 2016ع تائين شايع ٿيل سمورن پندرنهن روزه، ماهوار، ٻہ ماهي ۽ ٽہ ماهي رسالن جا مڪمل تفصيل پيش ڪجن ٿا.

**'اميد' (ڪراچي):**

ٻارڙن جو هيءُ رسالو سنڌ **'مدرسا ادبي سوسائٽي'** ڪراچيءَ پاران آڪٽوبر 1950ع کان جاري ٿيو. رسالي جاري ڪرڻ جو مقصد پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ مدرسي اسڪول انتظاميه پاران شاگردن ۾ لکڻ پڙهڻ جي شوق پيدا ڪرڻ هو. جيتوڻيڪ هي رسالو خالص ٻاراڻي ادب جو رسالو نه هو ۽ هڪ اسڪولي رسالو هو تنهن هوندي به هن رسالي خاص طور تي سنڌ مدرسي جي ٻارن ۾ وڏو ادبي چاهه پيدا ڪيو. هن رسالي جو ايڊيٽر **شيخ نور محمد** هو. رسالي ۾ سنڌ مدرسي جي شاگردن ۽ استادن جون لکيون شايع ٿينديون هيون. رسالو **الوحيد پريس ڪراچيءَ** ۾ ڇپبو هو.

**ماهوار 'گلستان' (حيدرآباد 1951ع):**

ورهاڱي کان پوءِ هي پهريون ٻارڙن جو ادبي رسالو هو جيڪو 1951ع ۾ **'بزم گلستان'** جي سهاري هيٺ ديٺوءَ جي پڙ، حيدرآباد مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. **مقبول احمد پٺي ۽ غلام مرتضيٰ پٺي** هن رسالي جا ايڊيٽر ۽ روح روان هئا. هي رسالو **'گلستان'** ۽ ان جي سهاري هيٺ قائم ڪيل ٻارن جي علمي ۽ ادبي تنظيم **'بزم گلستان'** دراصل دادا شيوڪ يوجراج جي ٻارن جي رسالي **'گلستان'** ۽ ٻارن جي تنظيم **'ٻالڪن جي ٻاريءَ'** جي ڪوٺ ڪي پورو ڪرڻ قائم ڪيا ويا هئا. ٻارن جي هن باتصور رسالي ۾ هر پيري دلچسپ آکاڻيون، شعر ۽ معلوماتي مضمون شايع ٿيندا هئا. هي رسالو تعليم کاتي پاران اسڪولي ٻارن لاءِ منظور ٿيل هو. رسالو ڪجهه وقت شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو ۽ ٻيهر *1956*ع جي جنوريءَ ۾ جاري ٿيو. هي رسالو **جامعه عربيا پريس، صرافا بازار ۽ سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد** ۾ ڇپبو هو. 1960ع ۾ هيءُ رسالو ۽ ان ٿي نالي سان قائم

ڪيل تنظيم بند ٿي وئي.

هن رسالي جي اشاعت ۽ سنڌ جي ٻارڙن تائين ان جي پهچ وارو عمل، ورهاڱي کان پوءِ متاثر ٿيل سنڌي ٻاراڻي ادب کي جيئندان ڏيڻ لاءِ انتهائي اهم ثابت ٿيو.

## ماهوار 'گل ڦل'(ڄامشورو):

سنڌ جي اهم علمي ادبي اداري **سنڌي ادبي بورڊ**، ڄامشوري پاران ٻارن جو هيءُ رسالو **'گل ڦل'** 1959ع ۾ ماهوار بنيادن تي شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. جيڪو مختلف وقتن تي بند ٿيڻ باوجود، اڄ تائين شايع ٿيندو پيو رهي. سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادبي ۽ علمي اوسر لاءِ هن رسالي وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن، شاعرن، نثرنگارن، صحافين ۽ قلمڪارن، پنهنجي لکڻ جي شروعات هن رسالي کان ڪئي آهي. هن رسالي نہ رڳو سنڌيءَ ۾ ٻارن جو تعميري، اخلاقي، معلوماتي ۽ اصلاحي ادب ڇاپيو آهي، پر مختلف وقتن تي هن رسالي ٻارن جون علمي ۽ ادبي تنظيمون ۽ بزمون قائم ڪري، سنڌ جي ٻارن جي شعوري آبياري پڻ ڪئي آهي. ان کان سواءِ ماهوار **'گل ڦل'** پاران مختلف وقتن تي حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ ٻارن جا ادبي ميلا پڻ منعقد ڪرايا پئي ويندا رهيا آهن، جن ذريعي سنڌ جي ٻارن کي پنهنجن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ مدد پئي ملندي رهي آهي.

سنڌ جي نامور اديب سائين **محمد ابراهيم جويي**، سنڌي ادبي بورڊ ۾ پنهنجي سيڪريٽريءَ واري دور ۾ **'گل ڦل'** جي اشاعت کي شروع ڪيو جنهن جو پهريون ايڊيٽر **غلام رباني آگرو** ٿيو. ان کان پوءِ **شوڪت حسين شورو، انور هالائي، اڪبر جسڪاڻي، طارق عالم ابڙو، نجم پنهور، دين محمد ڪلهوڙو ۽ ظفر عباسي** پڻ هن رسالي جا ايڊيٽر رهيا، پر **غلام رباني آگري، شوڪت حسين شوري، انور هالائي ۽ اڪبر جسڪاڻيءَ** جي

ايڊيٽريءَ وارو دور، هن رسالي جو اهم دور لکيو وڃي ٿو جنهن دوران هن رسالي سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ وڏي مقبوليت ماڻي.

**'گل ڦل'** جو جو پهريون ايڊيٽر **غلام رباني آگرو** هو جنهن سائين **محمد ابراهيم جويي** جي رهنمائيءَ ۾ سال 1959ع ۾ **'گل ڦل'** شروع ڪيو. **'گل ڦل'** شروع ته ماهوار بنيادن تي ڪيو ويو پر پنهنجي اشاعت جي شروعاتي مهينن کان وٺي **'گل ڦل'** مستقل ماهوار بنيادن تي هلي نه سگهيو. سال 1959ع کان وٺي 1966ع تائين **غلام رباني آگري** جي ايڊيٽرشپ ۾ نڪرندڙ **'گل ڦل'** جا اڪثر پرچا گڏيل طور تي ٻه ماهي ۽ ٽه ماهي شايع ڪيا ويا. ان دوران **'گل ڦل'** پاران **'ٻارن جي ڦلواڙي'** نالي ٻارن جي هڪ علمي ۽ ادبي تنظيم به قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ سڄيءَ سنڌ جي ٻارڙن ڀرپور حصو ورتو ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ ٻارن هن تنظيم جون شاخون کوليون، علمي ادبي سرگرمين ۾ حصو ورتو. 15 جنوري 1961ع تي **'گل ڦل'** جي ٻي سالگرهه جي موقعي تي، **ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد** ۾ ٻارڙن جو ميلو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ حيدرآباد سميت سڄيءَ سنڌ مان آيل ٻارن جي ڦلواڙين شرڪت ڪئي.

سال 1966ع ۾ سنڌ سرڪار جي اطلاعات کاتي ڪن قانوني پيچيدگين جا سوال اٿاري، **'گل ڦل'** جي ڊڪليئريشن رد ڪري ڇڏي، جنهن ڪري رسالي کي بند ڪرڻو پئجي ويو. رسالي جي بند ڪرڻ سان مجموعي طور سنڌي ٻاراڻي ادب کي نقصان رسڻ کان سواءِ اهو به وڏو نقصان ٿيو ته **'گل ڦل'** جي سهاري هلندڙ **'ٻارن جون ڦُلواڙيون'** بند ٿي ويون. ان ڪري سنڌ ۾ ٻارن جون علمي ۽ ادبي سرگرميون جهڪيون ٿي ويون. اهڙيءَ ريت **'گل ڦل'** 1966ع کان 1973ع تائين ساندهه ست سال بند رهيو. بيهر **'گل ڦل'** 1974ع جي جنوري ۾ نئين ڊڪليئريشن سان شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت هاڻي **'گل ڦل'** جو ايڊيٽر **شوڪت حسين شورو** مقرر ٿيو هو. **شوڪت حسين شوري** جي سڀ کان پهرين

ڪوشش **’گل ڦل‘** کي ريگيولر ڪرڻ جي هئي، جنهن ۾ هُو گهڻي ڀاڱي ڪامياب بہ ويو. هن پنهنجي ڪوششن سان ٻيهر **’گل ڦل‘** کي سنڌ جي ٻارن ۾ مقبول ۽ مشهور ڪيو. اپريل 1975ع ۾ شوڪت حسين شوري ٻاران، سنڌي ادبي بورڊ جي نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏيڻ ڪري، **انور هالائيءَ** کي **’گل ڦل‘** جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. **انور هالائي** پنهنجي محنت سان **’گل ڦل‘** کي سنڌ جي ٻارڙن ۾ تمام گهڻو مقبول ڪيو ۽ نوجوان ليکڪن کي لکڻ لاءِ همٿايو. **انور هالائيءَ** جي دور ۾ **ادل سومري، نياز پنهور، ذوالفقار سيال، اياز گل، مختيار ملڪ، نصير مرزا، زاهد شيخ** ۽ ٻين **’گل ڦل‘** ۾ ٻارن لاءِ تمام گهڻو لکيو. سندن اهي ئي لکڻيون بعد ۾ ڪتابي صورتن ۾ پڻ ڇپيون. **انور هالائيءَ** جي ايڊيٽريءَ وارو هي دور ماهوار **’گل ڦل‘** جو سونهري دور ليکيو وڃي ٿو. **انور هالائيءَ** کان پوءِ 1987ع ۾ اڪبر جسڪاڻي **’گل ڦل‘** جو ايڊيٽر مقرر ٿي آيو. اڪبر جسڪاڻي نہ رڳو سنڌ جي سينيئر ۽ نون ليکڪن کي **’گل ڦل‘** ۾ لکڻ لاءِ اتساهيو پر پاڻ بہ ٻارن لاءِ خوب لکيو. **’گل ڦل‘** جو هي دور پڻ رسالي جو اهم دور ليکيو وڃي ٿو، جنهن ۾ **’گل ڦل‘** هڪ نئين رنگ سان شايع ٿيڻ لڳو. ان دوران مٿي ذڪر ڪيل اديبن کان سواءِ **بيخود بلوچ، علي محمد درد سولنگي، ملهار سنڌي، مهر خادم، عبدالجبار عبد، خالد پيٽي، اسحاق سميجي، غلام محمد پيٽي** ۽ ٻين ٻارن لاءِ خوب لکيو. اڪبر جسڪاڻي، نوجوان اديبن سان گڏ وڏن اديبن کي پڻ ٻارن لاءِ لکڻ لاءِ همٿايو ۽ انهن جون لکڻيون باقاعدي شايع ڪيون، اهڙن اديبن ۾ **ڊاڪٽر نواز علي شوق، علي بابا، الطاف شيخ، نثار بزمي** ۽ ٻيا شامل هئا. 13 آگسٽ 1999ع تي **اڪبر جسڪاڻيءَ** جي پراسرار لاڏاڻي کان پوءِ **طارق عالم ابڙو** **’گل ڦل‘** جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. **طارق عالم** پنهنجي ايڊيٽر شپ واري دور ۾ **’گل ڦل‘** تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندي ۽ ٻارن لاءِ تخليقي مواد جي اشاعت تي زور

ڏنو. هن **’گل ڦل‘** ۾ علمي ادبي مواد جي اشاعت سان گڏ تصويرن ۽ رسالي جي لي آئوٽ جي بهتريءَ طرف پڻ ڌيان ڏنو. سال 2007ع ۾ ناماياري صحافي ۽ ليکڪ **اعجاز منگيءَ** جي بورڊ جي سيڪريٽريءَ واري دور ۾ **طارق عالم ابڙي** جي ٽماهي ’مهراڻ‘ جي ايڊيٽر ٿيڻ ڪري، ڪجهه عرصي لاءِ **ڊاڪٽر ظفر عباسي** کي **’گل ڦل‘** جو ايڊيٽر مقرر ڪري، **خالد آزاد، نور احمد ميمڻ ۽ ظفر جوڻيجي** کي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ رکيو ويو. پر هڪ ٻن پرچن جي شايع ٿيڻ کان پوءِ اهو سلسلو بند ٿي ويو. بعد ۾ نوجوان اديب دين محمد ڪلهوڙي کي **’گل ڦل‘** جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. جيڪو اڳ ئي سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازمت ڪري رهيو هو. دين محمد ڪلهوڙي **’گل ڦل‘** جي مواد ۽ لي آئوٽ طرف ڌيان ڏيڻ سان گڏ **’گل ڦل ٻالڪ ادبي سنگت‘** جو قيام پڻ عمل ۾ آندو. جنهن جو سرپرست **پائو در محمد پرڙي** کي مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ جڏهن دين محمد ڪلهوڙو تعليم کاتي ۾ استاد ٿي ويو ته **نجمه پنهور** کي **’گل ڦل‘** جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. جيڪا اڃا تائين **’گل ڦل‘** جي ايڊيٽر آهي. هن وقت **’گل ڦل‘** ماهوار بنيادن تي شايع ٿي رهيو آهي.

**پير مظهرالحق** جڏهن سنڌ جو سينيئر صوبائي وزير ۽ تعليم وارو وزير ٿيو ته کيس **سنڌي ادبي بورڊ** جي چيئرمئن شپ جي ذميواري به کيس ئي ملي. ان دوران پير صاحب 23 نومبر 2008ع تي سنڌي ادبي بورڊ ۾ **’گُل سنڌ ٻالڪ ميلي‘** جو اهتمام ڪيو. ان وقت **نجمه پنهور** گل ڦل جي ايڊيٽر، **زوار نقوي** سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ **شيخ عزيز** سنڌي ادبي بورڊ جو وائيس چيئرمئن هو. هن ٻالڪ ميلي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۽ خاص طور تي حيدرآباد جي اسڪولن مان ٻارڙن شرڪت ڪئي. ميلي جي مک تقريب جي صدارت سينيئر صوبائي وزير ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمئن پير مظهرالحق ڪئي، جڏهن ته سنڌ جي نامارن

اديبن ۽ شاعرن هن ميلي ۾ شرڪت ڪئي. ميلي دوران ڪمپيئرنگ جا فرض **نصير مرزا** ۽ **خالد آزاد** سرانجام ڏنا.هن ٻالڪ ميلي کان سواءِ **’گل ڦل‘** پاران وقت بوقت قائم ٿيل ٻالڪ تنظيمين، سنڌ جي مختلف شهرن ۾ علمي ۽ ادبي سرگرميون پئي ڪيون آهن. جن جو تفصيل هن جلد ۾ تنظيمن واري باب ۾ ڏنو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل ٻارن جي علمي- ادبي رسالن ۾ **’گل ڦل‘** ئي اهو واحد رسالو آهي، جيڪو نہ رڳو هڪ وڏي عرصي کان شايع ٿيندو پيو اچي، پر هن رسالي سنڌ جا ڪيترائي عالم، اديب، شاعر، صحافي ۽ سماجي اڳواڻ پيدا ڪيا آهن. جيڪي هن وقت مختلف شعبن ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪري رهيا آهن.

## ’اطفال‘ (ميرپورخاص)

ٻارن لاءِ هي ڊائجسٽ **’بزم اطفال ميرپورخاص‘** پاران 1973ع ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿيو. هن بزم جو صدر **ميرامان الله خان ٽالپر** ۽ سيڪريٽري **خان محمد خاصخيلي** هو. ڊائجسٽ جو مرتب **انور علي بلوچ** هو. هي ٻارن لاءِ علمي، ادبي ڊائجسٽ هو ۽ جمالي پريس، الهندي ڪچي، حيدرآباد مان ڇپبو هو. هي بزم ۽ ان جي سهاري هيٺ شايع ٿيندڙ رسالو شايد گهڻو وقت شايع نہ ٿي سگهيو ۽ پڻ ٻارن ۾ گهڻو مقبول نہ ٿي سگهيو ان ڪري ان بابت گهڻو تفصيل ملي نہ سگهيو آهي.

## ماهوار ’گلن جهڙا ٻار ڙا‘ (ڪراچي):

سال 1971ع ۾ جڏهن سنڌ جو ناميارو اديب سراج، روزاني **هلال پاڪستان** جو ايڊيٽر مقرر ٿي آيو تہ ان اخبار کي بهتر بنائڻ ۽ هر مڪتبهٔ فڪر جي ماڻهن کي شامل ڪرڻ جي سلسلي ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا. ان ڏس ۾ سراج صاحب هڪ پاسي اخبار ۾ ٻارن، عورتن،

نوجوانن ۽ شوبز جا هفتيوار صفحا شايع ڪرڻ شروع ڪيا تہ ٻئي پاسي ٻاراڻي ادب تي ڌيان ڏيندي ٻارن جي علمي اديب تنظيم جي قيام ۽ ٻارن جي ماهوار رسالي جي اشاعت کي پڻ يقيني بڻايو. اهڙيءَ ريت روزاني هلال پاڪستان پاران جُون 1974ع ۾ ٻارن جو ماهوار رسالو **'گلن جهڙا ٻارڙا'** شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. ڊبل ڪرائون سائيز ۾ شايع ٿيندڙ هن رسالي جو ايڊيٽر **محمود يوسفاڻي** هو. جڏهن تہ **حسام سومرو** مددگار طور هن رسالي ۾ ڪم ڪندو هو. رسالي جي قيمت ڏيڍ روپيو هوندي هئي، جڏهن تہ صفحا اڪثر ڪري 64 هوندا هئا. رسالي ۾ تصويرون ۽ اسڪيچ **راز ناٿن شاهي ۽ خدا بخش ابڙو** ناهيندا هئا. هي رسالو سنڌي ٻارڙن جو نهايت ئي مقبول رسالو ثابت ٿيو جيڪو ڪيترا سال شايع ٿيڻ کان پوءِ 1978ع ڌاري بند ٿي ويو. هن رسالي، **ادل سومري، اياز گل، مختيار ملڪ، خدا بخش ابڙي، نصير مرزا، سوسن مرزا، محمود مغل** ۽ سنڌ جي ٻين نوجوان اديبن کي لکڻ لاءِ اُتساهيو. هي رسالو پنهنجي دور جو مقبول ترين رسالو ثابت ٿيو.

## سلسليوار 'سرهاڻ' (سيوهڻ):

هن نالي سان ٻارن جو هڪ سلسليوار رسالو **پرواني سيوهاڻيءَ** 1975ع ۾، استاد بخاريءَ جي تجويز تي سيوهڻ مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو. شروعات ۾ هن رسالي کي ڪتابي سلسلو ڪري هلايو ويو جنهن جا اٺ (8) ڪن پرچا شايع ٿيا، جڏهن تہ بعد ۾ **مقصود گل** ۽ ٻين اديبن جي صلاح مشوري سان **پرواني سيوهاڻي 'سرهاڻ'** کي باقاعدي رسالي طور متعارف ڪرايو ۽ **فتاح هاليپوٽي** کان رسالي جو لوگو پڻ ٺهرايو.

هن رسالي جا 180 کان مٿي پرچا شايع ٿيا. هي رسالو پنهنجي دور ۾ ٻارن جو انتهائي مقبول رسالو ثابت ٿيو جنهن سنڌ ۾ ڪيترائي نوجوان اديب پيدا ڪيا. سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي ڏس ۾

هن رسالي جو تمام وڏو ڪردار آهي. هن رسالي سان گڏ **پرواني سيوهاڻيءَ** ٻارن جي ڪتابن کي شايع ڪرڻ جو هڪ اشاعتي ادارو پڻ قائم ڪيو. جنهن پاران ٻارن جا ڪيترائي ڪهاڻين ۽ شعرن جا مجموعا شايع ٿيا.

**ماهوار 'گونج' (حيدرآباد):**

ماهوار گونج رسالو 1977ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. جنهن جي ايڊريس 15، ڪونٽري والا چيمبرس حيدرآباد سنڌ هئي. رسالي جو وڌيڪ تفصيل حاصل نہ ٿي سگهيو آهي. هي معلومات **'گل ڦل'** جي سال 1977ع جي جنوريءَ واري هڪ شماري مان حاصل ڪئي وئي آهي.

**ماهوار 'ساٿي' (گهوٽڪي):**

ٻارن جي سياسي ۽ علمي ادبي تنظيم **'ساٿي ٻارڙا سنگت'** پاران 1978ع ۾ ٻارن جو ماهوار رسالو **'ساٿي'** تڏهن شروع ڪيو ويو. جڏهن تنظيم جي وجود ۾ ايندي ئي ملڪ ۾ مارشل لا لڳو ٿي ويو ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻن کي جيل ۾ وڌو ويو. تڏهن سنڌ ۾ صرف ٽن شاخن گهوٽڪي، نٿي ۽ نوشهري فيروز کي سرگرم ڪري ٻارن جو هي رسالو شايع ڪيو ويو. رسالي جو ايڊيٽر **مهيش مليرائي** هو. جيڪو اڄ ڪلهہ سنڌ جو ناميارو صحافي **مهيش ڪمار** آهي. هي رسالو مختلف وقتن تي شايع ٿيندو ۽ بند ٿيندو رهيو. بعد ۾ 1982ع ۾ هن رسالي جو نالو بدلائي **'ساٿي سماچار'** رکيو ويو. ڪجهہ وقت شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو.

**ماهوار 'ٻالڪ' (حيدرآباد):**

روزاني سنڌ ٽائيمس اخبار حيدرآباد پاران هيءُ ماهوار رسالو سيپٽمبر 1980ع کان شايع ٿيو. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر **محمد عثمان**

ڊيپلائي، ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر **خان محمد پنهور** ۽ ايڊيٽر **نياز پنهور** هئا، جڏهن ته **شفيع چانڊيو** ۽ **امداد مورائي** ايڊيٽوريل بورڊ تي هئا. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قائم ڪيل ادارو **سنڌ پبلشرس** هن رسالي جو ناشر هو. هيءُ رسالو **اسلاميا پرنٽنگ پريس حيدرآباد** ۾ ڇپيو هو. هو پرچا شايع ٿيڻ کان پوءِ جنوري 1981ع ڌاري هن رسالي کي ماهوار **'نئون نياپو'** ۾ ضم ڪيو ويو.

نئين رنگ ۽ ڍنگ سان ٻارن جو هي رسالو شايع ڪرڻ، سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ هڪ بهترين ڪوشش هئي، جنهن جي مواد تي خاص طور ڌيان ڏئي، تخليقي ۽ تعميري مواد جي تياري ۽ اشاعت کي يقيني بڻايو ويو.

## سلسليوار 'سنڌي ٻارڙا' (حيدرآباد):

ٻارن لاءِ هيءُ علمي ۽ ادبي- سلسليوار رسالو 1987ع ۾ حيدرآباد مان **اسرار شام** جاري ڪيو. ابتدا ۾ هن رسالي جي سائيز ڊبل ڪرائون رکي وئي، جڏهن ته بعد ۾ ان کي تبديل ڪري ڪرائون سائيز ۽ آخر ۾ ڊيمي سائيز ۾ رسالو شايع ٿيندو رهيو. هن رسالي جي پهرين ڪڙي سال 1987ع ۾ **'پيپي'** جي نالي سان شايع ٿي. هن وقت تائين هن رسالي جون ڏيڍ سؤ کان وڌيڪ ڪڙيون شايع ٿي چڪيون آهن. هي رسالو **'سنڌي ٻارڙا'** سنڌ جي ٻارڙن ۾ بيحد مقبول رسالو هو جنهن سنڌي ٻارڙن جي عملي، ادبي ۽ تعليمي اوسر ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. رسالي جي روح روان ۽ اعزازي سهيڙيندڙ **اسرار شام** هن رسالي کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت سنڌ جي نوجوان ليکڪن ۽ خاص طور تي پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جي استادن کي همٿايو ۽ انهن ذريعي رسالو ٻارن تي پهچايو. هن رسالي ڪيترائي نوان اديب پيدا ڪيا، جيڪي اڄ ڪلهه سنڌي ادب جي مختلف صنفن ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي رهيا آهن.

ٻارڙن جي هن بيحد مقبول رسالي **'سنڌي ٻارڙا'** ۾ مختلف

سلسلن جي انچارجن طور آسي زميني، **وفا مولا بخش، خالد آزاد، انور عباسي، مقبول حفي بخاري، راجا عبدالمجيد بوزدار، پروس عبدالحڪيم جروار، سنڌو جويو، دائود امر لغاري** ۽ ٻين نوجوان ليکڪن ڪم ڪيو آهي. ٻارڙن جو هيءُ علمي ادبي رسالو باقاعدگيءَ سان سال 2013ع تائين شايع ٿيندو رهيو جڏهن تہ سال 2013ع ۾ **اسرار شام** جي بيمار ٿيڻ جي ڪري رسالو بند ٿي ويو. اهڙيءَ ريت جون 2014ع ۾ **اسرار شام** جي وفات کان پوءِ هي رسالو بہ جڻ تہ وفات ٿي ڪري ويو آهي.

سال 1997ع جي نومبر جي مهيني ۾ هن رسالي کي 10 سال پورا ٿيڻ تي سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ، حيدرآباد ۾ **'ڏهہ سالا جشنِ سنڌي ٻارڙا'** ملهايو ويو. هن جشن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻارن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي. هن تقريب جون ٽي نشستون رکيون ويون هيون. پهرين نشت **'مقالا'**، ٻي نشست ريڊيي جي پروگرام **'ٻارڙن جي ٻاريءَ'** جي ريڪارڊنگ ۽ ٽين نشست **'کيل تماشي'** جي عنوان سان ٻارڙن جي ٽيبلوز ڊرامن ۽ خاڪن جي هئي. هن تقريب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب **محمد ابراهيم جويي، دادي ليلاوتي هرچنداڻي، ڊاڪٽر محمود مغل، نازسنائي، اڪبر جسڪاڻي، رخسانہ عاقلاڻي، زيب نظاماڻي** ۽ ٻين اديبن سميت **'سنڌي ٻارڙا'** جي ٽيم جي ميمبرن **وفا مولا بخش، خالد آزاد، انور عباسي، مقبول حفي بخاري، راجا عبدالمجيد بوزدار، عظيم آديسي** ۽ **سنڌو جويو** سان گڏ ڪيترن ئي نوجوان ليکڪن شرڪت ڪئي.

سنڌ ۾ علم ۽ ادب ڏانهن چاهہ وڌائڻ، ڪتابن سان دلچسپي ۽ دوستي ۽ سماجي ۽ تعميري سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جي ڏس ۾ هن رسالي جو ڪردار سدائين ياد رکيو ويندو.

**ماهوار 'لاٽ' (حيدرآباد):**

هن نالي سان ٻارن لاءِ هڪ ماهوار رسالو **'لاٽ'** 1989ع ڌاري حيدرآباد مان شايع ڪيو ويو جنهن جو ايڊيٽر **الطاف ملڪاڻي** هو. هن رسالي جا پنج ڇهه پرچا شايع ٿيا ۽ بعد ۾ 1990ع ڌاري رسالو بند ٿي ويو. ماهوار **'لاٽ'** ٻيهر 1993ع ڌاري ڊپٽي ڪمشنر دادوءَ کان رجسٽرڊ نمبر 98_15 جو ڊڪليئريشن وٺي ڪوٽڙيءَ مان شايع ڪيو ويو. هن ڀيري **الطاف ملڪاڻي** چيف ايڊيٽر، **جاويد سحر قريشي** مئنيجنگ ايڊيٽر، **ذوالفقار پٽي** ايڊيٽر ۽ **خرم عباس ڪوکر** ۽ **يوسف جويو** سهڪاري سٽ ۾ شامل هئا. سال 1993ع ۾ هن رسالي جا ست پرچا شايع ٿيا ۽ پوءِ مالي وسيلن جي اڻهوند جي ڪري رسالو بند ٿي ويو. هن رسالي جا جملي 13 پرچا شايع ٿيا. پنهنجي دور ۾ هيءُ رسالو ٻارن جو مقبول رسالو هو. ٽيم ۾ ادب دوست ۽ سنجيده ميمبر هئڻ ڪري، هن رسالي ۾ نهايت تعميري ۽ تخليقي مواد شايع ٿيندو هو.

**ٻه ماهي 'مرڪ' ڪراچي:**

ٻارن جو هي علمي ۽ ادبي رسالو ٻه ماهي **'مرڪ'** سال 1989ع ۾ **سڪندر سرواڻ** ڪراچيءَ مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪو 1996ع تائين مسلسل شايع ٿيندو رهيو. ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي سنڌي رسالن ۾ هن رسالي پنهنجو هڪ الڳ ۽ خاص ڪم آهي. هن رسالي ڪراچيءَ جي سنڌي وسندين جي ٻارن سميت سنڌ جي ٻين شهرن جي ٻارن لاءِ پڻ علمي ۽ ادبي ماحول پيدا ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو.

هن رسالي جو ايڊيٽر ۽ پبلشر **سڪندر سرواڻ** پاڻ هو. جڏهن ته سندس ٽيم ۾ **رازدان سنڌي، اياز گاد، مولا بخش چنڊ، وجي ڪمار** ۽ ٻيا شامل هئا. شروعاتي طور هي رسالو ڊيمي سائيز جي 64 صفحن تي شايع

ٿيندوهو جيڪو بعد ۾ 80 صفحن تائين پڻ شايع ٿيو. هن رسالي کي ٻارن تائين پهچائڻ ۾ جن ادب دوستن سڪندر سرواڻ جي مدد ڪئي، تن ۾: ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جو **نثار ميمڻ**، وفاقي اداري ڪسٽم ۽ ٽيڪسيشن جو **فضل قلباڻي** ۽ پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن ڪراچيءَ جو **اقبال انصاري** شامل هئا. **اقبال انصاري** پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن ڪراچي مرڪز جي ٻارن جي پروگرام **'روشن تارا'** ۾ ٻارن جي هن رسالي جون ڪاپيون خريد ڪري ٻارن ۾ ورهائيندو هو.

## ماهوار 'گلستان' (حيدرآباد 1991ع):

**سنڌي ساهت گهر**، حيدرآباد ۽ **منصور پبلشنگ ايجنسيءَ** پاران **'گلستان'** نالي سان هي ماهوار رسالو 1991ع ۾ ناميار اديب ۽ پبلشر **ناز سنائي** حيدرآباد مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو. ڊيمي سائيز جي 64 صفحن تي ٻڌل هن رسالي جو رنگين ٽائيٽل هوندو هو. رسالي ۾ ڪهاڻين، معلوماتي مضمونن ۽ نظمن- گيتن کان سواءِ ڪيترائي دلچسپ معلوماتي ۽ مستقل سلسلا شامل ڪيا ويندا هئا. 1995ع ڌاري ڪجهه وقت لاءِ هي رسالو شايع ٿيڻ بند ٿي ويو. جڏهن ته 1996ع ۾ ٻيهر جاري ٿيو. هن ڀيري هيءُ رسالو ساڍا ٽي سال جاري رهيو. ٽيون ڀيرو هي رسالو سال 2003ع ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿيو جيڪو ٻه سال کن شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو. پنهنجي اشاعت جي سمورن دورن ۾ ٻارن جو هي رسالو نه رڳو سڄيءَ سنڌ ۾ بيحد مقبول ٿيو پر هن رسالي مستقبل جا ڪيترائي اديب پيدا ڪيا، جيڪي اڄ جي ادبي افق تي روشن ستارا آهن. هن رسالي نئين نسل جي ادبي ۽ علمي آبياري ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو جيڪو سدائين ياد رکيو ويندو.

ٻارن جي هن مقبول رسالي **'گلستان'** جو چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر ناميارو اديب **ناز سنائي** هو جڏهن ته **الطاف ملڪاڻي**، **اسحاق سميجو**،

جمن احمداڻي، احسان لغاري، راحيلا ناز ۽ مور سنڌي هن رسالي جا مختلف وقتن تي جا ايڊيٽر ٿي رهيا آهن. رسالي جي اسسٽنٽ ۽ سب ايڊيٽرن طور ڪم ڪندڙن ۾ **خالد آزاد، جاويد سوز هالائي، همدرد سنڌي، دلشاد خاصخيلي، انور ڪاڪا** ۽ ٻيا نوجوان اديب شامل رهيا آهن. ٻارن جو هي رسالو 90 واري ڏهاڪي جو سينيءَ کان مقبول ترين رسالو ثابت ٿيو جڏهن ته هن رسالي ئي نوجوان اديبن کي اڳتي اچڻ جو موقعو ڏنو. جن هن رسالي ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ادب ۽ سماج جي ٻين شعبن ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي.

## ماهوار 'ٻالڪ رنگ' (ڪراچي):

ٻارن جو هيءُ مقبول رسالو **'ٻالڪ رنگ'** 1991ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. هن رسالي جي چيف ايڊيٽر **ستيا** ۽ ايڊيٽر **مريم هئي**، جڏهن ته هن رسالي جو پبلشر **علي نواز ٻگهيو** هو. هيءُ رسالو ڊيمي سائيز جي 66 صفحن تي شايع ٿيندو هو. هيءُ رسالو ساندهه 6 سال کن جاري رهيو. رسالي جي اهم ليکڪن ۾ **جاويد سحر، آمنه بيزار نظاماڻي، جان محمد گڏاڻي، ايم رمضان سيلرو جاويد سوز هالائي، طارق قريشي، مقبول انجم، گل منير چانديو** ۽ ٻيا شامل هئا. رسالو ٻارن ۾ گهڻو مقبول ٿيو. ڪراچيءَ مان نڪرندڙ هي پهريون رسالو هو جيڪو هڪ وڏي عرصي تائين نه صرف شايع ٿيندو رهيو پر ٻارن ۾ بيحد مقبول پڻ ٿيو.

## ماهوار 'ناياب' (ٽنڊو جام):

ٻارڙن لاءِ هي علمي ادبي رسالو نومبر 1992ع ۾ **ٽنڊي جام** مان جاري ٿيو. رسالي جا ايڊيٽر **شبير ساگر** ۽ **پير نويد قريشي** هئا. رسالي جون معاون **راحيلا آغا** ۽ **بدرالنساءَ ميمڻ** هيون. هي رسالو ڪرائون سائيز جي 64 صفحن تي ٻڌل هو. ٽائيٽل بليڪ اينڊ وائيٽ شايع ٿيندو هو. هن

رسالي جا 1993ع تائين ڪل ٽي شمارا شايع ٿيا ۽ بعد ۾ رسالو بند ٿي ويو. رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **انيتا شاهه لڪياري، خليل عارف سومرو، غلام محمد ڀٽي، مرڪ لغاري، پير نويد رسول قريشي، رشيد احمد ميمڻ، توفيق احمد مهر، حبيب الله ميمڻ، اسلم شيخ، پرهه ڪوريجو** ۽ ٻيا شامل هئا.

## ماهوار 'ساٿي' (حيدرآباد):

ٻارن جي علمي ادبي ۽ سياسي تنظيم **'بزم ساٿي'** پاران ٻارن لاءِ ماهوار رسالو **'ساٿي'** آگسٽ 1992ع کان جاري ڪيو ويو. جيڪو هن وقت تائين پڻ حيدرآباد مان شايع ٿيندو پيو رهي. ڊيمي سائيز جو هي رسالو عام طور 62 صفحن تي شايع ٿيندو آهي. رسالي جو پهريون ايڊيٽر **تاج محمد نظاماڻي** هو جڏهن ته پهرين ٽيم ۾ **عبدالعزيز لغاري، محمد ايوب کٽي** ۽ **الطاف احمد نظاماڻي** شامل هئا. **جميعت طلباءِ اسلام سنڌ** جو صدر رسالي جو سرپرست اعليٰ هوندو آهي، اهڙيءَ ريت جميعت جو ان وقت جو سنڌ جو صدر **عظيم بلوچ**، رسالي جو پهريون سرپرست اعليٰ ٿيو. شروعات ۾ هي رسالو سلسليوار ڪتابن جي صورت ۾ شايع ٿيڻ لڳو. پر سنت ئي پوءِ رسالي کي باقاعدي ماهوار بنيادن تي شايع ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو. پهرئين شماري جي قيمت 3 روپيا هئا. رسالي جي اهم ايڊيٽرن ۾ **تاج محمد نظاماڻيءَ** کان سواءِ **عبدالعزيز لغاري، شهزاد احمد چنا، عبدالواحد لغاري، عبدالوهاب سهتو، زين العابدين لغاري، محمد مبشر، ڪاشف حسين، اختر حسين سمون، ذيشان عابد، آغا خالق ڏنو ميرجت** ۽ **احمد خان گڏاڻي** قابل ذڪر آهن.

هيءُ رسالو جيتوڻيڪ مذهبي ۽ سياسي پارٽي **'جماعت اسلاميءَ'** جي شاگردن ۽ ٻارن جي ونگن پاران شايع ڪيو ويندو آهي، ان ڪري رسالي ۾ گهڻي ڀاڱي تنظيمي سرگرمين جا حال احوال ۽ مواد به خاص نظرياتي نوعيت جو شامل ڪيو ويندو آهي، پر تنهن هوندي به هي

رسالو پنهنجي مختلف وقتن تي، سنڌ جي ٻارن ۾ مقبول رسالي طور پنهنجي جاءِ ناهيندو رهيو آهي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ڪيترن ئي نوجوان ليکڪن هن رسالي ۾ باقاعدي لکيو آهي، جنهن جو ڪريڊٽ **ساٿيءَ** جي ايڊيٽر ۽ نوجوان ليکڪ اختر حسين سمي ڏانهن وڃي ٿو. سال 2001 کان 2004ع تائين **اختر حسين سمون** هن رسالي جو ايڊيٽر ٿي رهيو آهي، ان دور ۾ رسالي **'ساٿي'** سنڌ جي ٻارڙن ۾ چڱي مقبوليت ماڻي، جڏهن ته **اختر حسين سمي** کان پوءِ **ذيشان عابد** پڻ پنهنجي محنت ۽ دلچسپيءَ سان هن رسالي کي سنڌ اندر ٻارن ۾ چڱو مقبول ڪرايو.

ان کان سواءِ **'بزم ساٿي'** پاران **'ساٿي پبليڪيشن'** نالي سان ٻارن جو ڪتابي سلسلو پڻ جاري ڪيو ويو جنهن هيٺ هيستائين ٽي (3) ڪتاب: (1) **روشني** (ڪهاڻيون) (2) **منزل** (ڪهاڻيون)، (3) **نور پور** (ڪهاڻيون) شامل آهن.

## ٻه ماهي 'گلڙا' (شڪارپور):

ٻارن جو هي مشهور علمي ادبي رسالو شڪارپور مان 1992ع ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿيو جنهن جا 1996ع تائين 22 شمارا شايع ٿيا. هن رسالي جا 21 شمارا ڊيمي سائيز ۾ شايع ٿيا، جڏهن ته هڪ شمارو **'گل ڦل'** سائيز ۾ شايع ٿيو. رسالي ۾ 48 صفحا هوندا هئا. جنهن جو چيف ايڊيٽر **قمر ميمڻ** ۽ ايڊيٽر **خالد پٽي** هئا. ٽيم ۾ **سردار محمد گڏاڻي، محمد صالح کهڙو** ۽ ٻيا شامل هئا. هن رسالي ۾ **ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، ارباب عادل چوهاڻ، عابد نياز ميمڻ، عبدالرحمان جتوئي، عبدالحئي عابد، وفا منظور چوهاڻ، نظير احمد ناز** ۽ ٻين لکيو. شڪارپور جهڙي شهر مان مستقل طور تي شايع ٿيندو رهڻ، هن رسالي جي ڪاميابيءَ جو اولين ثبوت آهي. هن رسالي سنڌ جي مختلف شهرن سميت خاص طور تي شڪارپور ۽ آس پاس جي ٻارن ۾ وڏو علمي چاهه پيدا ڪيو.

**ماهوار ’چانڊاڻ‘(دادو):**

ٻارن جو هي سلسليوار رسالو 1993ع ۾ دادوءَ مان **همدرد سنڌي** شايع ڪرڻ شروع ڪيو. هن رسالي بابت ڪا گهڻي معلومات ملي نہ سگهي آهي، البت اهو معلوم ٿي سگهيو آهي تہ **همدرد سنڌي** ٻارن جا ٻيا رسالا شايع ڪرائي، دادو ۽ آسپاس جي اسڪولن ۾ ٻارن تائين پهچائيندو هو. ان مقصد هيٺ هن ٻارن جي هڪ تنظيم پڻ قائم ڪئي هئي. معلوم ٿيو آهي تہ همدرد سنڌي جوانيءَ ۾ ئي گذاري ويو هو جنهن ڪري ٻارن لاءِ سندس ڪم بابت وڌيڪ ڄاڻ ملي نہ سگهي آهي.

**پندرهن روزه ’ارچڪ مرچڪ‘(حيدرآباد):**

**عبرت گروپ آف پبليڪيشن** پاران ٻارن لاءِ پندرهن روزه رسالو **’ارچڪ مرچڪ‘** فيبروري 1993ع ڌاري حيدرآباد مان جاري ٿيو. ڊبل ڪرائون سائيز جو هيءُ رسالو پنهنجي دؤر ۾ ٻارن جو مقبول ترين رسالو رهيو. **مسعود لوهار ۽ قادر ڪنڌر** هن رسالي جا ايڊيٽر ٿي رهيا آهن. هيءُ رسالو پندرهن روزه هو، جنهن ۾ ٻارن لاءِ آکاڻيون، مضمون، شعر ۽ ٻيا مستقلا سلسلا هوندا هئا. رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **پير نويد شاهہ وفا مولا بخش قمبراڻي، جاويد سوز هالائي، خالد آزاد، حزب الله سمون ۽ ٻيا** شامل رهيا آهن. ٻہ سال مستقل طور تي شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو. بعد ۾ ڀيهر ڪجھہ وقت لاءِ شايع ٿيو. پر هلي نہ سگهيو. ساڳئي نالي سان روزاني **’عبرت‘** ۾ ٻارن جو صفحو بہ شايع ٿيو. روزاني عبرت اخبار جو پسمنظر هجڻ ڪري هي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچندو هو ان ڪري رسالو ٻارن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو.

**ماهوار 'ٻارڙن جو سنڌ رنگ' (حيدرآباد):**

هيءُ رسالو **ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن**، حيدرآباد پاران 1 جنوري 1995ع کان شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. هن رسالي جو ايڊيٽر **جعفر ميمڻ** هو جڏهن تہ **اسحاق سميجو** ۽ **الطاف ملڪاڻي** سب ايڊيٽر هئا. هيءُ رسالو ڊيمي سائيز جي 64 صفحن تي ٻڌل هو. جون 1995ع تائين هن رسالي جا 6 پرچا ڊيمي سائيز ۾ ڇپيا، جڏهن تہ بعد ۾ ساڳئي رسالي جا 2 پرچا ڊبل ڪرائون سائيز ۾ پڻ شايع ٿيا. هن رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **نجمہ ناهيد ڪنير، ذوالفقار پٽي، محمد عثمان ڪٽي، شمن علي چنا، خادم جسڪاڻي، آزاد پون ڪمار، عطاءُ الله پٽو، عبدالحڪيم جروار** ۽ ٻيا شامل هئا. **اسحاق سميجي**، هن رسالي ۾ ٻارن لاءِ سنڌ جي نامور اديبن ۽ قلمڪارن جا انٽرويو ڪيا، جيڪي ٻارڙن بيحد پسند ڪيا. ڪاوش گروپ آف پليڪيشنس جو پسمنظر هجڻ ڪري هي رسالو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچندو هو جنهن ڪري ٻارن ۾ گهڻو مقبول ٿيو. هيءُ رسالو سال1997ع ڌاري بند ڪيو ويو.

**سلسليوار 'ٻارڙن جي ٻاري' (ڀان سعيد آباد):**

سنڌي ٻارڙن لاءِ هي سلسليوار رسالو **'ٻارڙن جي ٻاري'** سنڌي ادبي سنگت، ڀان سعيد آباد پاران 1995ع ۾ شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر **غلام مصطفيٰ سولنگي** ۽ ايڊيٽر **پرديپ ڪمار پريمي** ۽ **شعور شاهاڻي** هئا. سب ايڊيٽرن ۾ **رفيق احمد آءِ ميمڻ** ۽ **پيرل خان برهماڻي** شامل هئا. هن رسالي جا 32 صفحا ۽ سائيز ڊيمي هئي. هن رسالي جو هڪ ئي پرچو شايع ٿي سگهيو.

## ماهوار 'ڪنول' (پان سعيد آباد):

ٻارڙن لاءِ هي ماهوار رسالو **'ڪنول'**، نوجوان ليکڪ **غلام مصطفيٰ سولنگي**، **چلڊرن ادبي بورڊ**، پان سعيدآباد، ضلعي دادوءَ مان 1995ع جي اپريل ۾ جاري ڪيو. پهرئين پرچي جو چيف ايڊيٽر **غلام مصطفيٰ سولنگي ۽ ايڊيٽر پرديپ ڪمار پريمي** هئا. بعد ۾ ڪنول رسالي جي ٽيم ۾ پرهه **پروين گل، ڊاڪٽر قربان جهتيال، غلام محمد پٺي، بادشاهه لغاري ۽ منظور سولنگي** وغيره شامل ٿيا. هن رسالي جا ڊسمبر 1996ع تائين ڪل يارهن پرچا شايع ٿيا. هن رسالي جي پهرئين پرچي جي سائيز ڪرائون ۽ صفحا 18 هئا، بعد ۾ باقي پرچا ڊيمي سائيز ۾ شامل ٿيا. هي رسالو 32 صفحن تي ٻڌل هو. هن رسالي ٻه خاص نمبر: **ڪهاڻي نمبر ۽ سالگرهه نمبر** به شايع ٿيا. هن رسالي ٻارن لاءِ چڱو تخليقي مواد شايع ڪيو. ٻارن سان گڏ وڏن اديبن کان پڻ لکڻيون لکرائي شايع ڪيون ويندڀون هيون، جنهن ڪري هي رسالو ٻارن ۾ سٺو مقبول ٿيو.

## ٽماهي 'آس' (ننڍو):

هن نالي سان هڪ ٽماهي رسالو 1995ع ۾ **محمد حسين خاصخيلي** ننڍي مان شايع ڪيو. رسالي بابت وڌيڪ تفصيل معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

## سلسليوار 'دوستي پبليڪيشن' (راڄو نظاماڻي):

ٻارن لاءِ هيءُ رسالو **'دوستي پبليڪيشن'** راڄو نظاماڻي، جهرڪ، ضلعي ٺٽي مان سال 1995ع ۾ جاري ڪيو ويو. هن رسالي جو سرپرست **ڊاڪٽر غلام رسول سمون ۽ ايڊيٽر شنڪر لال** هو. ايڊيٽوريل بورڊ ۾ **ساحر سمون ۽ خالد پريمي** هئا، جڏهن ته **الطاف ملڪاڻي** اعزازي

صلاڪار هو. رسالي جي سهڪاري سٽ ۾ **ڊاڪٽر منير احمد چنا، نبي بخش پريمي، عبدالرحمان ولهاري ۽ زاهد ترڪ** شامل هئا. هيءُ رسالو ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي ٻڌل هوندو هو. هن رسالي جا پنج- ڇهه پرچا شايع ٿيا ۽ پوءِ رسالو بند ٿي ويو.

## سلسليوار 'مهڪ' (شڪارپور):

ٻارڙن جو هي سلسليوار رسالو **'مهڪ'** جون 1996ع ۾ شڪارپور مان شروع ڪيو ويو. رسالو ڪرائون سائيز جي 48 صفحن تي ٻڌل هوندو هو جنهن جو ٽائيٽل رنگين هوندو هو. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر **محمد صالح ڪهڙو**، ايڊيٽر **محبوب اي بلوچ** ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽرس **مير بهادر بلوچ ۽ آفتاب مهر** هئا. رسالي ۾ ڪهاڻيون، شاعري، ذهني آزمائش جا سلسلا ۽ ٻيو ٻارن لاءِ ڪيترو ئي پڙهڻ جوڳو مواد هو. جنهنڪري رسالو ٻارڙن ۾ چڱو مقبول ٿيو. رسالي جي ايڊيٽر **محبوب اي بلوچ**، هن رسالي ذريعي ٻارن جي ليکڪن جي ڊائريڪٽري به مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهو ڪم نه ٿي سگهيو. هن رسالي جا 18 شمارا نڪتا ۽ 5-2004ع ڌاري بند ٿي ويو. ٻارن جي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ جي سلسلي ۾ هن رسالي جو سٺو ڪردار آهي.

## سلسليوار 'روشن راهون' (پنگريو):

ٻارڙن جو هي سلسليوار رسالو 1996ع ڌاري پنگرئي مان جاري ٿيو. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر **آچار عظيم ڪوسو** ۽ ايڊيٽر **جاويد اقبال** هو جڏهن ته سب ايڊيٽرن ۾ **نعيم صفدر پٽي، يونس ٻڪاري ۽ سليم جروار** شامل هئا. هي رسالو ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي مشتمل هوندو هو جنهن جا صرف 3 شمارا شايع ٿي سگهيا ۽ رسالو بند ٿي ويو. پنگريي جهڙي پوئتي پيل شهر مان ٻارن جو هيءُ رسالو شايع ڪرڻ هڪ نهايت اهم ڪوشش هئي.

## ماهوار ’گلڙا‘ (ٽنڊو ڄام):

ٻارڙن جو هي مقبول رسالو ماهوار **’گلڙا‘** اپريل 1997ع ۾ ٽنڊي ڄام مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر **شبير ساگر** ۽ **ايڊيٽر حبيب الله ميمڻ** هو جڏهن تہ جوائنٽ ايڊيٽرن ۾ **وفا مولا بخش قمبراڻي** ۽ **واحد پارس هيسباڻي** شامل هئا. بعد ۾ هن رسالي جو ايڊيٽر **اختر سمون** پڻ ٿيو. هن رسالي ٻارن جي تخليقي ادب جي تياري ۽ اشاعت جو ماحول پيدا ڪيو ۽ وڏي عرصي کان پوءِ ٻارن لاءِ لکندڙ نوجوان ليکڪ، ڏند ڪٿائن ۽ مافوق الفطرت موضوعن کي ڇڏي نج تخليقي لکڻيون پيش ڪرڻ لڳا. هن رسالي ۾ **مقصود گل، پير نويد هاشمي، سنجڻ ڪمار ساگر، خالد آزاد، خالد پٽي، وفا مولا بخش، حنيف ڪنير، واحد پارس، احسان راهوجي، سنڌو شڪيل، . خادم سيلري** ۽ ٻين نوجوان ليکڪن تمام گهڻو لکيو.

ماهوار **’گلڙا‘** ٻارن جو پسنديده رسالو ٿي اڀريو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ مقبول ٿيو. هن رسالي **’ماءُ نمبر‘** سميت ٻيا خاص نمبر پڻ شايع ڪيا. هيءُ رسالو ڊيمي سائيز جي 64 صفحن تي شايع ٿيندو هو. بعد ۾ سال 2003ع دوران بند ٿي ويو. هن رسالي جا ڪل 59 پرچا شايع ٿيا. هن رسالي جي سهاري هيٺ ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم **’گلڙا سنگت، سنڌ‘** پڻ قائم ڪئي وئي. هن رسالي جي سنڌ اندر مقبوليت ۽ ٽنڊي ڄام جهڙي شهر مان مستقل طور تي شايع ٿيڻ پويان رسالي جي چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر **شبير ساگر** جي محنتن ۽ دلچسپيءَ جو وڏو هٿ هو جڏهن تہ ٽيم جي ميمبرن **وفا مولا بخش، واحد پارس، اختر سمي، احسان راهوجي** ۽ ٻين پڻ هن رسالي جي مواد توڙي لي آئوٽ جي تياريءَ جي سلسلي ۾ پنهنجون صلاحيتون ڪتب آنديون.

**'حوصلو پبليڪيشن' (رڪ):**

هن نالي سان هڪ رسالو **اعجاز قادر مهر**، رُڪ، تعلقي لکي غلام شاهه، ضلعي شڪارپور مان سال 1997ع ۾ جاري ڪيو. رسالي جو پهريون پرچو ڪرائون سائيز ۾ شايع ٿيو جڏهن ته باقي پرچا ڊيمي سائيز ۾ شايع ٿيا. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر **انيسان قادر مهر**، جڏهن ته ايڊيٽر **اعجاز قادر مهر** هو. هن رسالي جا ڪل 12 پرچا شايع ٿيا. هن رسالي جو پهريون پرچو 32 صفحن تي مشتمل هو جڏهن ته ٻيا شمارا 48 صفحن تي شايع ڪيا ويا. بعد ۾ رسالو بند ٿي ويو. رُڪ جهڙي ڏورانهين شهر مان ٻارن جي هڪ رسالي جا 12 پرچا شايع ٿيڻ سچ ته تمام وڏو ڪم هو.

**ماهوار 'ٽانڊاڻو' (رتوديرو):**

هي رسالو **ملهار سنڌيءَ** رتي ديري، ضلعي لاڙڪاڻي مان 1998ع ڌاري جاري ڪيو. رسالي جا پنج پرچا شايع ٿيا ۽ پوءِ بند ٿي ويو. هن رسالي جو ايڊيٽر **ملهار سنڌي** هو. جڏهن ته اسسٽنٽ ايڊيٽرن ۾ **حميد ڏاهاڻي ۽ ظهير الدين پنهور** شامل هئا. رسالي جي سائيز ڊيمي هوندي هئي، جڏهن ته مواد ۾ ڪهاڻيون، گيت، معلوماتي مضمون ۽ ٻارن جي دلچسپيءَ جو ٻيو ڪيترو ئي سامان موجود هو.

**ماهوار 'ماهتاب' (ڏورو نارو):**

هن نالي سان هڪ رسالو **ڪريم آريسر**، ڊسمبر 1998ع ۾ **ڏوري ناري**، ضلعي **عمرڪوٽ** مان شايع ڪيو. رسالي جا ٻه پرچا شايع ٿي سگهيا. بعد ۾ رسالي جي ايڊيٽر **ڪريم آريسر** جي اوچتي وفات ڪان پوءِ هيءُ رسالو بند ٿي ويو.

**ماهوار 'پوپٽ' (عمرڪوٽ):**

ٻارن جو هي علمي ادبي رسالو **'پوپٽ'** 1998ع ۾ عمرڪوٽ مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. **بنسي مالهي** هن رسالي جو چيف ايڊيٽر هو جڏهن تہ **مورچند اوڏ** ۽ **وفا مالهي** مختلف وقتن تي هن رسالي جا ايڊيٽر رهيا آهن. رسالي جي ٻي ٽيم ۾ **خطائي ٽيبو، اشرف لاشاري، واحد لاشاري** ۽ ٻيا شامل هئا. هن رسالي ۾ ٻارن لاءِ سماجي ۽ سائنسي موضوعن تي ڪهاڻيون، شعر، مضمون شايع ڪيا ويندا هئا. جڏهن تہ ناميارو شاعر **حليم باغي** هر شماري ۾ ٻارن لاءِ **شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ** جي شاعريءَ جي تشريح ڪندو هو. ان ڪان سواءِ ناميارو شاعر **جمن دربدر** هن رسالي ۾ سلسليوار مزاحيہ ڪهاڻيون پڻ لکندو هو. هن رسالي جا ڪُل 9 پرچا شايع ٿيا ۽ 2000ع ۾ رسالو بند ٿي ويو. عمرڪوٽ جي ادبي تاريخ ۾ هن رسالي جي اهميت کي ضرور نظر ۾ رکيو ويندو.

**'گلڙن جي گفتار' (ميرواهہ گورچاڻي):**

ٻارڙن جو هي سلسليوار رسالو **اڪبر ارمان لغاري** سال 1998ع ۾ ميرواهہ گورچاڻيءَ مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن جا 4 شمارا شايع ٿيا. ڊيمي سائيز ۾ شايع ٿيندڙ هي رسالو 48 صفحن تي مشتمل هوندو هو. رسالي جو ايڊيٽر **اڪبر ارمان لغاري** هوندو هو جڏهن تہ **عبدالحڪيم جروار** ۽ **حيدر لطيف رند** هن رسالي جا سب ايڊيٽر هئا. 4 شمارا شايع ٿيڻ ڪان پوءِ هي رسالو بند ٿي ويو.

**ماهوار 'ٻاڪ' (ميرپوربٺورو):**

هيءَ رسالو ميرپور بٺوري مان **خدا بخش اي ڪتري** 1999ع ۾ جاري ڪيو. هن رسالي جو ايڊيٽر **همير سومرو** هو. سب ايڊيٽرن ۾ **پروين**

**سلطانہ کوسو ايس امر قاضي، آفتاب مهر، آزاد اياز پالاري، ۽ وفا غلام حيدر ٺاراڻي** شامل هئا. هيءَ رسالو ڊيمي سائيز جي 64 صفحن تي ٻڌل هو. هن رسالي جا چند پرچا ئي شايع ٿي سگهيا.

## ماهوار ’رانديڪو‘ (خانواهہ):

هن نالي سان ٻارن جو هڪ ماهوار رسالو **وهاب جروار** خانواهہ ضلعي لاڙڪاڻي مان سال 1999ع ۾ جاري ڪيو. هن رسالي جا 5 پرچا شايع ٿي سگهيا، جنهن کان پوءِ 2001ع ۾ رسالو بند ٿي ويو.هن رسالي جو ايڊيٽر **وهاب جروار** هو جڏهن تہ اسسٽنٽ ايڊيٽر **عبدالرحمان ڪوريجو** سب ايڊيٽرز **فوزيا ٽالپر ۽ عبدالواحد جروار** هئا. رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **مقصود گل، حبيب زاهد پٺو، شازيہ ٽالپر، ناصر قاضي، مختيار گهمرو، پنهل پياسي، غمدل منگي، نادر حسيني دل، منظور منگي، ارباب علي عادل چوهاڻ** ۽ ٻيا شامل هئا. هي رسالو ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي ٻڌل هوندو هو. سنڌ جي ننڍڙي شهر خانواهہ مان ٻارن جي رسالي جي اشاعت ۽ ان کي ٻارڙن تائين پهچائڻ هڪ انتهائي اهم ڪم هو جيڪو وهاب جروار ڪري ڏيکاريو پر بدقسمتيءَ سان هي رسالو گهڻو وقت شايع نہ ٿي سگهيو ۽ بند ٿي ويو.

## ماهوار ’روشن دنيا‘ (ٽنڊو جام):

**’روشن دنيا‘** جي نالي سان ٻارن جو هيءَ ماهوار رسالو 1999ع ڌاري، ٽنڊي جام مان **مير شاهنواز ٽالپر** شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو مختلف وقتن تي عارضي طور بند ٿيڻ باوجود هڪ وڏي عرصي تائين شايع ٿيندو رهيو. پنهنجي دؤر ۾ هيءُ رسالو سنڌي ٻارن ۾ تمام گهڻو مقبول رهيو. رسالي جو پبلشر ۽ چيف ايڊيٽر **مير شاهنواز ٽالپر** هو. جڏهن تہ **مڪيش راجا سوٿهڙ، زبير سومرو ۽ وهاب جروار** هن رسالي جا

ايڊيٽر رهيا آهن. رسالي جي ٽيم ۾ **شازيہ مير، محمد رفيق سپيو، ڪامران ٽالپر، احسان راهوجو، هوش محمد ڀٽي، ضامن هيسباڻي** ۽ ٻيا شامل هئا. رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **خالد آزاد، زبير سومرو، مکيش راجا، احسان راهوجو، وفا مولا بخش، خادم سيلرو، يوسف ڀٽو، ممتاز علي ڪنير، دولت رام ديپ** ۽ ٻيا شامل هئا. هن رسالي ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، مضمون، شعر ۽ ٻيو دلچسپ مواد شايع ٿيندو رهيو. سال 2001ع ۾ **'روشن دنيا'** رسالي جي سهاري هيٺ ٻارن جي علمي ادبي تنظيم **'روشن دنيا ٻالڪ سنگت'** پڻ قائم ڪئي وئي، جنهن جو سرپرست اعليٰ **مير شاهنواز ٽالپر** ۽ مرڪزي صدر **رحمت الله ڪنير** هو.

ٽنڊي ڄام مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالن ۾ هي رسالو پڻ تمام گهڻو مقبول رسالو رهيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي سمورن طبعي ڀاڱن لاڙ، اتر، ڪاڇي ۽ ٿر جي ٻارڙن ۽ نوجوانن لکيو.

## ماهوار 'خرچي' (شڪارپور):

هي رسالو مئي 1999ع ۾ شڪارپور مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو جنهن جو صرف هڪ شمارو شايع ٿيو ۽ رسالو بند ٿي ويو. هن رسالي جو پبلشر **نياز مسرور بدوي** هو جڏهن تہ ايڊيٽر **خالد ڀٽي** هو. ٽيم ۾ **عبدالجبار عاجز منگي، نظير احمد ڍيهو** ۽ ٻيا شامل هئا. هي رسالو 48 صفحن تي ٻڌل هو.

## ماهوار 'سونهن' (شڪارپور):

هن نالي سان ٻارن جو ماهوار رسالو شڪارپور مان 1999ع ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿيو جنهن جا ڪُل 8 شمارا شايع ٿيا. رسالي جو چيف ايڊيٽر **خالد ڀٽي** ۽ پبلشر **نياز مسرور بدوي** هو. پهرئين شماري جو ايڊيٽر **محبوب اي بلوچ** هو جڏهن تہ بعد ۾ ٻين ست شمارن کي **خالد ڀٽيءَ** پاڻ

ايڊٽ ڪيو. رسالي جا 48 صفحا هئا، جن ۾ ڪهاڻيون، شعر، معلوماتي مضمون ۽ ٻيو مواد شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو ڊيمي سائيز ۾ شايع ڪيو ويندو هو.

## ماهوار ’روشن راهه‘ (ڪراچي):

هن ناليe سان ٻارڙن لاءِ ماهوار رسالو **’روشن راهه‘** سال 1999ع ڌاري ٿورين نئين ڊيري ۽ بعد ۾ **ڪراچيءَ** مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. رسالي جو سرپرست اعليٰ **شاهد پرويز پٺو** چيف ايڊيٽر **فاروق راشدي** ۽ ايڊيٽر **سرفراز عباسي** هئا. اسسٽنٽ ايڊيٽرن ۽ سب ايڊيٽرن ۾ **نياز ڪلهوڙو، شيخ اسرار، سعيد پيرزادو، غلام محمد عباسي، شوڪت علي جوڻيجو، ممتاز عباسي، حمزو پنهور** ۽ ٻيا شامل هئا. هن رسالي جا ڪل 14 پرچا شايع ٿيا. ڊيمي سائيز جو هيءُ رسالو 48 صفحن تي ٻڌل هو ۽ ٻارن جي مقبول رسالن مان هڪ هو جيڪو مختلف وقتن تي جاري ٿيندو سال 2003ع ڌاري بند ٿي ويو. رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **خالد پٺي، عبدالرحمان جتوئي، امام راشدي، غلام مصطفيٰ سولنگي، عبدالجبار عبد، مختار گهمرو، مقصود گل، يار محمد چانڊيو، غني عمدل، مشتاق بخاري، لياقت ملگاڻي** ۽ ٻيا شامل هئا.

ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ رسالن **’ٻالڪ رنگ‘** ۽ **’مرڪ‘** کان پوءِ هي رسالو ٻارڙن جو بيحد مشهور رسالو ثابت ٿيو.

## ماهوار ’سارنگ‘ (شاهپور چاڪر):

ٻارڙن لاءِ هي رسالو ڊسمبر 1999ع ۾ **شاهپور چاڪر** مان جاري ٿيو. هن رسالي جو نگران اعليٰ **سوڍو خان بالادي** ۽ **شاد منگي** هئا، جڏهن تہ خاص نگران **آڪاش ڏاهري**، سب ايڊيٽر **امتياز علي منگي، منظور علي خاصخيلي، انور علي منگي** ۽ **هوشو منگي** هئا. ڊيمي سائيز جي هن

رسالي ۾ 48 صفحا هئا. جنهن جو هڪ پرچو شايع ٿي سگهيو. هن رسالي جا خاص ليکڪ **ياسين ڏاهري، امتياز منگي، لعل، بخش ڏاهري، منظور خاصخيلي، شفيع محمد سولنگي** ۽ ٻيا هئا.

**ماهوار 'شُشَر' (حيدرآباد):**

هن نالي سان ٻارن لاءِ ماهوار رسالو 1999ع ڏاري روزاني **'الک'**، حيدرآباد پاران جاري ٿيو. روزاني **'الک'** جي آفيس فريد اسڪوائر نسيم نگر، قاسم آباد، حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ هن رسالي جو ايڊيٽر **اندر جيت لوهاڻو** هو. هيءُ رسالو ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ڇپيو هو. صفحا 48 ڏنا ويندا هئا. چار شمارا شايع ٿيڻ کان پوءِ هيءُ رسالو بند ٿي ويو. رسالو هر حوالي سان معياري هو. جيڪڏهن مستقل شايع ٿيندو رهي ها تہ ٻارن جي ادب ۾ زبردست واڌارو ٿئي ها.

**ماهوار 'ڪونُو مونُو' (شهدادڪوٽ):**

هن نالي سان هڪ رسالو 1999ع ۾ شهدادڪوٽ مان جاري ٿيو جنهن جو ايڊيٽر **سنجڻ ڪمار ساگر** هو. ايڊيٽوريل بورڊ ۾ **خادم حسين سيلرو سرور چشتي، شفيق کوسو ۽ محمد عالم تبسم** شامل هئا. هن رسالي جا ٽي پرچا شايع ٿيا، جنهن کان پوءِ هي رسالو بند ٿي ويو. ڊيمي سائيز جي هن رسالي ۾ 32 صفحا هئا. جيڪو پيتائي پرنٽنگ پريس شهدادڪوٽ مان ڇپبو هو. شهدادڪوٽ جهڙي ڏورانهين شهر مان ٻارن جي هن رسالي کي شايع ڪرڻ هڪ بهترين ڪوشش هئي.

**'مهراڻ جا تارا' (شڪارپور):**

ٻارن جو هي بہ ماهي رسالو **'مهراڻ جا تارا'** سال 1999ع ۾ **وفا منظور چوهاڻ** جي ايڊيٽرشپ ۾ شڪارپور مان جاري ٿيو جنهن جا ڪُل

9 شمارا شايع ٿي سگهيا ۽ هي رسالو 2004ع ۾ بند ٿي ويو. هن رسالي جو سرپرست **عبدالرحمان جتوئي**، چيف ايڊيٽر **ارباب عادل چوهاڻ** جڏهن ته اسسٽنٽ ايڊيٽر **عبدالجبار عبد** هو. هن رسالي شڪارپور ۽ آسپاس جي ٻارن ۾ وڏو علمي ادبي چاهه پيدا ڪيو.

## سلسليوار 'پتڪڙا پبليڪيشن'(ميرپور ساڪرو):

هي رسالو 1999ع ۾ ميرپور ساڪري مان **پنهون مل مهيشوريءَ** شايع ڪرڻ شروع ڪيو. هي رسالو ڊبل ڪرائون سائيز جي 26 صفحن تي ٻڌل هو جيڪو حيدرآباد مان ڇپايو ويندو هو. هن رسالي جي ٻانهن ٻيلين ۾ **مولانا عبدالعزيز خاصخيلي، آفتاب مهر، آفتاب جوڳي، فيض سنڌي، وڪيو راز** ۽ ٻيا شامل هئا. هڪ ٻه شمارو شايع ٿيڻ کان پوءِ رسالو بند ٿي ويو.

## سلسليوار 'هٻڪار'(ڊکڻ- شڪارپور):

هن نالي سان هڪ رسالو **مشتاق بخاري**، سال 1999ع ۾ ڊکڻ، ضلعي شڪارپور مان جاري ڪيو. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر **مشتاق بخاري** هو. جڏهن ته **عبدالوهاب عثماني** (وهاب جروار) ۽ **شوڪت رضا ميمڻ** هن رسالي جا ايڊيٽر رهيا آهن. سب ايڊيٽرن ۾ **احسان راهوجو، اعجاز قادر مهر** ۽ ٻيا شامل هئا. هي رسالو ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي شايع ٿيندو هو. جنهن جا صرف 3 شمارا شايع ٿي سگهيا. 'ڊکڻ' شهر مان ٻارن جو رسالو جاري ڪرڻ جي هيءَ هڪ بهترين ڪوشش هئي.

## ماهوار 'گلن جهڙا ٻار ڙا'(حيدرآباد):

روزاني هلچل ٻاران ٻارن جو هي ماهوار رسالو سال 2000ع ۾

حيدرآباد مان جاري ڪيو ويو. هن رسالي جو ايڊيٽر **واحد پارس هيسباڻي** هو جڏهن تہ پبلشر ۽ چيف ايڊيٽر **مهيش ڪمار** هو. هي رسالو ڊيمي سائيز ۾ 64 صفحن تي ٻڌل هو جنهن جا صرف 2 شمارا شايع ٿي سگهيا. هي رسالو پنهنجي گيٽ اپ ۽ مواد جي حوالي سان نهايت ئي معياري رسالو هو جيڪو جيڪڏهن مستقل بنيادن تي شايع ٿئي ها تہ ٻارن ۾ گهڻو مقبول ٿئي ها.

## ٻہ ماهي 'سنگتي' (شڪارپور):

ٻارڙن لاءِ هي ٻہ ماهي رسالو **'سنگتي'** شڪارپور مان **مهراڻ اڪيڊميءَ** پاران 2000ع ۾ جاري ڪيو ويو. رسالي جو چيف ايڊيٽر **قمر ميمڻ** ۽ ايڊيٽر **خالد پيٽي** هو. جڏهن تہ اسسٽنٽ ايڊيٽرس **تبسم گڏاڻي** ۽ **محمد جاويد ميمڻ** هئا. ادارتي بورڊ ۾ **احمد مرتضيٰ لالا**، **ثاقب گڏاڻي** ۽ **ساحل شاهہ** هئا. بعد ۾ **محمد صالح ڪهڙو** بہ هن رسالي جو ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر مقرر ٿيو. ڊيمي سائيز جي 48 صفحن تي ٻڌل هي رسالو ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيو. خالد پيٽيءَ جي ادارت ۾، هن رسالي ۾ ٻارن سان وڏن اديبن بہ ٻارن لاءِ خوب لکيو. رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **اياز پاتولي**، **قاضي منظر حيات**، **عبدالرحمان جتوئي**، **وفا منظور چوهاڻ**، **عبدالجبار عبد**، **امام راشدي**، **خالد آزاد** ۽ ٻيا شامل هئا. هن رسالي جا سال 2004ع تائين ٽيٽيهن (33) کان مٿي پرچا شايع ٿيا ۽ پوءِ رسالو بند ٿي ويو.

هن رسالي **'ڪهاڻي نمبر'**، **'سيرت النبي نمبر'** ۽ ٻين موضوعن تي خاص نمبر پڻ شايع ڪيا، جنهن لاءِ رسالي پاران اڳواٽ پڙهندڙن کي مواد موڪلڻ جي گذارش ڪئي ويندي هئي. پنهنجي دور ۾ هي ٻارن جو مقبول رسالو هو جنهن جو ڪريڊٽ ايڊيٽر **خالد پيٽيءَ** ڏانهن وڃي ٿو. شڪارپور جي ادبي ۽ صحافتي تاريخ ۾ هن رسالي جو تمام وڏو ڪردار آهي.

## ماهوار 'روشن تارا' (ٽنڊو ڄام):

هيءُ رسالو **'روشن تارا'** ٽنڊي ڄام مان **محمد رفيق سپئي،** سال 2000ع ۾ جاري ڪيو. هن رسالي جو ايڊيٽر **يار محمد نظاماڻي،** سب ايڊيٽر **راجيش ڪمار گوسوامي ۽ دسرت در گوسوامي** هئا. هيءُ رسالو ڪرائون سائز جي 48 صفحن تي ٻڌل هو. اهم ليکڪن ۾ **محبوب اي بلوچ، پارس نظاماڻي، ياسر عرفات ڪبر، رحيم گل پالاري، شازيہ ناهيون، بشير احمد سراز** ۽ ٻيا شامل هئا. هن رسالي جو صرف هڪ پرچو ئي شايع ٿي سگهيو پوءِ رسالو بند ٿي ويو.

## ماهوار 'پوپٽ' (ڳڙهي ياسين):

ٻارن جو هي رسالو **سميع ساجد جوڻيجي** ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور مان فيبروري 2000ع ۾ شايع ڪيو. هي رسالو ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي شايع ٿيندو هو. جنهن جو سرپرست اعليٰ **غلام حيدر مهر** هو. جڏهن تہ ايڊيٽر **سميع ساجد جوڻيجو** هو. اسسٽنٽ ايڊيٽر **اداسي انور مگريو ۽ سڪندر علي انڙ** هئا. هن رسالي جو صرف هڪ پرچو ئي شايع ٿي سگهيو.

## سلسليوار 'سندر ٻارڙا' (ٽنڊو ڄام):

ٻارن لاءِ هي رسالو 2000ع ۾ ٽنڊي ڄام مان جاري ٿيو. رسالي جو سرپرست ۽ ايڊيٽر **دسرت گر گوسوامي،** اسسٽنٽ ايڊيٽر **راجيش ڪمار گوسوامي،** سب ايڊيٽر **جتيش ڪمار سنڌو** هئا. رسالي جا سهڪاري ستّ ۾ **يار محمد نظاماڻي، شبير ساگر، منوج ڪمار، منصور احمد ويسر** هئا. هي رسالو ڪرائون سائيز جي 32 صفحن تي ٻڌل هو. هن رسالي جو هڪ ئي پرچو شايع ٿي سگهيو. رسالي جي اهم ليکڪن ۾ **راجيش ڪمار،**

**علي بخش پناڻ، آزاد دليپ مالهي، ياسر عرفات ڪبر، پنهون مل مهيشوري، دائود لغاري، گل ٽڪڙائي** ۽ ٻيا شامل آهن.

### ماهوار ’ٻارن جي دنيا‘ (حيدرآباد):

**’ٻارن جي دنيا‘** نالي سان ٻارن لاءِ هي ماهوار رسالو سال 2001ع جي شروعات ۾ روزاني **’ڪاوش‘** حيدرآباد پاران شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. رسالو ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ڇپبو هو. جنهن جو ايڊيٽر **سيد زوار نقوي** هو. رسالي جا صفحا 50 هئا، جڏهن ته سائيز ڊبل ڪرائون هئي. رسالي جا شروعاتي ۽ آخر وارا صفحا رنگين هوندا هئا. هيءُ رسالو ٻارن ۾ گهڻو مقبول ٿيو ٻه سال سانده شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو. **شوڪت چاچڙ، حسرت ملاح، خالد پٽي، وفامولابخش قمبراڻي** ۽ ٻيا هن رسالي جا مستقل ليکڪ هئا. **ڪاوش گروپ آف پبليڪيشنس** جو پسمنظر هئڻ ڪري، اخبار سان گڏ هي رسالو سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر ۽ ڳوٺ تائين پهچندو هو ان ڪري ٻارن ۾ گهڻو مقبول ٿيو. ان دوران هن رسالي جي سهاري هيٺ ٻارن جي علمي ادبي تنظيم **’ٻارن جي دنيا سنگت‘** پڻ قائم ڪئي وئي، جنهن جي پليٽ فارم هيٺ ٻارن جي علمي ادبي سرگرمين جو آغاز ٿيو.

### سلسليوار ’سوچ‘ (خيرپور ميرس):

هي رسالو علم دوست **ادبي سنگت سنڌ،** خيرپور ميرس جي پليٽ فارم تان **زبير سومري** جي ادارت هيٺ سال ڊسمبر 2001ع تي جاري ٿيو. هن رسالي جو سرپرست **حزب الله آءِ سومرو**، چيف ايڊيٽر **شاهنواز ٽالپر،** سب ايڊيٽر **رحمت الله سومرو، عبدالحفيظ عباسي** ۽ **زوهيب الله سومرو** هئا. رسالي جي خاص صلاحڪارن ۾ **عبدالحميد سومرو، خادم ڪلهوڙو** ۽ **امين سومرو** شامل هئا. هن رسالي جو ٻيو شمارو جنوري 2003ع

۾ شايع ٿيو. رسالي جا ٻه ٽي شمارا شايع ٿي سگهيا. پهريون شمارو ڪرائون سائيز جي 16 صفحن تي ٻڌل هو جڏهن ته ٻيو شمارو ڊبل ڪرائون سائيز جي 32 صفحن تي ٻڌل هو. رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **ڊاڪٽر منير احمد چنا، دولت رام ديپ، ساجد سومرو، ساحل ممتاز جوڻيجي، نور محمد سميجو، سومرو ياسين، علي مخفي، وفا منظور چوهاڻ، ناشاد سنڌي ۽ اختر حسين آفاق ميتلو** ۽ ٻيا شامل هن.

## سلسليوار 'ٻالڪ ديپ' (مٺي):

ٻارن جو هي سلسليوار رسالو **آڪاش کتري** سال 2001ع ۾ مٺيءَ مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو. رسالو ڊيمي سائيز جي 48 صفحن تي مشتمل هو. **وجئه شرما، همليش ڪيمياڻي ۽ دليپ دوشي** رسالي جا سب ايڊيٽر هئا. جڏهن ته ٻالڪ ديپ جو صرف هڪ شمارو ئي شايع ٿي سگهيو.

## ٽماهي 'گلدستو' (رتوديرو):

ٻارن جو هي علمي ادبي ٽماهي رسالو **'گلدستو'**، ناميارين شاعر ۽ ليکڪ **مقصود گل**، مئي 2002ع ۾ رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو. ايڊيٽوريل بورڊ ۾ **مختيار گهمرو، قاضي اختر حيات، ياسر قاضي، سپنا گل قاضي ۽ نصرت ڪنگو** شامل هئا. ڊيمي سائيز جو هي رسالو 32 صفحن تي ٻڌل هوندو هو جيڪو **قاضي عبدالحئي ماڊل اسڪول رتيديري** مان شايع ڪيو ويندو هو. هن رسالي جي خاص ڳالهه اها هئي ته هن ۾ **انگريزي سيڪشن** به هوندو هو جنهن لاءِ رسالي جي آخر ۾ چار صفحا ڏنا ويندا هئا. ٻارن لاءِ شعر، ڪهاڻيون، معلوماتي اسم ۽ ٻيا سلسلا، هن رسالي ۾ شامل هوندا هئا. هي رسالو ٻارن ۾ چڱو مقبول ٿيو. رسالي جا ڪل نَوَ (09) پرچا شايع ٿيا ۽ پوءِ بند ٿي ويو. سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌ ويجهه جي سلسلي ۾ هن رسالي جو تمام وڏو ڪردار آهي.

### ماهوار 'منزل' (ميروخان):

ٻارڙن جو هي رسالو سال 2002ع ۾ ميري خان، ضلعي لاڙڪاڻي مان شايع ڪيو ويو. هن رسالي جو نگران **ڊاڪٽر اياز حسين تونيو** چيف ايڊيٽر **عطا گل پٽي**، ايڊيٽر **منتظر ممتاز علي**، اسسٽنٽ ايڊيٽر **محمد حسن بسمل تونيو** ۽ **محمد سعيد سومرو** هئا. هيءُ رسالو ڪرائون سائيز جي 48 صفحن تي ٻڌل هو. هن رسالي جو هڪ ئي پرچو شايع ٿي سگهيو.

### سلسليوار 'سنڌڙي' (ڏهرڪي):

ٻارڙن جو هي علمي ادبي رسالو سال 2002ع ۾ ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪيءَ مان شايع ڪيو ويو. هن رسالي جو سرپرست اعليٰ **محمد دين راڄڙ**، چيف ايڊيٽر **منظور بيدار پٽو** ۽ ايڊيٽر **رميش راجا بي ايم** هو جڏهن تہ **آڪاش حق نواز پرڙو** سٽ ۾ شامل هو. ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي مشتمل هن رسالي جا صرف ٻہ پرچا شايع ٿي سگهيا.

### 'ٻارن جي دعا' (حيدرآباد):

هيءُ رسالو سال 2003 ۾ حيدرآباد مان جاري ٿيو. ڪرائون سائيز جي هن رسالي ۾ 64 صفحا هئا. رسالي جو چيف ايڊيٽر **آفتاب گل رند**، اسسٽنٽ ايڊيٽر بهادر علي ميمڻ هو. رسالي جو هڪ ئي پرچو شايع ٿي سگهيو. بعد ۾ ساڳئي اداري پاران 2006ع ۾ اردوءَ ۾ **'بچون ڪي دعا'** نالي سان رسالو شايع ڪيو ويو.

### سلسليوار 'علم' (مرزاپور):

ٻارڙن جو هيءُ رسالو 2003ع ۾ مرزاپور مان جاري ٿيو. رسالي جو ايڊيٽر **وفا علي بخش جوڻيجو** هو. رسالو ڊيمي سائيز ۾ ڇپيو ۽ 32 صفحن تي مشتمل هو جنهن جا صرف 2 شمارا شايع ٿي سگهيا.

**ماهوار ’رنگين دنيا‘ (ڄام شورو):**

ٻارڙن جو هيءُ رسالو جون 2003ع ۾ ڄام شوري مان جاري ٿيو. رسالي جو ايڊيٽر **علي رضا لاڙڪ** ۽ سهڪاري ساٿي **زيد ايم ڏاريجو** هو. رسالي جو پهريون پرچو ڪرائون سائيز ۾ ڇپيو جڏهن باقي پرچا ڊبل ڪرائون سائيز ۾ شايع ٿيا. هن رسالي جا مارچ 2005ع تائين ڪل 11 پرچا شايع ٿيا. هي رسالو پنهنجي دور جو اهم رسالو هو جنهن ۾ ٻارن چڱي دلچسپي ورتي. ڄام شوري مان شايع ٿيندڙ رسالن ۾ هن رسالي جو پڻ وڏو ڪردار آهي.

**سلسليوار ’سرهاڻ‘ (عمرڪوٽ):**

هن نالي سان هڪ رسالو 2003ع ڌاري عمرڪوٽ مان **ٿيڪم ميگهواڙ** جي ادارت ۾ جاري ٿيو. عُمرڪوٽ جي ادبي تاريخ جو هي نهايت اهم رسالو آهي، جيڪو وقفي وقفي سان ڏهن سالن تائين شايع ٿيندو رهيو. هن رسالي جو سرپرست اعليٰ **حليم باغي** هو. جڏهن ته **ٿيڪم ميگهواڙ** سان گڏ سندس ٽيم ۾ **اشرف لاشاري، هميش راج اوڏ، حنيف راهمون** ۽ ٻيا شامل هئا. رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **رميش ڪمار سرويچ چانگ، قيمت سنڌي** ۽ ٻيا شامل هئا. رسالي جي اشاعت جي ڏس ۾ جيڪي سماجي ماڻهو **ٿيڪم ميگهواڙ** سان سهڪار ڪندا هئا، تن ۾ **علي نواز خاصخيلي، ڊاڪٽر هرچند راءِ، ميندر ديو رفيق ڪنير، بنسي مالهي** ۽ ٻيا شامل هئا. هي رسالو حيدرآباد جي ابن مسلم پريس مان ڇپجندو هو. سُرهاڻ رسالي ۾ ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، لطيفا ۽ ٻيو مواد شامل هوندو هو. سال 2013ع تائين ته سرهاڻ جا 24 شمارا مارڪيٽ ۾ آيا.

**ماهوار ’اجرڪ‘ (شهدادڪوٽ):**

هن نالي سان هڪ رسالو 2004ع ڌاري شهدادڪوٽ مان **ماجد عباس سمي** جي ادارت ۾ جاري ٿيو. ڪرائون سائيز جي هن رسالي جو صرف هڪ پرچو ئي شايع ٿي سگهيو. جنهن کان پوءِ رسالو بند ٿي ويو.

**ماهوار ’انڌلٺ‘ (ڄام شورو):**

ٻارڙن لاءِ هيءُ علمي ادبي رسالو ڄام شوري مان مارچ 2004ع ۾ جاري ٿيو. هن رسالي جي ايڊيٽر **سنڌ سونيتي پٽو** هئي، جڏهن ته صلاحڪاري سٽ ۾ **سليم پٽو لطيفي، مرتضي سيال، غلام مصطفيٰ گرگيز شبير ساگر، سرويچ سنڌي ۽ سورٺ سنڌي** شامل هئا. هيءُ رسالو ڊيمي سائيز تي ٻڌل هو جنهن جو پهريون پرچو 32 صفحن تي ٻڌل هو بعد ۾ صفحا وڌائي 48 ڪيا ويا. هن رسالي جا مارچ 2005 تائين جملي 14 پرچا شايع ٿيا. هن رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **سليم پٽو لطيفي، غلام مصطفيٰ گرگيز عبدالحميد مغل، مهوش ناز فضل الاهي چنا، سرويچ سنڌي، محمد يامين پٽو حق نواز اڄڻ، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، نور احمد ميمڻ** ۽ ٻيا شامل آهن. بعد ۾ هي رسالو پاڻ مرادو بند ٿي ويو. هيءُ رسالو بهترين مواد ۽ لي آئوٽ جي ڪري ٻارن ۾ چڱو مقبول ٿيو.

**سلسليوار ’سنڌي ٻار‘ (چيتو چنڊ، ٺٽو):**

ٻارڙن لاءِ هي علمي ادبي رسالو جنوري 2004ع ۾ **چيتي چنڊ، ضلعي ٺٽي** مان جاري ٿيو. هن رسالي جو ايڊيٽر **آزاد هيجب**، اسسٽنٽ ايڊيٽر **حبيب الله بروهي**، سب ايڊيٽر **ايم اڪرم پٽي، عمران خان پيرزادو، ساگر صدام بروهي، خدا ڏنو شاهه جسارت الياس جوکيو** ۽ ٻيا شامل هئا. هي پرچو ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي ٻڌل هو. پهريون پرچو بليڪ اينڊ وائيٽ شايع ٿيو جڏهن ته باقي پرچا رنگين هئا. هن رسالي جا جون 2005 تائين 5 پرچا شايع ٿيا. رسالي جي اهم ليکڪن ۾ **سرمد قريشي، آزاد هيجب، بهادر ساگر، سڪندر ڪوريجو اڪرم پٽي، آس عبدالله عباسي، اعظم پٽي، ڪي ڪي ڪاظم، ساگر سارنگ سنڌي، شاهه خالد ڏاتار وارو آزاد بروهي** ۽ ٻيا شامل هئا. هن رسالي جو هڪ پرچو ڪرائون سائيز ۽ ٻيا سڀ پرچا ڊيمي سائيز ۾ شايع ٿيا.

**سلسليوار 'اسڪولي ٻار' (چيتو چنڊ، ٺٽو):**

ٻارڙن جو هي رسالو **آزاد بروهي**، سال 2004ع ڌاري ڳوٺ **چيتي چنڊ، ضلعي ٺٽي** مان شروع ڪيو جنهن جا صرف ٻه پرچا ئي شايع ٿي سگهيا. رسالو ڊيمي سائيز جو هو ۽ 32 صفحن تي ٻڌل هو.

**سلسليوار 'روشن سنڌ' (چيتو چنڊ، ٺٽو):**

هن نالي سان هڪ رسالو سال 2004ع ۾ **چيتي چنڊ، ٺٽي ضلعي** مان شروع ڪيو ويو جنهن جو ايڊيٽر **ممتاز گل** هو. رسالو ڊيمي سائيز ۾ هو جنهن جو صرف هڪ پرچو شايع ٿي سگهيو.

**سلسليوار 'گلزار سنڌ' (حيدرآباد):**

سلسليوار **'گلزار سنڌ'** جي نالي سان ٻارڙن جو رسالو حيدرآباد مان جنوري 2004ع ۾ جاري ٿيو. هيءُ رسالو **اين. اي جان فائونڊيشن**، حيدرآباد پاران جاري ٿيو جنهن جو ايڊيٽر **احسان لغاري** هو جڏهن ته اسسٽنٽ ايڊيٽر **راجا ادريس لغاري** ۽ سب ايڊيٽر **عبدالرشيد وگهيو** هو. سهڪاري ساٿين ۾ **غلام محمد غازي، محمد اسحاق لغاري ۽ اياز مرزا** هئا. **احسان لغاريءَ** جي محنت ۽ دوستن جي سهڪار سان هي رسالو ٻارن ۾ چڱو مقبول ٿيو ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن تائين پهچندو هو. رسالي جي خاص ليکڪن ۾ **غلام محمد غازي، گوهر سنڌي، سرمد قريشي، پرويز گل پالاري، نياز مسرور بدوي، آزاد هيجب، رشيد احمد وگهيو خالد آزاد** ۽ ٻيا شامل هئا. هن رسالي جون 2006ع تائين تيرهن کان مٿي ڪڙيون شايع ٿيون ۽ پوءِ هيءُ رسالو بند ٿي ويو. حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ رسالن ۾ هن رسالي جو پنهنجو هڪ ڌار مقام آهي.

## سلسليوار ’معصوم مرڪ‘ (سجاول):

ٻارن جو هي سلسليوار رسالو **’معصوم مرڪ‘** 2004ع ۾ سجاول، ضلعي ٺٽي مان شايع ٿيو. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر **سرمد خان قريشي** هو. رسالي جو ايڊيٽر **سڪندر علي**، اسسٽنٽ ايڊيٽر **اياز عمراڻي ۽ اعجاز عمراڻي**، جوائنٽ ايڊيٽرز **فاروق احمد ميمڻ ۽ فضل الاهي چنا** هئا. 32 صفحن تي ٻڌل هي رسالو اسٽار پريس، سجاول مان شايع ٿيندو هو. هن رسالي جا ٽي پرچا شايع ٿي سگهيا. رسالو ضلعي ٺٽي ۽ لاڙ پاسي جي ٻين شهرن ۾ چڱو مقبول ٿيو.

## سلسليوار ’شاگرد پبليڪيشن‘ (وارهه):

هي رسالو 2004ع ۾ وارهه ضلعي لاڙڪاڻي مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. رسالي جو سرپرست اعليٰ **نياز ٻاگت** هو جڏهن تہ چيف ايڊيٽر **ممتاز علي ’من‘ گائنچو** ۽ ايڊيٽر **وفا شفيق تنيو** هو. اسسٽنٽ ۽ معاون ايڊيٽرن ۾ **ذوالفقار ’زيد‘ گائنچو، اخلاق علي ’اي‘ گائنچو عبدالعزيز چُنڊو** ۽ ٻيا شامل هئا. هن رسالي جو پبلشر ۽ مئنيجنگ ايڊيٽر **اعجاز قادر مهر** هو. هي رسالو ڪرائون سائيز جي 32 صفحن تي شايع ٿيندو هو هڪ ٻہ پرچا شايع ٿيڻ کان پوءِ هي رسالو بند ٿي ويو.

## سلسليوار ’ٻالڪ دنيا‘ (نل):

ٻارن جو هي علمي ادبي رسالو 2004ع ۾ نل ضلعي جيڪب آباد مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. رسالي جو ايڊيٽر **وفا گولو** هو. هي رسالو ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي مشتمل هوندو. جيڪو 4 پرچا شايع ٿيڻ بند ٿي ويو.

**سلسليوار 'ٻالڪ منڊل' (ٽنڊو محمد خان):**

ٻارن جو هي سلسليوار رسالو '**ٻالڪ منڊل**' 2005ع ۾ ٽنڊي محمد خان مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. هن رسالي جي ايڊيٽر آمنه **علي پلي** هئي، جڏهن ته ٻانهن ٻيلي **علي محمد پلي** ۽ **سرواڻ سنڌي** هئا. هن رسالي جو سب ايڊيٽر **امجد حسين لغاري** هو. هي رسالو ڊيمي سائيز جي 48 صفحن تي شايع ٿيندو هو جيڪو ٻه چار پرچا شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو.

**سلسليوار 'دوست' پبليڪيشن (سکر):**

هي رسالو 2006ع ۾ سکر مان شايع ڪرائڻ شروع ڪيو ويو. رسالي جو سرپرست **غلام محمد غازي** هو جڏهن ته ايڊيٽر **شيخ ارشاد** هو. صلاحڪاري ڪميٽيءَ ۾ **محمد حسين مهر، احسان لغاري** ۽ ٻيا شامل هئا. هي رسالو 18 صفحن تي ٻڌل هوندو هو جنهن جا 3 پرچا شايع ٿيڻ کان پوءِ رسالو بند ٿي ويو.

**ماهوار 'ادا سائين' (حيدرآباد):**

**نٽ ڪٽ گروپ آف پبليڪيشن** پاران سنڌيءَ ۾ ٻارن جو هيءُ ماهوار رسالو '**ادا سائين**' ڊسمبر 2006ع ۾ حيدرآباد مان شايع ڪيو ويو. هن رسالي جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمين **نواز علي پٽو** ۽ چيف ايڊيٽر **محمد وسيم خان** هو جڏهن ته رسالي جو ايڊيٽر **خالد آزاد** ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽرز **قربان شيخ** ۽ **روپلو جويو** هئا. ڊيمي سائيز جي 80 صفحن تي ٻڌل هيءُ رسالو پنهنجي دؤر ۾ ٻارن جو معياري ۽ سڀ کان وڌيڪ شايع ٿيندڙ رسالو هو. هن رسالي ۾ نوجوان ليکڪن کان سواءِ معروف ليکڪ **ڊاڪٽر ادل سومرو، اياز گل، نصير مرزا، علي دوست عاجز** ۽ ٻيا مستقل لکندا هئا. هيءُ رسالو **محمد وسيم خان، ميشرس ناصره ايڊورٽائيزرس** مان ڇپائي، بي- 7، نسيم اپارٽمينٽس حيدرآباد مان پڌرو

ڪيو ۽ سڄي سنڌ جي ڪتاب گهرن تي موڪليو ويو. سال 2007ع تائين هن رسالي جا 10 پرچا شايع ٿيا. بعد ۾ سرڪيوليشن جي ڪن مسئلن جي ڪري رسالو بند ٿي ويو

**ماهوار 'چانڊوڪي' (ٺٽو):**

ٻارن لاءِ هي علمي ادبي رسالو 2006ع کان مڪلي، ٺٽي مان جاري ٿيو جنهن جا 2007ع تائين 10 شمارا شايع ٿيا. ڊيمي سائيز جي هن رسالي جا 32 صفحا هئا. رسالي جو ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر **احمد ميمڻ**، چيف ايڊيٽر **محمد مارو خشڪ**، پبلشر ۽ ايڊيٽر **سرور دائود پوٽو** ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽرز **پير سجاد گهايل** ۽ **اقبال منگي** هئا. ايڊيٽوريل بورڊ ۾ **ريڊنو خاصخيلي، احمد ميمڻ، اعجاز اسد پليجو** ۽ **محمد مارو خشڪ** شامل هئا. رسالي جي اهم ليکڪن ۾ **بشارت الياس جوکيو، محبوب علي سمون، احسان هاليپوٽو، مبين جوکيو، قمر خشڪ،** رقيہ حسين خواجہ ۽ ٻيا شامل هئا. هيءَ رسالو **بتول پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتي، حيدرآباد** مان شايع ٿيندو رهيو.

**ماهوار 'ٻالڪ اسيمبلي' (ڪراچي):**

هن نالي سان ٻارڙن جو علمي ادبي ماهوار رسالو مارچ 2006ع تي، ڪراچيءَ مان جاري ٿيو ڊيمي سائيز جي هن رسالي جو چيف ايڊيٽر **خاصخيلي لطيف راواڻي** ۽ ايڊيٽر **رياض مهدي خاصخيلي** هو. هن رسالي جو صرف هڪ ئي شمارو جاري ٿي سگهيو.

**سلسليوار 'نئين لاٽ' (ڏهرڪي):**

هن نالي سان ٻارڙن جو علمي ادبي سلسليوار رسالو سال 2006ع ۾ ڏهرڪيءَ مان جاري ٿيو. ڊبل ڪرائون سائيز جي 64 صفحن تي مشتمل

هن رسالي جو ايڊيٽر رميش راجا بي ايم هو جڏهن تہ **محمد دين راڄڙي، مبارڪ لاشاري ۽ نويت ناز ڏهر** هن رسالي جي سٿ ۾ شامل هئا. هن رسالي جو صرف هڪ پرچو شايع ٿي سگهيو.

**سلسليوار 'رابيل' (جيڪب آباد):**

هن نالي سان هڪ رسالو **ڊاڪٽر داد محمد 'خادم' بروهي** جيڪب آباد مان سال 2007ع ۾ شايع ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جا بہ پرچا ٿي شايع ٿي سگهيا. ڊيمي سائيز جي هن رسالي ۾ 48 صفحا هوندا هئا. رسالي جو ايڊيٽر **ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي** هو جڏهن تہ سرپرست **مير گل محمد تالاڻي** ۽ صلاحڪار **ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو** هو. رسالي ۾ گهڻي ڀاڱي نصيحت آموز آکاڻيون ۽ معلوماتي مضمون شايع ٿيندا هئا.

**'سائنٽيفڪ' ميگزين (شهدادڪوٽ):**

هن نالي سان هڪ رسالو **خادم حسين سيلري** جي ادارت ۾ سال 2007ع ۾ شهدادڪوٽ مان جاري ٿيو. رسالي جو سرپرست پروفيسر **فضل محمد عمراڻي** هو. هي رسالو ڊيمي سائيز ۾ 32 صفحن ۾ ڇپبو هو. هن رسالي جا بہ پرچا شايع ٿي سگهيا. هي رسالو حيدرآباد مان ڇپرايو ويندو هو.

**سلسليوار 'روشن تارا' (جاتي):**

**'بزم روح ادب'** جاتيءَ پاران ٻارڙن جو علمي ۽ ادبي سلسليوار رسالو **'روشن تارا'** مارچ 2008ع کان جاتيءَ ضلعي ٺٽي مان جاري ڪيو ويو. رسالي جو چيف ايڊيٽر **اقبال شاهين** ۽ ايڊيٽر **عبدالسلام ٿهيم** هو. جڏهن تہ رسالي جي ٻي ٽيم ۾ **قادر بخش بخاري، نورالدين نفيس، زين العابدين قريشي** ۽ ٻيا شامل هئا. رسالي جو پهريون ۽ ٻيو پرچو ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ۽ باقي ٻيا پرچا ڊيمي سائيز ۾ ڇپيا. رسالي جي خاص

ليڪن ۾ **منظور احمد ٿهيم، عبدالحميد ميمڻ، شاد عظيم آخوند، آزاد هيجب، اعجاز حسين اعوان، محبوب علي نهڙيو** ذاڪر ڪٽي ۽ ٻيا شامل هئا. رسالي ۾ نامور اديبن ۽ ساڃاهه وندن جا انٽرويو جديد ۽ سائنسي مضمون، ڪالم، ڪهاڻيون، مستقل سلسلا ۽ ٻارن لاءِ ٻيو گهڻو مواد شايع ٿيندو هو. جاتي ۽ ٻارن تائين پهچائڻ نهايت اوکو ڪم هو جنهن جو ڪريڊٽ ايڊيٽر **عبدالسلام ٿهيم** ڏانهن وڃي ٿو. رسالي جون ٻه سالگراهون پڻ جاتيءَ ۾ ملهايون ويون. رسالو 2012ع تائين مسلسل جاري رهي بعد ۾ بند ٿي ويو.

## ماهوار 'سجاڳي' (حيدر آباد):

ٻارن جي علمي، ادبي ۽ سياسي آبياريءَ لاءِ 1978ع ۾ قائم ڪيل تنظيم **'سجاڳ ٻار تحريڪ'** پاران ٻارن جو هي رسالو **'سجاڳي'** نومبر 2008ع کان حيدرآباد مان جاري ڪيو ويو. رسالي جو چيف ايڊيٽر **روشن برهماڻي** هو. جڏهن تہ **سرور ڪوسو** ايڊيٽر ۽ **شاهد لطيف پٽو نجيب جروار، منصور برهماڻي، اعتزاز نواز ڪنراڻي** ۽ **انور حسين خاصخيلي** سٽ ۾ شامل هئا. هي رسالو ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي ٻڌل هو. رنگين ٽائيٽل واري هن رسالي ۾ ڪهاڻيون، گيت، معلوماتي مضمون، عالمن ۽ اديبن جا انٽرويو ۽ **سُجاڳ ٻار تحريڪ** جي سرگرمين جو احوال اهتمام سان شايع ڪيو ويندو هو. رسالي جي پسمنظر ۾ تنظيم جي هجڻ جي ڪري هي رسالو سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن تائين پهچايو ويندو هو جنهن ذريعي سنڌ جي ٻارن جي علمي، ادبي ۽ سياسي آبياري ڪئي ويندي هئي. هي رسالو پنهنجي دور جو مقبول رسالو هو. 2010ع تائين باقاعدي شايع ٿيڻ کان پوءِ پاڻ مرادو بند ٿي ويو. رسالي کي چار چنڊ لڳائڻ لاءِ عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ **روشن برهماڻيءَ** جي محنتن ۽ خدمتن کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

**سلسليوار ’سونهن‘ (جيڪب آباد):**

هن نالي سان هڪ رسالو جيڪب آباد مان ڊاڪٽر **داد محمد ’خادم‘ بروهي**، ڪيرٿر پبلڪيشن پاران سال جنوري 2008ع ۾ جاري ڪيو. هن رسالي جو سرپرست **مير گل محمد ٽالاڻي** ۽ صلاحڪار **ڊاڪٽر غلام نبي سدايو** هو. ڊيمي سائيز جي هن رسالي ۾ 32 صفحا هئا. جڏهن ته رسالي جا صرف به پرچا شايع ٿي سگهيا.

**ٿماهي ’موتي هن مهراڻ جا‘ (عمرڪوٽ):**

هن نالي سان هڪ رسالو عمرڪوٽ مان **جڳمال ماناڻيءَ** آگسٽ سال 2008ع ۾ جاري ڪيو جنهن ۾ ڪهاڻيون، لطيفا، ذهين ٻارن جا انٽرويو مزاحيه خبرون، ڏاهن جا قول، سائنس معلوماتي، اقوال زرين ۽ ٻيو مواد شامل هوندو هو. هن رسالي جا 5 شمارا شايع ٿي سگهيا. جنهن بعد رسالو بند ٿي ويو.

**سلسليوار ’ڦلواڙي‘ (حيدرآباد):**

ٻارن جو هي رسالو دراصل حيدرآباد جي هڪ تعليمي اداري **’اوسر پيڙهڪا‘** جي اوسر تعليمي نظام جي اسڪولن جو ترجمان رسالو آهي، جيڪو 2009ع کان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. هي رسالو ڊبل ڪرائون سائيز جي 24 صفحن تي ٻڌل آهي، جنهن جي ايڊيٽر **سنڌيا عرساڻي** آهي. هي رسالو جيئن ته اوسر تعليمي نظام جي اسڪولن ۾ ٻارڙن جو رسالو آهي، ان ڪري هي مارڪيٽ ۾ دستياب نه هوندو آهي. هي رسالو انگريزي توڙي سنڌي ٻنهي ٻولين ۾ شايع ٿيندو آهي.

**ماهوار ’ست رنگ‘ (ٽنڊو ڄام):**

ٻارڙن جو هي علمي ۽ ادبي- ماهوار رسالو **’ست رنگ‘** ڊسمبر 2009ع ۾ ٽنڊي ڄام مان شروع ڪيو ويو. رسالي جو ايڊيٽر **غلام مرتضيٰ لوچي**، جوائنٽ ايڊيٽر **غلام مرتضيٰ چانڊيو**، اسسٽنٽ ايڊيٽر **وقار حسين**

لوچي ۽ سهڪاري ست ۾ مظهر علي لاشاري، مير شاهنواز تالپر، شبير ساگر ۽ عظمت حسين ابڙو هئا. رسالي جي سائيز ڊبل ڪرائون ۽ صفحا 32 هئا. پرچي جو لي آئوٽ منفرد ۽ جديد هو. ڪهاڻيون، معلوماتي مضمون ۽ ٻيا مستقل ۽ مقابلي وارا سلسلا رسالي ۾ شامل هئا. هن رسالي جو هڪ پرچو شايع ٿيڻ بعد رسالو بند ٿي ويو.

## سلسليوار 'چنڊ' (چوڏڳي - سانگهڙ)

ٻارڙن ۽ نوجوانن جو ترجمان هي رسالو سلسليوار 'چنڊ' چوڏڳي، ضلعي سانگهڙ مان ايڊيٽر خان محمد خاطي ڪيريي 1 جنوري 2010ع شايع ڪرڻ شروع ڪيو. هن رسالي ۾ خاص ڪري اصلاحي، اخلاقي ۽ معلوماتي مواد شامل هوندو آهي. رسالي جي مشهور سلسلن 'سوين چنڊ ساٿي'، 'روشني'، 'سهڻا گل ٽڙيا'، 'ڏاهن جا ڏس ۽ سهڻا قول'، 'جهرمر جهرمر شاعري'، 'شعر چنڊ ستارا'، 'چنڊ ڇهچٽو'، 'سوچن جو چنڊ چمڪيو'، 'چنڊ چنيون'، 'ساٿي چنڊ جا'، 'ساڃاهه سهائي'، 'معلومات ۽ ڄاڻ' 'چنڊ جن جي هٿن' ۾ سميت ڪهاڻيون، تعليمي ماهرن جا انٽرويو ڪتابن جا تعارف، چوندڊ نثري ٽڪرا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه هن ۾ شامل هوندو آهي.

48 صفحن تي مشتمل هن رسالي جي قيمت 30_25 روپيا آهي. هن رسالي جو شمارو نمبر ڇهه 'استاد نمبر' ڪري شايع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ استاد جي عظمت تي ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، تاثر ۽ ٻيو مواد شامل آهي.

## سلسليوار 'ٻاراڻو ادب' (ڪوٽڙي):

هي رسالو آگسٽ 2011ع کان ڪوٽڙيءَ مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو جنهن جو مئنيجنگ ايڊيٽر نور محمد پٽو ۽ ايڊيٽر علي محمد پٽو هو. هي

رسالو دراصل تہ ماهي 'پرک' ڪونتڙيءَ جي اسپيشل ايڊيشن طور شايع ڪيو ويندو هو جنهن جا چند پرچا شايع ٿيا ۽ پوءِ رسالو بند ٿي ويو. 32 صفحن تي ٻڌل هن رسالي جي قيمت 10 روپيا هئا.

## سلسليوار 'ٻارڙن جو آواز' (خيرپور ميرس):

ٻارن جو سلسليوار رسالو **'ٻارڙن جو آواز' حفيظ عباسي** 2012ع ۾ خيرپورميرس مان شايع ڪيو. رسالو ڊبل ڪرائون سائيز ۾ 28 صفحن تي ٻڌل هو. جنهن جا صرف ٻہ شمارا شايع ٿي سگهيا. رسالي جو ايڊيٽر **حفيظ عباسي** ۽ سرپرست **امير عباسي** هئا، جڏهن تہ اسسٽنٽ ايڊيٽرن ۾ **الطاف راجا، پرويز ابڙو** ۽ **رفيق عباسي** شامل هئا. هن رسالي ۾ ڪهاڻيون، شعر، معلوماتي مضمون ۽ ٻيو دلچسپ مواد شايع ڪيو ويندو هو.

## سلسليوار 'گل تارا' (سيوهڻ):

**'سرهاڻ پبليڪيشن'** جي سرواڻ پرواني سيوهاڻي 2013ع ۾ **'گل تارا'** جي نالي سان ٻارن لاءِ هڪ سلسليوار رسالو شايع ڪيو. رسالي جو چيف ايڊيٽر **پروانو سيوهاڻي**، ايڊيٽر **حفيظ ڏيرو** سب ايڊيٽر **نظير حيات** ۽ سهڪاري ساٿي **گلفام ٻرڙو** هو. هن رسالي جو هڪ ئي پرچو شايع ٿي سگهيو ۽ ان کان پوءِ هي رسالو بند ٿي ويو.

## سلسليوار 'دي وي جي دنيا' (نيو سعيد آباد):

**'دي وي پبلڪ اسڪول نيو سعيد آباد'** طرفان ٻارن لاءِ علمي ۽ ادبي رسالو **'دي وي جي دنيا'** جي نالي سان سال 2013ع ۾ شايع ڪيو ويو. جنهن جو ايڊيٽر **حزب الله ساگر** سمون هو جڏهن تہ سرپرست اعليٰ **سيد امتياز علي شاهہ راشدي**، چيف ايڊيٽر **غلام مصطفيٰ سولنگي** هئا جڏهن تہ سب ايڊيٽرن ۾ **محمد اشرف شاهہ راشدي، سيد اڪرام الله شاهہ**

راشدي ۽ **سيد اظهار علي شاهه** هن رسالي جا سب ايڊيٽر هئا. رسالو ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي مشتمل هو جنهن ۾ ڪهاڻيون، مضمون، شاعري ۽ اسڪولي ٻارڙن سان ڪيل مختصر ڳالهه ٻولهه سان گڏ ٻيو مواد شامل هو. هن رسالي جا صرف هڪ ٻه شمارا ئي شايع ٿي سگهيا.

**سلسليوار 'مهراڻ جون مُرڪون' (ڪپرو):**

ٻارڙن جو هي علمي ادبي رسالو 2013ع ۾ ڪپري مان شايع ٿيو جنهن جو چيف ايڊيٽر **معصوم مصطفيٰ ڪنير** ۽ ايڊيٽر **ايم ملوڪ درس** هئا. جڏهن ته **منصور ڪنير، محمد جمن گجو، محمد جمن ڪنير** ۽ **ڊاڪٽر پورا لال** رسالي جي سهڪاري سٽ ۾ شامل هئا. هي رسالو ڊيمي سائيز جي 40 صفحن تي مشتمل هوندو هو ۽ رسالي جا صرف پنج پرچا شايع ٿي سگهيا. جنهن بعد هن رسالي کي صرف ٻاراڻي نوعيت مان ڪڍي، مجموعي طور سنڌي ادب جو رسالو ڪري شايع ڪيو پيو وڃي.

**ٽه ماهي 'پنکڙيون' (عمرڪوٽ):**

ٻارڙن جو هي ٽه ماهي رسالو **'پنکڙيون'** **سهيل احمد ڪنڀر** جنوري 2014ع کان عمرڪوٽ مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو. رسالو ڊبل ڪرائون سائيز ۾ 54 صفحن تي ٻڌل آهي، جيڪو سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين ۾ شايع ٿيندو آهي. هن رسالي جو ايڊيٽر **سهيل احمد ڪنڀر** ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر **ارشاد علي نهڙيو** آهي. هن رسالي ۾ ڪهاڻيون، شعر، معلوماتي مضمون ۽ ٻيو دلچسپ مواد شايع ٿيندو آهي. هيءُ رسالو جيئن ته ٻارن جي علمي ۽ ادبي تنظيم **'پنکڙيون ٻالڪ ادبي فورم'** پاران شايع ٿيندو آهي، ان ڪري ان ۾ تنظيمي ڪارروايئن جون رپورٽون پڻ شايع ٿينديون آهن.

## ماهوار ’اتساهہ‘ (ڪراچي):

هي رسالو ٻارڙن ۽ نوجوانن جي ذهني ۽ اخلاقي اوسر لاءِ **اسلم ڪتياڻ** 2014ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ڪيو جيڪو اجا تائين شايع ٿي رهيو آهي. ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي ٻڌل هن رسالي جو سهڪاري سٽ 15 ماڻهن تي ٻڌل آهي، جن ۾ **غلام عباس پنهور پروفيسر اعجاز قريشي، خالد پٽي** ۽ ٻيا شامل آهن. هن رسالي ۾ ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، لطيفا ۽ ٻيو مواد شايع ڪيو ويندو آهي.

## سلسليوار ’سجاڳ‘ (شڪارپور)

ٻارن جو هي رسالو سال 2014ع ۾ شڪارپور مان **عبدالرحمان ٻرڙي، آصف علي ماڪا، ساگر محمد حسين مهر، گوهرسنڌي** ۽ ٻين دوستن گڏجي شايع ڪرڻ شروع ڪيو. رسالي جا ڊيمي سائيز ۾ 32 صفحا هئا. **قمر الدين ڪوسو، استاد راهي** ۽ **غلام محمد غازي** هن رسالي جا ٻانهن ٻيلي هئا. رسالي جا ٻه پرچا شايع ٿي سگهيا ۽ پوءِ رسالو بند ٿي ويو. رنگين ٽائيٽل واري هن رسالي ۾ ٻارن لاءِ معلوماتي مضمون، ڪهاڻيون، شعر، مستقل سلسلا ۽ ٻارن لاءِ دلچسپيءَ جو ٻيو ڪيترو ئي مواد شامل هو.

## ٽماهي ’ٻارن جي سنگت‘ (حيدرآباد)

سنڌي ادبي سنگت، سنڌ پاران پنهنجي ادبي ۽ اشاعتي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٻارن جو علمي، ادبي ۽ سائنسي رسالو **’ٻارن جي سنگت‘** شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو آهي، جنهن جو پهريون پرچو آڪٽوبر 2015ع ۾ پڌرو ڪيو ويو. رسالي جو چيف ايڊيٽر، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جو سيڪريٽري جنرل **ڊاڪٽر مشتاق ڦل** ۽ ايڊيٽر **خالد آزاد** آهي. ايڊيٽوريل

**بورڊ ۾ پريل دايو مهرالنساءِ لاڙڪ، ذوالفقار گاڏهي، فقير محمد انڙ ۽ زاهد راڄپر** شامل آهن.

سنڌي ادبي سنگت، سنڌ پاران جاري ڪيل هن رسالي جا 48 صفحا آهن، جيڪو ابتدائي طور تماهي بنيادن تي شايع ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته اڳتي هلي ان کي ماهوار ڪرڻ جو پڻ پروگرام آهي.

**سلسليوار 'منڙا ٻار' (حيدر آباد):**

هن ناليُ سان ٻارن جو علمي ۽ ادبي رسالو سال 2016ع ۾ حيدرآباد مان **انور حسين سومري** شايع ڪرڻ شروع ڪيو. هي رسالو ڊيمي سائيز جي 32 صفحن تي ٻڌل آهي، جنهن جو چيف ايڊيٽر **انور حسين سومرو**، ايڊيٽر **نور محمد پتو** جوائنٽ ايڊيٽر **خالد آزاد** ۽ سهڪاري ساٿي **الطاف ملڪاڻي ۽ شوڪت علي ڪوکر** آهن.

هن رسالي ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون، شعر، معلوماتي مضمون ۽ ٻارن جي دلچسپيءَ جا ٻيا ڪيترائي سلسلا آهن. مختصر عرصي ۾ رسالو مستقل طور تي شايع ڪرڻ سان گڏ معياري مواد جي اشاعت ۽ سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رسالي کي پهچائڻ جي سلسلي ۾ انور سومري جون محنتون قابل ديد آهن.

**'گلن جهڙا ٻار ڙا' پبليڪيشن (نصرپور):**

ٻارڙن جو هي سلسليوار رسالو انور عباسي نصرپور مان شايع ڪيو جنهن جا هڪ ٻه شمارا شايع ٿيا ۽ بعد ۾ رسالو بند ٿي ويو.

**'گل' پبليڪيشن (سانگهڙ):**

ٻارن جو هي سلسليوار رسالو سانگهڙ مان ۾ شايع ٿيو جنهن جو ايڊيٽر **بادشاهه لغاري** هو. رسالي جو هڪ پرچو شايع ٿيو.

**'تحفو' (لاڙڪاڻو):**

هن نالي سان هڪ رسالو لاڙڪاڻي مان **عبدالحق 'اسلم'** جاري ڪيو. رسالي جا هڪ ٻه پرچا جاري ٿي سگهيا.

**'پرهه ڦٽي' (ٽنڊوالهيار):**

ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم **'پرهه ڦٽي'** جي سهاري هيٺ ٽنڊي الهيار مان **'پرهه ڦٽيءَ'** جي نالي سان هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو ويو جنهن جا ٻه پرچا شايع ٿي سگهيا. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر **غلام رسول نهڙيو ۽ ايڊيٽر ارمان گل** اوڏ هئا.

**'سنڌي ٻالڪ' (ميرپورساڪرو):**

هي رسالو ميرپور ساڪري مان ضلعي ٺٽي مان **پنهون مل عرف پيمراج مهيشوري** جاري ٿيو. رسالو ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ڇپجندو هو. هن رسالي جا ٻه پرچا شايع ٿي سگهيا.

## (ب) ٻارن جي رسالن جي سھاري ھيٺ ھلندڙ تنظيمون

سنڌ ۾ ٻارن جي علمي ۽ ادبي، توڙي سياسي ۽ سماجي تربيت لاءِ مختلف وقتن تي تنظيمون، ٻارن جو ٻاريون ۽ بزمون قائم ٿينديون رهيون آھن. اھڙيءَ ريت انھن تنظيمن ۽ بزمن جي پليٽ فارم تان ئي سنڌ جي ٻارن کي مختلف شعبن ۾ پنھنجي پاڻ کي مڃائڻ ۽ صلاحيتون اجاگر ڪرڻ جو موقعو پئي مليو آھي.

سنڌ اندر ٻارن لاءِ قائم ٿيل تنظيمن جا مختلف قسم ۽ ڪم رهيا آھن. ھڪڙيون تنظيمون خالص ٻارن جي ادب کي ھٿي ڏيڻ ۽ ٻارن جي ذھني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ قائم ڪيون ويون تہ وري ٻئي پاسي ڪن سياسي پارٽين پاران ٻارن جون ذيلي تنظيمون قائم ڪري، انھن جي پليٽ فارم تان سنڌ جي ٻارن جي سياسي ۽ ادبي آبياريءَ جو ڪم ڪيو ويو. ساڳيءَ طرح ھڪڙيون اھڙيون تنظيمون بہ ھيون، جن کي ٻارن جي رسالن يا اخبارن جي ھفتيوار ٻاراڻن صفحن جي سھاري ھيٺ ھلايو پئي ويو آھي.

**'سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ'** جي ھن ٻئي جلد ۾ ڇاڪاڻ تہ ھند ۽ سنڌ ۾ شايع ٿيل رسالن جو تفصيل ڏنو ويو آھي، ان ڪري ھن جلد ۾ انھن تنظيمن جو پڻ تفصيل شامل ڪجي ٿو جيڪي ٻارن جي مختلف رسالن جي سھاري ھيٺ قائم ڪيون ۽ ھلايون ويون.

### ٻارن جي ڦلواڙي (ماھوار 'گل ڦل'):

سال 1959ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري پاران ٻارن جو ماھوار ادبي رسالو **'گل ڦل'** جاري ڪيو ويو. رسالي ۾ ڪھاڻين، شعرن ۽ معلوماتي مضمونن کان سواءِ مستقل سلسلن ۾ ھڪ سلسلو 'ديس ديس

**جون خبرون'** پڻ شروع ڪيو ويو جنهن ۾ ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ ٿيندڙ بالڪ سرگرمين ڪي جاءِ ڏني ويندي هئي. سڀ کان پهرين **'ٻارن جي ڦلواڙي'** جي خبر سال 1960ع جي **'گل ڦل'** جي ٽئين شماري ۾ سلسلي **'ديس ديس جون خبرون'** ۾ شايع ٿي. خبر موجب **'ٻارن جي ڦلواڙيءَ'** جي دستوري گڏجاڻي، **حامد علي قريشيءَ** جي صدارت ۾، لا ڪاليج نواب شاهه ۾ ٿي، جنهن ۾ استادن **منظور حسين، خاوند ڏني چني، سانوڻ خان جمالي،** ۽ **استاد نذير قاضيءَ** کان سواءِ ٻارڙن: **پير بخش، ابراهيم، بهرام خان، الهجڙئي، غلام اڪبر، ساجن، عبدالرئوف، غلام مجتبيٰ، منير احمد، قادر نواز اقبال نذير ۽ رحمت الله** شرڪت ڪئي ۽ پنهنجون لکڻيون پيش ڪيون. آخر ۾ استاد **منظور حسين** هڪ تاريخي نهراءُ پيش ڪيو جيڪو يڪراءُ منظور ٿيو. نهراءَ جو متن هن ريت هو:

> "ٻارن جي ڦلواڙيءَ جو هي ميڙ تعليمي ڪميشن جي ڪيل سفارش تہ **'صوبي سرحد ۽ صوبي سنڌ ۾ ٽئين درجي کان اردو پڙهڻ لازمي قرار ڏني وڃي، ۽ ڇهين درجي کان پوءِ سنڌيءَ جي جاءِ تي اردو قائم ڪئي وڃي'،** ان کي تشويش جي نگاهه سان ڏسي ٿو. هي حقيقت آهي تہ ٻار پنهنجي مادري زبان جي ذريعي ئي تعليم ۽ ترقيءَ جون منزلون آساني ۽ ڪاميابيءَ سان طئي ڪري ٿو. تنهنڪري ٻارن جي ڦلواڙيءَ جي، وزير تعليم جي خدمت ۾ پُرزور اپيل آهي تہ سنڌي ادب ۽ زبان جي بقا لاءِ تعليمي ڪميشن جي سفارشن تي، سنجيدگيءَ سان غور فرمائي، سنڌي زبان ۽ ادب کي پنهنجو مناسب حق ڏين. ٻارن جو هيءُ ميڙ حيدرآباد ۾ قائم ڪيل **'سنڌي زبان سوسائٽيءَ'** سان پنهنجي مڪمل تعاون ۽ ساٿ جو يقين ڏياري ٿو." [8]

---

[8]. ماهوار 'گل ڦل'، سال 1960ع، شمارو ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ايڊيٽر: غلام رباني آگرو

متي ڄاڻايل 'گل ڦل' جي ان پرچي ۾ شايع ٿيل هي خبر، سنڌ ۾ **'ٻارن جي ڦلواڙيءَ'** جي پيڙهه جو پٿر ثابت ٿي. جيئن تہ ورهاڱي کان پوءِ ٻارن جي علمي ادبي تنظيم **'ٻالڪن جي ٻاري'** هندستان شفٽ ٿي وئي هئي، ان ڪري **گل ڦل** جي تڏهوڪي ايڊيٽر **غلام رباني آگري**، گل ڦل 1960ع جي شماري چوٿين جي ايڊيٽوريل ۾ نواب شاهہ ۾ قائم ٿيل **'ٻارن جي ڦلواڙي'** کي نہ صرف ساراهيو پر ان کي **'ٻالڪن جي ٻاري'** جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ متبادل تنظيم پڻ قرار ڏنو. آگري صاحب سنڌ جي ٻارن کي دعوت پڻ ڏني تہ اهي پنهنجي ڳوٺن، شهرن ۽ آسپاس ۾ **'ٻارن جي ڦلواڙي'** جون شاخون کولين. **گل ڦل** انهن جي سمورين سرگرمين کي شايع ڪندو ۽ اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ **'ٻارن جي ڦلواڙي'** نالي سان باقاعدي هڪ تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو. آگري صاحب پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ اهو بہ ڄاڻايو تہ "هن پرچي جي صفحي 39 تي **'ٻارن جي ڦلواڙي'** جو تعارف پڻ شايع ڪيو پيو وڃي، جنهن کي پڙهي، تنظيم جي مقصدن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي."

**'ٻارن جي ڦلواڙي'** جو اهو تعارف ڄاڪاڻ تہ هڪ تاريخي مواد آهي، ان ڪري ان مواد کي هتي جيئن جو تيئن شامل ڪري، تاريخ جو حصو بڻائجي ٿو:

### ٻارن جي ڦلواڙي نواب شاهہ:

1947ع ۾ ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ، اسان جي ديس ۾، ٻارن جي هڪ جماعت هوندي هئي، جنهن جو نالو هو **'ٻالڪن جي ٻاري'**. انهيءَ جماعت جون سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ شاخون هونديون هيون. **دادا شيوڪ** ان جماعت جو سيڪريٽري جنرل هوندو هو. جماعت جي مکيہ آفيس

ڪراچيءَ ۾ هئي. لڏپلاڻ ڪان پوءِ، ان جماعت جي مکيه آفيس جا ڪارڪن، جي اسان جا هندو ڀائر هئا، سي هندستان هليا ويا، ۽ اتي وڃي ان جماعت جو نئين سر پايو وڌائون. اها جماعت اتي ايتري قدر ڪامياب ٿي جو هاڻي هندستان جي سيني صوبن ۾ انهيءَ جو شاخون آهن. ملڪ جو صدر ان جماعت جو سرپرست آهي. سنڌ ۾ ان جماعت جي 1947ع ۾ خاتمي کان پوءِ، جو خال رهيو ان کي پرڻ جي ڪوشش نه ورتي وئي. ٻارن جي ڪابه جماعت نه نهي. اها وڏي ڏک جي ڳالهه چئبي جو **'آئيندي جي ابن'** جي جماعت ۽ انهن جي تنظيمي تربيت ڏانهن سرڪار توڙي عام ماڻهوءَ مان ڪنهن به ان ڳالهه تي توجه نه ڏنو. هاڻي اسان هن سال جي شروعات کان نواب شاهه شهر ۾ **'ٻارن جي قلواڙي'** نالي هڪ جماعت قائم ڪئي آهي. ان جماعت جي بن ڪچهرين جو احوال **'گل قل'** رسالي جي **'ديس ديس جون خبرون'** ۾ ڪالم ۾ ڇپيو آهي، ۽ ان سان سنڌي اخبارن ۾ پڻ ڇپيو آهي. اسان جي جماعت جي ميمبر ٻارن جو تعداد ڪو ايترو وڏو نه آهي، پر سينيءَ کي گهڻو شوق آهي. اسان پندرهن پندرهن ڏينهن کان پوءِ هڪ هنڌ گڏ ٿيندا آهيون ۽ ننڍا ننڍا مضمون، ٽوٽڪا، آکاڻيون ۽ شعر وغيره پڙهندا آهيون. گهڻو ڪري لوڪل بورڊ اسڪول جو ڪو ماستر صاحب، اسان جي ميڙ جي صدارت ڪندو آهي. ميڙ پوري ٿيڻ تي اسان چانهه پي اٿندا آهيون. اجا ته اسان جو پروگرام ايترو آهي، پر ارادا وڏا آهن. اسان کي پنهنجي بزرگ اديبن ۽ شاعرن سان محبت آهي. اسان انهن جي ورسين ملهائڻ جو پروگرام

رکون ٿا. اسان کي راندين کان علاوه انهن کي ملکي توڙي غير ملکي چٽاڀيٽين ۾ موڪلڻ جو ارادو آهي. اسان کي ڊرائينگ سان خاص شوق آهي ۽ ان کي وڌائڻ گهرون ٿا ۽ انهن ڳالهين سنئون اسان راندين ۽ ڪسرت ڏانهن توجه ڏيئي، پنهنجي بدني بيهڪ ۽ تندرستيءَ کي بهتر ڪرڻ جو پڻ ارادو رکون ٿا. سڀ کان آخر پر سڀ کان ضروري ڳالهه هي آهي ته اسان تعليم ڏانهن ڌيان ڏيئي، اسڪولن ۾ نالي ڪڍڻ جو پڪو پهه رکون ٿا. انهن ۽ ٻين اهڙين انيڪ ڳالهين سان اسان جي دلچسپي آهي. پنهنجي ننڍڙي جماعت سان اها واقفيت ڪرائڻ کان پوءِ مان گل ڦل جي پڙهندڙ ٻارن کي عرض ٿو ڪريان ته اهي به ان ڳالهه تي سوچ ويچار ڪن ۽ جي ڏسن ته اسان جا خيال سٺا آهن ۽ اسان جي ڪن ڪمن مان هر ڪنهن کي فائدو پهچندو ته هو به اسان وانگر پنهنجي شهر ۽ ڳوٺ ۾ **'ٻارن جي ڦلواڙي'** ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ڪن. ان باري ۾ هو ڪا اسان سان صلاح ڪرڻ چاهين ٿا ته هيٺينءَ ائڊريس تي خط لکن:

**منير احمد ميمڻ**

سيڪريٽري **'ٻارن جي ڦلواڙي'** نواب شاهه

پڙهندڙ درجو ڇهون (پارٽ بي)

لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول، نواب شاهه[9]

**گل ڦل** ٻاران **'ٻارن جي ڦلواڙي'** واري ڪوشش کي همٿائڻ ۽ انهن ٻاران ٿيندڙ سرگرمين کي گل ڦل جي صفحن ۾ اهتمام سان شايع ڪرڻ سان سڄيءَ سنڌ ۾ **'ٻارن جون ڦلواڙيون'** قائم ٿيڻ لڳيون. اهو

---

[9]. ماهوار 'گل ڦل'، 1960ع، شمارو چوٿون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ايڊيٽر: غلام رباني آگرو.

ڦهريون پيرو هو جو **'منير احمد ميمڻ'** جي نالي سان 'گل ڦل' ۾ هڪ عهديدار ظاهر ٿيو ۽ ان ٻاران جاري ڪيل پيغام کان پوءِ تنظيم هڪ باقاعدي شڪل اختيار ڪئي. اهڙيءَ ريت **ميرپورخاص، حيدرآباد، نصرپور، ڳوٺ خير شاهه، ٽنڊو الهيار، سيتا روڊ، ماتلي، بدين، پنوعاقل، هالا، نئون دادو، پاٽ، لاڙڪاڻو، شهدادڪوٽ، قمبر، جيڪب آباد، شڪارپور، گهوٽڪي، خيرپوميرس** ۽ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ باقاعدي ٻارن جو ڦلواڙيون قائم ٿيون، جيڪي باقاعدگيءَ سان هفتيوار يا پندرهن روزه گڏجاڻيون ڪري، رپورٽون گل ڦل کي موڪلڻ لڳيون. ٻين شهرن وانگر، حيدرآباد ۾ پڻ **'ٻارن جي ڦلواڙي'** قائم ٿي، جنهن جو ڦهريون صدر **نواز علي پٽو** ٿيو جيڪو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ سميت سنڌ جي ٻين يونيورسٽين جو رجسٽرار بہ ٿيو ۽ هن وقت ٻارن جي ادب جي هڪ اداري **'نٽ ڪٽ گروپ آف پبليڪيشنس'** جي انتظامي ڪاميٽيءَ جو چيئرمئن آهي.

هن تنظيم کي قاعدا ۽ ضابطا ڏيڻ ۽ تنظيمي جوڙجڪ لاءِ جولاءِ 1960ع واري **'گل ڦل'** جي پرچي ۾ ايڊيٽر **غلام رباني آگري** صاحب ڪجهہ قاعدا وضع ڪيا، جن مطابق سنڌ ۾ قائم ٿيل سمورين ڦلواڙين جي جوڙجڪ ساڳي هجي ۽ سيڪريٽريءَ کي جوڙجڪ جي هڪ ڪاپي **'گل ڦل'** کي موڪلڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت **'ٻارن جي ڦلواڙيءَ'** کي هڪ باقاعدي تحريڪ جي شڪل ڏني وئي. باقاعدي هڪ تنظيمي شڪل ملڻ کان پوءِ ٻارن جي ڦلواڙي جو سرگرميون بہ وڌي ويون.

**'گل ڦل'** جي سهاري قائم ٿيل هن تنظيم ٻاران هونئن تہ سڄيءَ سنڌ ۾ ننڍيون وڏيون سرگرميون ڪيون ويون، پر 1961ع ۾ گل ڦل جي ٻي سالگرهہ جي موقعي تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ قائم ٿيل **'ٻارن جي ڦلواڙين'** ٻاران ٻارن جي ميلا ۽ تقريبون ڪوٺايون ويون. سالگرهہ جي مک تقريب حيدرآباد ۾ ٿي، جنهن کي منعقد ڪرائڻ لاءِ سنڌ جي هن عالمن، اديبن ۽ ساڃاهہ وندن وڏو ڪردار ادا ڪيو. هي رڳو رسالي جي سالگرهہ جو

پروگرام نہ هو. پر سرڪاري سطح تي ملهايل ٻارن جو تن ڏينهن وارو پهريون ادبي ميلو هو. ٻارن جي ٽن ڏينهن واري ميلي ۽ هن مرڪزي تقريب بابت گل ڦل جي سال 1962ع واري فيبروري واري شماري ۾ اکين ڏٺو احوال شايع ڪيو ويو. جيئن تہ هي هڪ تاريخي رڪارڊ آهي، ان ڪري ان رپورٽ جا ڪجھ حصا، تاريخ جو حصو بنائڻ لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:

”تاريخ 11 نومبر 1960ع تي، ٽريننگ ڪاليج فارمين، حيدرآباد ۾، صبح جو 11 بجي، ڪاليج جي تڏهوڪي پرنسيپال مسٽر **غلام رضا پٺاڻ** جي جاءِ تي، **محمد ابراهيم جويي** جي دعوت تي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ **غلام رضا پٺاڻ** مسٽر **محمد اسماعيل عرساڻي**، **ڊاڪٽر غلام علي الانا**، **يار محمد پنهور**، **جمال رند**، **علي اڪبر** ۽ **محمد دائود بلوچ** شرڪت ڪئي. گڏجاڻيءَ ۾ سائين **محمد ابراهيم جويي** ڄاڻ ڏني تہ 31 ڊسمبر 1960ع تي، سنڌي ادبي بورڊ جي ماهوار ٻارن جي رسالي **’گل ڦل‘** کي جاري ٿئي ٻيو سال پورو ٿيندو. ان موقعي تي، رسالي جي ٻي سالگره ملهائڻ لاءِ ٻارن جو هڪ ميلو منعقد ڪرائڻ جي تجويز آهي. سمورن ميمبرن کي اها تجويز وڻي ۽ طئي ٿيو تہ نئين سال جي پهرئين ڏينهن يعني 1 جنوري 1961ع تي، حيدرآباد ۾، **’گل ڦل‘** جي ٻي سالگره ملهائڻ لاءِ ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ ٻارن جي مقامي ڦلواڙين ۽ تعليمي ادارن طرفان، سنڌي ادبي بورڊ جي مدد سان ٻارن جو ميلو ٿئي ۽ ساڳئي وقت سنڌ جي مختلف شهرن ۾، جيڪي **’ٻارن جون ڦلواڙيون‘** قائم ٿيون آهن، تن کي اپيل ڪجي تہ اهي بہ پنهنجي مُنهن، پنهنجي پنهنجي شهرن ۽ ڳوٺن ۾، اُن تاريخ تي رسالي جي ٻي سالگره جو جشن ملهائين. اهڙيءَ ريت حيدرآباد ۾ ميلي جو پروگرام هيٺينءَ طرح رٿيو ويو:

(الف) **نمائش:** ٻارن جي ڊرائنگ جو ڪم، ٻارن جي دستڪاريءَ جو سامان، ٻارن جون ڻاهيل مِڪَٽنو واريون شيون، ٻارن جي سنڌي راندين جا سامان، ٻارن جي دلچسپيءَ جا گڏ ڪيل سامان۔ مثلاً ٽڪليون، فوٽا، پراڻا ملڪي ۽ غير ملڪي سڪا، ۽ صحت جا چارٽ وغيره نمائش لاءِ رکجن.

(ب) **فئنسي ڊريسون:** هن پروگرام ۾ ٻارَ سِنڌُ جي مختلف قبيلن جا ڪپڙا پائيندا ۽ ٻئي قسم جا ويس ڌاري، مثلاً فقير، اخبارن جو هاڪر، گهورڙيو ٽپالي ۽ پيرسن وغيره بنجي ايندا ۽ پنهنجو پنهنجو مناسب پارٽ ادا ڪرڻ لاءِ ٻه چار گفتا چوندا.

(ج) **راڳ، ناچ ۽ ڪيل:** هن پروگرام ۾ ٻار سنڌي راڳ، سنڌي ناچ، ننڍا ناٽڪڙا، تقريرون، ٻاراڻا ٻول، سوال جواب ۽ ڳجهارتون وغيره پيش ڪندا.

(د) **رانديون:** هن پروگرام هيٺ ٻار ڏهاڪو ڪن سنڌي رانديون پيش ڪندا.

(و) **فلمون:** هن پروگرام موجب ٻارن کي سندن ڏانو جون ڪي ملڪي ۽ غير ملڪي فلمون ڏيکاريون ويندون.

هن پروگرام کي عمل ۾ آڻڻ واسطي ضروري انتظام ڪرڻ لاءِ هڪ **’جشن ڪاميٽي‘** مقرر ڪئي وئي، جنهن ۾ **ڊاڪٽر غلام علي الانا** صاحب ڪنوينر ٿيو جڏهن ته ميمبرن ۾ **جمال رند، يار محمد، علي اڪبر، عبدالحق، عبدالڪريم لغاري، محمد دائود بلوچ ۽ غلام رباني آگرو** شامل هئا. ميلي جي رٿيل پروگرام جا مختلف ڪم مختلف ميمبرن کي ورهائي ڏنا ويا. تاريخ 8 نومبر تي ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻي ڪوٺائي، ٿيل ڪم جو جائزو ورتو ويو ۽ فيصلو ڪيو ويو ته ڊائريڪٽر تعليم جي آفيس کان حيدرآباد تعليمي ادارن کي

سفارش ڪرائجي تہ هو هن علمي ۽ عام دلچسپيءَ جي ڪم ۾ شريڪ ٿين. ان لاءِ غلام رباني آگري صاحب جي ذميواري رکي وئي تہ هو ليٽر تيار ڪرائي. ڊائريڪٽر تعليم ۽ ٻين عملدارن سان گڏجاڻيون ڪري اهڙيءَ ريت هن ميلي کي ڪامياب بنائڻ جي سلسلي ۾ آگري صاحب تعليم کاتي جي مختلف عملدارن سان گڏ گورنمينٽ هاءِ اسڪول، نور محمد هاءِ اسڪول، ميران گرلس هاءِ اسڪول، بوائز ماڊرن هاءِ اسڪول، گرلس ماڊل هاءِ اسڪول، قاضي عبدالقيوم گرلس اسڪول، قاضي عبدالقيوم بوائز اسڪول ۽ ڪانوينٽ هاءِ اسڪول ۽ حيدرآباد جي ٻين اسڪولن جي هيڊ ماسترن سان پڻ ملاقاتون ڪيون. ان کان پوءِ حيدرآباد جي ٻارن جي ٻن ٻلواڙين 1. **’دينوءَ جي پڙ واري ٻارن جي ٻلواڙي‘** ۽ 2. **’خواجہ محلي جي ٻارن جي ٻلواڙي‘** سان گڏجي مختلف پروگرام ترتيب ڏنا ويا. خواجن جي ٻلواڙي **ڊاڪٽر غلام علي الانا** جي نظرداريءَ هيٺ پنهنجي ڪم جو هڪ سهڻو پروگرام رٿيو. جيستائين سنڌ جي ٻين شهرن ۾ قائم ٿيل ٻارن جي ٻلواڙين جو تعلق هو تہ انهن کي هدايتون ڏنيون ويون هيون تہ هو پنهنجي پنهنجي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پنهنجي مُنهن ”گل ڦل“ جي ٻئي سالگره جو جشن ملهائين. **ابراهيم آباد، ٽنڊي باگي ۽ دادوءَ جي ٻلواڙين** اطلاع موڪليو تہ هنن **’گل ڦل‘** جي ٻئي سالگرهہ جو جشن سهڻي نموني ملهايو. ڪن شهرن مان **’گل ڦل‘** جي ڪن پڙهندڙن، انفرادي طور اطلاع ڏنا تہ هو ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مقرر تاريخ تي حيدرآباد ايندا. **ٽنڊي الهيار مان، ممتاز پنهور** شاگرد پنهنجا گڏ ڪيل تصويرن ۽ ٽڪلين جا البم نمائش ۾ رکيا ويا ۽ بعد ۾ ممتاز کي ان سهڻي ڪم ڪرڻ لاءِ **’آفرين نامو‘** موڪليو ويو.

تعليمي ادارن ۽ مقامي ٻلواڙين جي وسيلي ٻارن

سان تعلق ڳنڍڻ شرط ڪين رتيل ڪمن جي سکيا ڏيڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. اهو ڪم بہ ڪاميٽيءَ جي مختلف ميمبرن کي ورهائي ڏنو ويو. جيئن تہ ٻارن جي سکيا جي ڪم سان گڏ، ميلي جي ٻئي ڏينهن سموري انتظام جو ڪم بہ ڪاميٽيءَ جي ئي ميمبرن کي سنڀالڻو هو تنهنڪري ڏنو ويو تہ مقرر تاريخ، يعني 1 جنوريءَ، تي سموري ڪم جو اڪلاءُ تي نہ سگهندو. ان ڪري ضروري ٿي پيو تہ ميلي جي تاريخ بدلائي وڃي. آخر فيصلو اهو بيٺو تہ ميلي جي نئين تاريخ 15 جنوري مقرر ٿئي. 14 تاريخ منجهند تائين، ميلي جو سمورو انتظامـ ٻارن جي سکيا، نمائش جو سامان ڪٺو ڪرڻ ۽ ان کي اسٽالن ۾ سينگاري رکڻ، راندين جو ميدان سينگارڻ، شاميانو هڻائڻ ان ۾ فرنيچر ترتيب سان رکڻ، اسٽيج تيار ڪرائڻ ۽ سينگارڻ، بجليءَ ۽ بجليءَ جي سامان، لائوڊ اسپيڪرن ۽ گرائموفون رڪارڊن، سازن، ٽيپ رڪارڊر، فلم پروجيڪٽر جو انتظام ڪرڻ ۽ ٻيا سڀ سنها ٿلها ڪم مڪمل ڪيا ويا. مهمانن ڏانهن دعوتون اڳئين ڏينهن تي موڪليون ويون هيون. پنڊال ۾ انتظام سنڀالڻ لاءِ ڊاڪٽر الانا صاحب جي معرفت، 'خواجہ فدائي فوج' جي والنٽيئرن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون هيون. ان کان سواءِ سنڌي ادبي بورڊ مان **مياں علي بخش، محمد امين بلوچ، فضل الرحيم سومرو، قاضي عبدالحق، محمد دائود بلوچ ۽ ابراهيم شاهہ** کي مختلف انتظام سونپيا ويا. جڏهن تہ آجيان ڪاميٽيءَ **حميد سنڌي، سراج الحق، تنوير عباسي، مقبول احمد ڀٽي ۽ عبدالغفور انصاري** موجود هئا.

15 جنوري 1961، آچر ڏينهن صبح جو 8 بجي کان، رنگا رنگي ڪپڙن ۾ ملبوس ٻارـ ڇوڪريون ۽ ڇوڪراـ قطار در قطار ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ ايندا رهيا. 9 بجي

تائين، ٽريننگ ڪاليج جي مکيہ عمارت اڳيان جيڪو باغيچو آهي، سو سڄو ئي ٻارن ۽ ساڻن گڏ آيل ماسترياڻين، ماستر صاحبن ۽ معزز شهرين سان پرجي ويو. سوائين نائين بجي جلسي جو صدر **سيد غلام مصطفيٰ شاهہ** پنڊال ۾ آيو ۽ ڪاليج جي پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ نمائش جو افتتاح ڪيائين. پرئڪٽسنگ اسڪول جا ٽي ڪمرا نمائش جي سامان سان ڀريل هئا. ٻن ڪمرن ۾ ٻارن جون ڪڍيل تصويرون هيون ۽ ٻارن جا پنهنجا ننڍپڻ جا فوٽا هئا. تڪلين جا البم هئا ۽ سهڻن نظارن جي گڏ ڪيل تصويرن جا البم هئا. ٻارن جا قسمين قسمين رنگا رنگي ڪپڙا هئا. ڀرت جا نمونا هئا. ڀريل چادرون، ٽُڪ وارا رلڪا، ڪاون وارا ٽوپ، سَتارن ۽ زريءَ وارا رومال، ۽ ڀانت ڀانت جا عجب جهڙا رانديڪا هئا ۽ ٻيون سوين اهڙيون ننڍڙيون ننڍڙيون پياريون شيون هيون، جي ٻارن يا سندن مائرن وڏي قرب ۽ محنت سان خاص هن نمائش لاءِ جوڙيون هيون. هڪ الڳ ڪمري ۾ ٻارن لاءِ ڪتاب ۽ رسالا هئا، جي **سنڌي ادبي بورڊ** ۽ ٻين ناشرن جا ڇپايل هئا. جن جن اسڪولن هن نمائش ۾ حصو ورتو هو، تن پنهنجي نالي جا بورڊ پنهنجي اسٽال وٽ هڻي ڇڏيا هئا ۽ پنهنجون ماسترياڻيون يا ماستر اسٽال وٽ ويهاريا هئا تہ مختلف شين بابت ڏسندڙن جي سوالن جا جواب ڏين. نمائش جو سڄو انتظام ٽريننگ ڪاليج فارمين جي ڊرائنگ ٽيچر، مسٽر **علي اڪبر** جي نظرداريءَ هيٺ ٿيو هو. نمائش ميلي واري ڏينهن کان پوءِ بہ ٻہ ڏينهن، يعني 16 ۽ 17 جنوريءَ تي کليل رهي- ٻئي ڏينهن ٻارن ۽ عام ماڻهن لاءِ ۽ ٽئين ڏينهن ٻارن ۽ عورتن لاءِ.

نمائش کان پوءِ مهمان ۽ ٻار راندين جي ميدان تي آيا، ۽ ٻارڙن پنهنجون رانديون شروع ڪيون. سڀ کان اول

گرلس ماڊل اسڪول جي 'بلوبرڊ'، بئنڊ تي ڊرل پيش ڪئي. ڊرل ۾ تمام سهڻو نظارو ٿيو جڏهن ٻارڙن سورج مکيءَ جو گل ٺاهيو. ڊرل کان پوءِ **قاضي عبدالقيوم بوائز اسڪول ۽ پرئڪٽسنگ اسڪول جي ڇوڪرن 'ڦر ڦر سونٽو'** راند ڪئي. **وومينس ٽريننگ ڪاليج جي ڇوڪرين 'رومالي'** راند ڪئي. **قاضي عبدالقيوم بوائز اسڪول جي ڇوڪرن 'ستوليا'** راند ڪئي. **وومينس ٽريننگ ڪاليج جي ڇوڪرين 'بال'** راند پيش ڪئي. **وومينس ٽريننگ ڪاليج جي ڇوڪرين 'گلاسن'** راند ڪئي.**قاضي عبدالقيوم بوائز اسڪول ۽ پرئڪٽسنگ اسڪول جي ڇوڪرن 'ڪوڏي ڪوڏي'** راند پيش ڪئي. **وومينس ٽريننگ ڪاليج جي ڇوڪرين 'لوڏين'** راند پيش ڪئي. **وومينس ٽريننگ ڪاليج جي ڇوڪرين آئي ۽ ڏوڪڙ واري راند** پيش ڪئي ۽ آخر ۾ **گرلس ماڊل اسڪول جي 'بلوبرڊ'** نينگرين آيل ٻارن ۽ مهمانن کي سلامي ڏني. اهڙيءَ ريت رانديون منجهند جو ساڍي ٻارهين ڌاري پوريون ٿيون، ۽ ٻار ۽ مهمان ماني کائڻ لاءِ گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

ميلي ۾ شام واري گڏجاڻي چئين بجي شروع ٿيڻي هئي. ساڍي ٽين بجي تائين شاميانو ٻارن ۽ مهمانن سان پرجي ويو. شامياني ۾ ڏيڍ هزار کن ماڻهن جي ويهڻ جو انتظام رکيو هو ۽ چئين بجي تائين تعداد وڌي وڃي ٻن اڍائن هزارن کي پهتو. لاچار شاميانن جون قناتون کولي، وڌيڪ ڪرسيون رکائي ماڻهن کي ويهاريو ويو. پر چئين بجي، جلسي شروع ٿيڻ کان پوءِ به، ڪيترا ماڻهو ايندا رهيا، جن مان ڪي ويهڻ جي جاءِ نه هئڻ سبب بيهي رهيا. پوري چئين بجي صدر صاحب تشريف فرما ٿيو. صدر صاحب جي اجازت سان، **'گل ڦل' جي ايڊيٽر غلام رباني آگري**، جلسي جي شام واري ڪاروائي

شروع ٿيڻ جو اعلان ڪيو. قرآن مجيد جي تلاوت کان پوءِ، پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ **قاضي عبدالقيوم گرلس اسڪول جي ٻارن** ڪوي ڪشچند 'بيوس' جي لکيل ڏٽيءَ در دعا **'قدرت وارا'** پيش ڪئي. دعا ڳائڻ جي ڌُن ٽريننگ ڪاليج فارمين جي ميوزڪ ماستر، **استاد پير بخش ٿاهي هئي ۽ جمال رند** جي مدد سان ٻارن کي ان جي سازن تي سکيا ڏني هئي. دعا کان پوءِ، خواجہ قلواڙيءَ جي شاگرد، **سڪندر** اسڪائوٽ تحريڪ جي **باني**ءَ **لارڊ بئڊن پاويل** جي حياتيءَ تي دلچسپ تقرير ڪئي. سڪندر جي تقرير سيني کي وڻي. ٻارن ۾ ٻين سيني تقرير جي ختم ٿيڻ تي تاڙيون وڄايون. **قاضي عبدالقيوم گرلس اسڪول جي ٻارن**، سازن تي، ماءُ جي لولي ڳائي. اها لولي مس بشريٰ ٻارن کي سيکاري هئي ۽ اسٽيج تي پڻ، پاڻ پڙدي جي پٺيان ويٺي، ٻارن سان گڏ ڳاياائين. لوليءَ جي ڌُن استاد پير بخش ميوزڪ ماستر، ٻڌائي هئي.

لوليءَ کان پوءِ، بوائز ماڊرن هاءِ اسڪول جي ٻارن **'ڪٽئي جو اڏ'** ناٽڪ نظم ۾ پيش ڪيو. اهو ناٽڪ **محمد اسماعيل عرساڻيءَ** جو لکيل آهي ۽ سندس ڪتاب **'ڊزن ڊائلاگ'** ۾ ڇپيل آهي. ٻارن کي اداڪاريءَ جون هدايتون **مسٽر عبدالڪريم لغاريءَ** ڏنيون هيون. پوريءَ ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي پيش ڪيائون. ان کان پوءِ، پرئڪٽسنگ اسڪول جي ٻارن **'سوال جواب'** پيش ڪيا: اهي سوال جواب خاص نموني ۾ پيش ڪرڻ جي ٻارن کي سکيا **يار محمد پنهور** ڏني هئي. سوال جواب **'گل ڦل'** جي **'پلا ٻڌايو تہ....؟'** ڪالمن مان چونڊيل هئا. **خواجہ قلواڙيءَ** جي نينگرين **'راسوڙو'** لوڪ ناچ پيش ڪيو. ان ناچ ۾ نچڻ سان گڏ ڳائڻ بہ هو. راڳ جا ٻول گجراتي ٻوليءَ ۾ هئا. **'راسوڙي'** کان پوءِ، **پرئڪٽسنگ اسڪول** جي ٻارن سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ

عبداللطيف ڀٽائيءَ جا بيمثال بيت پيش ڪيا. بيتن کان پوءِ، **خواجہ ڦلواڙي جي نينگريءَ مس گلبدن، 'علم'** تي تقرير ڪئي. هن اها تقرير **ڊاڪٽر غلام علي الانا** جي هدايتن موجب تيار ڪئي هئي. ان کان پوءِ، **قاضي عبدالقيوم گرلس اسڪول جي ڇوڪرين سرائڪي سهرو 'من مرادان پنيان'** ڳايو. نَوَ ڄڻيون ڳائي رهيون هيون، ۽ ٻہ ڄڻيون نچي رهيون هيون. **نور محمد هاءِ اسڪول** جي هڪ شاگرد سنڌ جي تاريخ جو هڪ حقيقي واقعو پيش ڪيو. مختلف اسڪولن ۽ ڦلواڙين جا ٻار ڪچهريءَ ۾ ويٺا ۽ هڪ ٻئي کي ڳجهارتون ڏنائون. اهي ڳجهارتون **يار محمد پنهور 'گل ڦل'** مان چونڊي، ٻارن کي سيکاريون هيون. ڳجهارتن کان پوءِ **'پاڇيون'** ناٽڪ اسٽيج تي آيو. اهو ناٽڪ **وومينس ٽريننگ ڪاليج** جي ڇوڪرين **مس عزيز** جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو. ناٽڪ **ڄ. م. ناگرانيءَ** جو لکيل آهي ۽ "گل ڦل" جي سال 1959ع جي ڊسمبر مهيني جي پرچي ۾ ڇپيل آهي. ناٽڪ کان پوءِ فئنسي ڊريسون پيش ٿيون، جن ۾ **گورنمينٽ هاءِ اسڪول، ڪانوينٽ هاءِ اسڪول، پرئڪٽنسگ اسڪول، وومينس ٽريننگ ڪاليج ۽ خواجہ ڦلواڙي** جي ٻارن شرڪت ڪئي. فئنسي ڊريس کان پوءِ جمال رند سنڌي لوڪ گيت **'مورو'** پيش ڪيو. **'موري'** کان پوءِ خواجن جي ڦلواڙيءَ **'ٻارن جي اجائي پاسخاطريءَ جو نتيجو'**، مزاحيہ ناٽڪ پيش ڪيو جنهن حاضرين ۾ چڱو ٽهڪڙو پيدا ڪيو. وومينس ٽريننگ ڪاليج جي ڇوڪرين سنڌ جو مشهور لوڪ ناچ **'هو جمالو'** پيش ڪيو. 'جمالي' کان پوءِ پرئڪٽسنگ اسڪول ۽ نور محمد هاءِ اسڪو جي ڇوڪرن، **'ٽئبلو'** (Tableau) جي نموني تي، شيخ اياز جو گيت **'منهنجا مٺڙا پٽ'** پيش ڪيو. پڙدي پٺيان ڳائيندڙ **يار محمد پنهور** هو. ٻارن کي اداڪاريءَ جون

هدايتون بہ هن ئي ڏنيون هيون. هي گيت ’گل ڦل‘ جي گذريل پرچي يعني 1960ع جي ’سالنامي‘ ۾ ڇپيل آهي. ’**اياز**‘ جي گيت کان پوءِ سازن تي سرائڪي لولي ’**لوليان لو**‘ پيش ٿي. اسٽيج تي اسان جو مٿيون پروگرام رات جو 9 بجي ڌاري پورو ٿيو. پروگرام جي خاتمي تي اول سائين **محمد ابراهيم جويي** آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ پوءِ محترم سيد **غلام مصطفيٰ شاهہ** صاحب مختصر صدارتي ڪئي. شاهہ صاحب جي تقرير کان پوءِ پروگرام ۾ حصي وٺندڙ ٻارن سان گڏ اسٽيج تي گروپ فوٽو ڪڍايو.

ميلي جو باقي هڪ پروگرام رهيل هو– فلمون. اسٽيج جي پروگرام ختم ٿيڻ بعد اڌ ڪلاڪ رسيس ڪئي ويئي، ۽ ان کان پوءِ فلمون ڏيکاريون ويون. ڪل چار فلمون ہہ پاڪستاني ۽ ہہ هندستاني هيون، جن جا نالا 1. سنڌو درياءُ 2. آدمشماري 3. هندستان ۾ ٻارن جو ڏينهن 4. جامع مليہ اسلاميہ. فلمون رات جو ڏهين بجي پوريون ٿيون. ان بعد قومي ترانو وڄايو ويو جنهن جي خاتمي سان ميلي جي ڪاروائي پوري ٿي.“[10]

اهڙيءَ ريت حيدرآباد سميت سنڌ جي ٻين شهرن ۾ پڻ گل ڦل جون سالگراهون ملهايون ويون. ان کان سواءِ ’**ٻارن جي ڦلواڙيءَ**‘ جي شاخن پاران هفتيوار، پندرهن روزه ۽ ماهوار بنيادن تي علمي ادبي سرگرميون جاري رهيون. هن تنظيم جي ڪا مرڪزي جوڙجڪ نہ هئي، البت مرڪز جو ڪم ’**گل ڦل**‘ رسالي پاران ئي ڪيو ويندو هو. ٻئي پاسي سڄيءَ سنڌ جون شاخون پاڻمرادو پنهنجون پنهنجون سرگرميون ڪنديون هيون، جن جون رپورٽون ’**گل ڦل**‘ ۾ شايع ڪيون وينديون هيون. ’**گل ڦل**‘ رسالي جو پسمنظر هيٺ ڪري جتي جتي رسالو پهچندو

---

[10] ماهوار ’گل ڦل‘، فيبروري 1962ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ايڊيٽر: غلام رباني آگرو

هو اتي ٻارن جي ڦلواڙي قائم ٿي ويندي هئي. هن تنظيم ٻارن ۾ وڏو علمي ادبي چاهه پيدا ڪيو ۽ پنهنجي علم، ادب، ثقافت ۽ تاريخ سان وابستگي پيدا ڪئي. هي اهو دور هو جڏهن ٻارن جي علمي ادبي تنظيمن جي جوڙجڪ جو سلسلو تيز ٿيو هو. هن دور ۾ ٻارن جون جيڪي تنظيمون اڳ ئي ڪم ڪري رهيون هيون، تن ۾ **عبرت اخبار جي 'ٻارن جي ٻاري'، غلام مرتضيٰ پيٽي ۽ مقبول پيٽيءَ جي 'بزم گلستان' ۽ 'بزم گلزار' ۽ اياز پاتوليءَ جي 'بزم گلشن سنگت'** شامل آهن، پر سرڪاري سطح تي هي ٻارن جي ڦلواڙي ئي، ورهاڱي کان پوءِ پهرين تنظيم هئي، جنهن ذريعي سنڌ جي ٻارن جي شعوري آبياري ڪئي وئي. هن تنظيم جي ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ **سائين محمد ابراهيم جويي، سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا، غلام رباني آگري، غلام رضا پيٽي، محمد دائود بلوچ** ۽ ٻين جو وڏو هٿ هو.

**'گل ڦل'** رسالي پاران قائم ٿيل ٻارن جي هن علمي ادبي تنظيم **'ٻارن جي ڦلواڙيءَ'** جو سلسلو 1965ع تائين هليو ۽ 1966ع ۾ سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي پاران گل ڦل تي پابنديءَ کان پوءِ هي تنظيم پاڻمرادو بند ٿي وئي. سنڌ اندر ٻارن جي علمي ادبي سرگرمين جي حوالي سان هن تنظيم جي ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ کي هميشه ياد رکيو ويندو.

### لالي چلڊرينس ڪلب/ لالي ٻارڙا سنگت:

ٻارڙن جي مشهور رسالي **'لالي'** جي سهاري هيٺ 1981ع ۾ آغا قيوم، **'لالي چلڊرين ڪلب'** جي نالي سان هڪ تنظيم قائم ڪئي، جيڪا **'لالي ٻارڙا سنگت'** جي نالي سان پڻ سڃاتي ويندي هئي. تنظيم جو چيئرمئن آغا قيوم هو جڏهن ته سرپرست **محمد علي پڊاڻي** ۽ آرگنائيزر **نثار دائود پوٽو** هو. تنظيم جا **ڪنب، ڏيپلي، ٽنڊو محمد خان، هالاڻي، شڪارپور** ۽ ٻين شهرن ۾ يونٽ کليا. اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ 13 يا 14 شاخون

ڪم ڪرڻ لڳيون.

**لاڙي چلڊرينس ڪلب جي ڪارڪردگيءَ ۾ يونٽ ڏيپلي جو** وڏو هٿ هو جتي پهريون ٻيرو ٻالڪ ميلو منعقد ڪيو ويو. ان کان سواءِ قربان منگيءَ جي سهڪار سان خيرپور ضلعي جي شهر ڪنب ۾ پڻ هڪ پروگرام ٿيو. هي تنظيم 1988ع تائين هلي ۽ پوءِ پاڻمرادو بند ٿي وئي.

## گل ڦل ادبي سنگت (ماهوار 'گل ڦل')

جنوري 1983ع جي گل ڦل ۾ صفحي 51 تي **'گل ڦل ادبي سنگت'** قائم ڪرڻ لاءِ اشتهار شايع ٿيو جنهن ۾ ٻارن کي صلاح ڏني وئي ته اُهي **'گل ڦل ادبي سنگت'** جي جوڙجڪ ۽ مقصدن جي سلسلي ۾ پنهنجا مشورا ڏين. اشتهار ۾ سنگت لاءِ ڪجهه رهنما اصول پڻ واضع ڪيا ويا جيڪي هيٺين ريت هئا:

1. سنگت جا ميمبر پرائمري کان ميٽرڪ تائين جا ٻار هوندا، جڏهن ته ميٽرڪ کان مٿي جا ٻار هن تنظيم جا ميمبر نه ٿي سگهندا.
2. گل ڦل ادبي سنگت جي 15 ڏينهن ۾ هڪ دفعو ڪنهن نه ڪنهن موڪل واري ڏينهن گڏجاڻي منعقد ڪئي ويندي.
3. تنظيم جا عهديدار ٻارن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪندا.
4. عهديدارن ۾ چيئرمين، وائيس چيئرمين، جنرل سيڪريٽري، پريس سيڪريٽري، خزانچي ۽ ڏهن ميمبرن تي ورڪنگ ڪميٽي شامل هوندي. تنظيم جي گڏجاڻي جي خبر گل ڦل ۾ شايع ڪئي ويندي ۽ اداري پاران ڪڏهن ڪڏهن ڪو نمائندو انهن ادبي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيندو. [11]

هن اعلان کان پوءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ **'گل ڦل ادبي سنگت'** جون شاخون کلڻ لڳيون پهرين شاخ جيڪب آباد ضلعي جي

---

[11]. ماهوار 'گل ڦل'، فيبروري 1983ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

’بداڻي‘ شهر ۾ کولي وئي، جڏهن تہ **چوهڙ جمالي، ميرپورخاص، ڏيپلو بخشاپور، سجاول،** ۽ بين شهرن ۾ پڻ شاخون کلڻ لڳيون. اهڙيءَ ريت گل ڦل ادبي سنگت آهستي آهستي سنڌ جي سيني وڏن شهرن ۾ پکڙجي وئي. هن تنظيم ٻاران مختلف يونٽن جي سطح تي ٻارن جا تقريري ۽ تحريري مقابلا ۽ ذهن آزمائش جا پروگرام ٿيا.

**’گل ڦل ادبي سنگت‘** جو مرڪزي ڍانچو پڻ گل ڦل ٻاران اڳ قائم ٿيل **’ٻارن جي ڦلواڙي‘** جهڙو ئي هو جنهن ۾ مرڪز جو ڪم رسالي جي انتظاميا ٻاران ئي ڪيو ويندو هو جڏهن شهرن، ڳوٺن ۽ وستين ۾ قائم ٿيل شاخون پنهنجو پاڻ سرگرميون ڪري، رپورٽون رسالي کي موڪليندي هيون. هي تنظيمي سلسلو سال 1983ع جي چند مهينن تائين جاري رهيو جنهن کان پوءِ اوچتو گل ڦل ۾ **’گل ڦل ادبي سنگت‘** جون رپورٽون شايع ٿيڻ بند ٿي ويون. سيپٽمبر 1983ع واري پرچي ۾ ٻارن خطن ۽ تجويزن واري سلسلي ۾ هڪ ٻار **’گل ڦل ادبي سنگت‘** جي سرگرمين جي رپورٽن شايع نہ ٿيڻ تي معلوم ڪيو تہ ڪيس جواب ڏنو ويو تہ ڄاڪاڻ تہ ڪِن شاخن **’گل ڦل ادبي سنگت‘** کي غلط استعمال پئي ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪافي شڪايتون پڻ اچڻ لڳيون هيون، ان ڪري تنظيم کي بند ڪيو ويو آهي.[12]

**’گل ڦل ادبي سنگت‘** کي قائم ڪرڻ جو خواب اڪبر جسڪاڻي ڏٺو هو جيڪو ان وقت ’گل ڦل‘ جو انچارج ايڊيٽر هو. سندس خواهش هئي تہ هي تنظيم هڪ ڀيرو وري **’ٻارن جي ڦلواڙي‘** وانگر، سنڌ جي ٻارن ۾ علمي ادبي روح ڦوڪي، پر اڪبر جو اهو خواب پورو نہ ٿي سگهيو ۽ تنظيم بند ٿي وئي.

---

12. ماهوار ’گل ڦل‘، سيپٽمبر 1983ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، انچارج ايڊيٽر، اڪبر جسڪاڻي

## نت ڪت گروپ آف پبليڪيشنس (پروگرام ۽ ورڪشاپس):

**'نت ڪت گروپ آف پبليڪيشنس'** نالي سان هڪ علمي ادبي اداري، حيدرآباد جي نوجوان صحافي ۽ اديب **محمد وسيم خان**، 1993ع ۾ لطيف آباد نمبر 2، حيدرآباد ۾ قائم ڪيو. ابتدائي طور **محمد وسيم خان** اردوءَ ۾ ٻارن جو ماهوار رسالو **'نت ڪت'** جاري ڪيو، جيڪو اڄا تائين شايع ٿيندو پيو اچي. اڳتي هلي هن اداري اردوءَ ۾ ٻارن جا مختلف ڪتاب شايع ڪرڻ سان نت ڪت جا ساليانا پروگرام ڪرڻ شروع ڪيا، جن ۾ اردوءَ سان سنڌيءَ ۾ لکندڙ ٻارن جي نوجوان اديبن کي مڃتا طور ايوارڊ ڏنا ويا.

سال 2000ع ۾ **'نت ڪت گروپ آف پبليڪيشنس'** جي چيئرمئن **محمد وسيم خان**، سنڌيءَ جي نوجوان ليکڪ **خالد آزاد** سان گڏجي، سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي گڏيل ادبي ورڪشاپ منعقد ڪرائڻ جو پروگرام رٿيو. هن سلسلي ۾ **دعوه اڪيڊميءَ** جي طرز تي حيدرآباد ۾ ٽن ڏينهن جا ورڪشاپ منعقد ڪرائڻ جو سوچيو ويو. فرق اهو رکيو ويو ته **دعوه اڪيڊميءَ** جي ورڪشاپن ۾ مذهبي تربيت تي زور ڏنو ويندو هو، جڏهن ته نت ڪت جي ورڪشاپن ۾ خالص ٽيڪنيڪي بنيادن تي تربيت ڏيڻ جو سوچيو ويو. ان کان سواءِ جيئن ته **دعوه اڪيڊميءَ** جي ورڪشاپن ۾ صرف مسلمانن کي شرڪت ڪرڻ جي اجازت هئي، ان ڪري اهو پڻ طئي ڪيو ويو ته، جيئن ته سنڌ ۾ غير مسلم ليکڪن جي به گهڻائي آهي، ان ڪري انهن جي شرڪت تي زور ڏنو ويندو.

اهڙيءَ ريت جولاءِ 2001ع ۾ پهريون ڀيرو حيدرآباد ۾ نوجوان اردو ۽ سنڌي ليکڪن جو ٽن ڏينهن جو گڏيل ورڪشاپ ڪوٺايو ويندو، جنهن ۾ سڄيءَ سنڌ مان 30 کان مٿي نوجوان ليکڪن کي شرڪت جي دعوت ڏني وئي. ٽن ڏينهن تائين انهن ليکڪن جي رهائش، کاڌي پيتي ۽

تربيت جو بندوبست 'نت ڪٿ گروپ آف پبليڪيشنس' جي ذمي حوالي رهيو. ورڪشاپ جا جيڪي موضوع رکيا ويا، تن ۾ **ڪهاڻي لکڻ جو فن، شاعريءَ جا لوازمات، مضمون نگاريءَ جو فن، بيهڪ جي نشانين جو استعمال ۽ تحقيق جا اصول** وغيره شامل هئا. جيئن تہ ٻارن جي ليکڪن لاءِ هن قسم جي ادبي ورڪشاپن جو سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو تجربو ٿي رهيو هو ان ڪري مدد لاءِ مختلف ادارن کي لکيو ويو. ان سلسلي ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ان وقت جي چيئرمئن **ڊاڪٽر غلام علي الانا** تربيتي ڪلاس هلائڻ لاءِ اٿارٽيءَ جو هال مهيا ڪيو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ تڏهوڪي رجسٽرار ۽ **'نت ڪٿ گروپ آف پبليڪيشنس'** جي انتظامي ڪميٽيءَ جي چيئرمئن **نواز علي ڀُٽي** اسٽڊي ٽوئر لاءِ بسون مهيا ڪيون. ان کان سواءِ **سنڌ ايڊيوڪيشن فائونڊيشن** سنڌ پاران بہ ٽيڪنيڪي ۽ مالي مدد ڪئي وئي. اهڙيءَ ريت جولاءِ 2001ع ۾ پهريون ڀيرو حيدرآباد ۾ ٻارن لاءِ لکندڙ نوجوان اديبن جو پهريون ادبي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو.

ورڪشاپ ۾ شرڪت لاءِ هڪ ڏينهن پهرين سڄيءَ سنڌ مان نوجوان ليکڪ حيدرآباد پهتا، جتي سندن رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست اسپورٽس ڪامپليڪس هاسٽل، نياز اسٽيڊيم ۾ ڪيو ويو. ٻئي ڏينهن صبح کان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي هال ۾ تربيتي ڪلاس شروع ڪيا ويا. ان پهرئين ورڪشاپ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان جن نوجوان ليکڪن شرڪت ڪئي، تن ۾ **وفا مولا بخش قمبراڻي، سنجڻ ڪمار ساگر، پير نويد شاهہ هاشمي، سنڌو شڪيل جوڻيجو، شوڪت چاچڙ، نوشاد عادل، خادم حسين سيلرو، عاشق شمس سومرو** ۽ ٻيا شامل هئا. ورڪشاپ ۾ جن اديبن ۽ عالمن نوجوان ليکڪن کي مختلف موضوعن تي ليڪچر ڏنا، تن ۾ **تاج جويو، زيب سنڌي، ابن آس، ادريس**

جتوئي ۽ ٻيا شامل هئا. ان دوران نوجوان ليکڪن کي ڪينجهر، مڪلي ۽ بادشاهي مسجد ٺٽي جو مطالعاتي دورو پڻ ڪرايو ويو.

ورڪشاپ ۾ تربيتي ڪلاسن، مطالعاتي دورن ۽ أدبي مقابلن جي ترتيب ائين رکي ويندي هئي، جو پهرئين ڏينهن تي صبح 9 بجي کان شام 5 بجي تائين مختلف موضوعن تي ليڪچر هوندا هئا، جڏهن ته شام جو هاسٽل تي شريڪ ٿيندڙ پاڻ ۾ گڏجي ڪو مشاعرو يا مذاڪرو منعقد ڪندا هئا. ڏينهن جو جنهن صنف تي ليڪچر ٿيندو هو رات جو ان صنف جو ادبي مقابلو پڻ ٿيندو هو. ٻئي ڏينهن صبح جو هڪ ليڪچر وٺڻ کان شريڪ ٿيندڙن کي ڪنهن علمي، ادبي، تاريخي يا ثقافتي هنڌ جو دورو ڪرايو ويندو هو. جتان واپسيءَ کان پوءِ ڪنهن مخصوص صنف تي ادبي مقابلو ڪرايو ويندو هو. آخري ڏينهن رهيل ليڪچر وٺڻ کان پوءِ شام جو رنگا رنگ اختتامي تقريب ٿيندي هئي، جنهن ۾ شريڪ ٿيندڙ نوجوان ليکڪن کي ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويندا هئا، جڏهن ته موسيقيءَ جي محفل پڻ ٿيندي هئي، جنهن ۾ ناميارن فنڪارن کان سواءِ شريڪ ٿيندڙ نوجوان اديب به فن جو مظاهرو ڪندا هئا.

اهڙيءَ ريت اڳتي هلي هر سال ان سلسلي کي جاري رکيو ويو، جيڪو 2010ع تائين هليو. سال 2001ع کان 2010ع تائين **'نٽ کٽ گروپ آف پبليڪيشنس'** پاران ڪل 10 تربيتي ورڪشاپ ڪرايا ويا، جن ۾ تقريبن 400 کان مٿي سنڌ جي نوجوان اديبن، شاعرن ۽ صحافين لکڻ جي مختلف صنفن جي تربيت ڏني وئي. ان دوران جن عالمن ۽ اديبن مختلف موضوعن تي ليڪچر ڏنا، تن ۾ **پروفيسر عنايت علي خان، تاج جويو، زيب سنڌي، حفيظ ڪنير، انور بريلوي، جامي چانڊيو، اسحاق سميجو، ابن آس، ڊاڪٽر محمود مغل، ادريس جتوئي، نصير مرزا، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، تبسم صغير، علي حسن، مرزا سليم بيگ، امر سنڌو،**

مرحب قاسمي، نصير مرزا، ڊاڪٽر محمد افتخار ڪوکر، محمد وسيم خان، آغا رفيق، انور ساگر ڪانڊڙو سيد عاطف حسين، اعجاز احمد اعجاز عبدالرشيد فاروقي، ناظم ماتلوي، اعجاز مهر، حميد الرحمان، سهيل سانگي، سليم ملاح، عبدالله شيخ، ڪليم چغتائي، عابده شيخ، محمد وسيم خان، خالد آزاد ۽ ٻيا شامل هئا.

’نٽ ڪٽ گروپ آف پبليڪيشنس‘ جي هنن ورڪشاپن ۾ ڪيترن ئي نوجوان ليکڪن اتساهه ورتو ۽ اڄ اهي مختلف شعبن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن. اهڙن ليکڪن ۾ وفا مولا بخش قمبراڻي، شوڪت چاچڙ نوشاد عادل، پيرنويد شاهه هاشمي، سنڌو شڪيل جوڻيجو خادم حسين سيلرو سنجڻ ڪمار ساگر، عاشق شمس سومرو سعيد آزاد ڪوکر، عاطف حسين وگهيو فرزانہ سومرو صائما يوسف، حنا اسحاق بلوچ، ثنا اسحاق بلوچ، قرت العين ڪلهوڙو شمع بلوچ، انيلا ميمڻ، ارشاد جوڻيجو ڪوي حسن بلوچ، حيدر زرياب، نعيم ملاح، هيمون ڪالاڻي، عبيد الله سنڌي، سارنگ جويو روپلو جويو احمد سينا سيلرو عدنان هاليپوٽو ۽ ٻيا شامل آهن.

’نٽ ڪٽ گروپ آف پبليڪيشنس‘ جي هنن ورڪشاپن جا انتظام محمد وسيم خان، خالد آزاد ۽ قربان شيخ حوالي رهيا، جڏهن تہ مختلف وقتن تي جن ٻين دوستن رضاڪارانہ طور تي ڪم ۾ هٿ ونڊايو تن ۾ وفا مولا بخش قمبراڻي، فرزانہ سومرو شوڪت چاچڙ عاطف حسين وگهيو روپلو جويو سارنگ جويو عمير مهيسر، زبير سومرو سرمد دارا، عدنان هاليپوٽو نعيم ملاح ۽ ٻيا شامل هئا.

سال 2010ع ۾ سنڌ ۾ نوجوان ليکڪن لاءِ علمي ۽ ادبي ورڪشاپن جو هي سلسلو پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو.

**روشن دنيا ٻالڪ سنگت (ماهوار روشن دنيا):**

ٽنڊي ڄام مان شايع ٿيندڙ ٻارڙن جي مشهور رسالي **’روشن دنيا‘** جي سهاري هيٺ، ٻارن جي هيءَ علمي ۽ ادبي تنظيم **’روشن دنيا ٻالڪ سنگت‘** 14 نومبر 2000ع تي ٽنڊي ڄام ۾ قائم ڪئي وئي. هن تنظيم جو سرپرست مير **شاهنواز ٽالپر** هو جڏهن ته مرڪزي چيئرمئن **رحمت الله ڪنڀر** چونڊيو ويو. ٻين مرڪزي عهديدارن ۾ وائيس چيئرمئن **ساٿي نهڙيو** جنرل سيڪريٽري **امداد نهڙيو** ماليات سيڪريٽري **رميش ڪمار سوٿهڙ** ۽ اطلاعات ۽ پريس سيڪريٽري **ظفر علي پنهور** چونڊيا ويا. سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ ڪان سواءِ 15 ڄڻن تي ٻڌل هڪ سينٽرل ڪميٽي پڻ هئي، جنهن ۾ مٿين پنجن ڄڻن سميت **علي احمد جمالي، خالد آزاد، روهت ڪمار، الطاف ڪنڀر، محمد علي ڪنڀر، ممتاز ڪنڀر** ۽ ٻيا شامل هئا. تنظيم جو منشور هيٺين 15 نڪتن تي ٻڌل هو:

1. ٻارن کي متحد ڪرڻ ۽ شعوري سگهه ۾ اضافو آڻڻ
2. ضلعي سطح تي ٻارن جون تنظيمون ٺاهي رابطه ڪاري کي هٿي ڏيڻ
3. ٻارن جي مجموعي تعليمي ميدان ۾ مڪمل رهنمائي ڪرڻ
4. ٻارن جي تخليقي صلاحيتن م رواڌارو آڻي اعتماد ۾ اضافو آڻڻ
5. ٻارن لاءِ ننڍي سطح تي لائبريريون قائم ڪرڻ
6. ٻارن لاءِ مختلف موضوعن تي تربيتي پروگرام ڪرائڻ
7. ٻارن لاءِ ثقافتي توڙي ٻين رانديون جا مقابلا ڪرائڻ
8. ٻارن جي لاءِ مطالعاتي دورا ڪرڻ
9. ٻارن ۾ بچت جي رجحان کي وڌائڻ
10. ٻارن ۾ لکڻ، پڙهڻ واري شوق کي هٿي ڏيڻ
11. ٻارن تي ٿيندڙ تشدد ۽ جنسي ڏاڍاين خلاف آواز اٿارڻ

12. ٻارن متعلق بين القوامي قانونن جهڙوڪ (UN Child Right Convention UN) CRC) متعلق آگاهي ڏيڻ ۽ عمل لاءِ ڪوششون وٺڻ
13. ٻارن تي ٿيندڙ جبري پورهئي خلاف آواز اٿارڻ
14. ٻارن جي بنيادي صحت متعلق آگاهي ڏيڻ
15. معذور ٻارن جي ترجيحي بنيادن تي فلاح ويهبود ڪرڻ

هن تنظيم جا سنڌ جي مختلف شهرن، جهڙوڪ: **اسلام ڪوٽ، مٺي، ڇاڇرو، ٽنڊو ڄام، ڪپري موري، عمرڪوٽ، سانگهڙ، جهول، ٽنڊوالهيار، ميرپور خاص، ڏگهڙي، ڪوٽ غلام محمد، ڪنري** ۽ ٻين شهرن ۾ يونٽ هئا. جن طرفان ٻارڙن لاءِ مختلف پروگرام ڪرايا ويندا هئا. تنظيم جي مرڪز پاران مئي 2001ع تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي هال ۾ **'جشن لطيف'** ملهايو ويو. جنهن ۾ **خالد آزاد** جي ڪتاب **'جيجل جي هنج ۾'** جو مهورت پڻ ڪيو ويو. هن تقريب ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ خدمتن جي مڃتا طور **اسرار شام، شبير ساگر، خالد آزاد، زبير سومري** ۽ ٻين کي ايوارڊ ڏنا ويا. ٻارن جي هيءَ تنظيم ٻه سال کن سرگرم رهڻ کان پوءِ پاڻمرادو ختم ٿي وئي.

**ٻارن جي دنيا سنگت(ماهوار 'ٻارن جي دنيا'):**

**'ڪاوش گروپ آف پبليڪيشنس'** پاران سال 2001ع ۾ شايع ٿيل ٻارن جي رسالي **ٻارن جي دنيا** پاران، رسالي جي چند پرچن جي شايع ٿيڻ کان پوءِ، رسالي جي سهاري هيٺ ٻارن جي علمي ۽ ادبي تنظيم **'ٻارن جي دنيا سنگت'** قائم ڪئي وئي. رسالي ۾ اهڙو اعلان شايع ٿيڻ کان پوءِ ٻارڙن سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ تنظيم جا يونٽ قائم ڪيا ۽ پنهنجي علمي ادبي سرگرمين جي شروعات ڪئي.

تنظيم جو نگران رسالي جو ايڊيٽر **سيد زوار نقوي** هو جڏهن ته ضلعي سطح تي پڻ نگران رکيا ويا. تنظيم جا مختلف شهرن ۾ يونٽ هئا،

جن ۾ لاڙڪاڻو سکر، پنوعاقل، قمبر، شهدادڪوٽ، مٺي، ڏيپلو سجاول، ٺٽو مٽياري، ٽنڊوالهيار، عمرڪوٽ، ڇاڇرو اسلام ڪوٽ ۽ ٻيا شامل هئا. يونٽ پنهنجو پاڻ سرگرميون ڪندا هئا ۽ رپورٽون رسالي ۾ موڪليون ويندا هيون.

هن تنظيم پاران جيتوڻيڪ مرڪزي سطح يا شاخن پاران ڪا وڏي سرگرمي تہ نہ ڪئي وئي، البت شاخون ننڍا ننڍا پروگرام ڪرائيندڙ رهنديون هيون. هي تنظيم رسالي جي شايع ٿيڻ تائين قائم رهي ۽ پوءِ بند ٿي وئي.

## گلڙا سنگت، سنڌ (ماهوار 'گلڙا'):

ٻارن جي مقبول رسالي ماهوار **'گلڙا'** جي سهاري هيٺ ٻارڙن جي عملي، ادبي تنظيم **'گلڙا سنگت، سنڌ'** 2003ع ڌاري ٽنڊي جام ۾ قائم ڪئي وئي. هن تنظيم جو سرپرست **شبير ساگر** هو، جڏهن تہ مرڪزي صدر واحد **پارس هيسباڻي**، نائب صدر **اختر سمون** ۽ جنرل سيڪريٽري **خالد آزاد** چونڊيا ويا. ٻين مرڪزي عهديدارن ۾ **وفا مولا بخش** جوائنٽ سيڪريٽري، **راجيش گوسوامي** ماليات سيڪريٽري، **دليپ ساگر گوسوامي** رابطا سيڪريٽري، **احسان راهوجو** پريس سيڪريٽري ۽ **نذير احمد ميمڻ** آفيس سيڪريٽري چونڊيا ويا. تنظيم جي هڪ سپريم ڪائونسل پڻ جوڙي وئي، جنهن جو چيئرمئن **گل شير لوچي** ۽ وائيس چيئرمئن **همسفر نواز ٽنيو** هئا. جڏهن تہ ميمبرن ۾ **حبيب الله ميمڻ، معراج خالد نظاماڻي، پير نويد شاهہ هاشمي** ۽ **خادم حسين لاکو** شامل هئا. **'گلڙا سنگت'** جو آئين هيٺين نڪتن تي ٻڌل هو:

**مکيہ مقصد:** ٻارن جي ادب ۽ تعليم جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ سماج ۾ ٻارن جي حقن بابت آگاهي پيدا ڪرڻ.

*** ٻارن جو ادب:**

سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ، سنڌي ٻاراڻن رسالن جي ترقي ۽ مالي سهائتا لاءِ وسيلن جي ڳولا ڪرڻ، سنڌي ٻارن لاءِ معياري، تعليمي ۽ اخلاقي مواد جي تياريءَ لاءِ ڪم ڪرڻ. سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ ڪي سهيڙڻ، سنڌي ٻارن لاءِ انسائيڪلو پيڊيائون، ڊڪشنريون، ليکڪن جو ڊائريڪٽريون ۽ معياري ڪتابڙا تيار ڪرڻ، ٻارن لاءِ لکندڙ نوجوان ليکڪن لاءِ تربيتي ورڪشاپ ڪرائڻ سميت، مختلف تخليقي مقابلا ڪرائڻ، انعام، ايوارڊ ۽ شيلڊون ڏيڻ ۽ سندن ڪتاب ڇپائڻ. ٻاراڻي ادب ۽ ٻاراڻن ليکڪن جي مسئلن بابت سيمينار، ڪانفرنسون ۽ مذاڪرا ڪرائڻ، رسالن جا خاص نمبر شايع ڪرائڻ.

*** ٻارن جي تعليم:**

تعليم جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ، هر ٻار لاءِ بنيادي تعليم حاصل ڪرڻ بابت سماج ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ، طبقاتي تعليم جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪرڻ، پسمانده علائقن ۾ مفت ٽيوشن سينٽر ۽ علمي مرڪز قائم ڪرڻ، پرائيويٽ اسڪولن ۾ سنڌي سبجيڪٽ لازمي طور پڙهائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ، ڪاپي ڪلچر، سفارش ۽ رشوت جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪرڻ، غريب شاگردن جي في معاف ڪرائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ کين ڪتاب ۽ ڪپڙا وغيره فراهم ڪرڻ، تعليمي شعور پيدا ڪرڻ ۽ مذاڪرا، ڪانفرنسون ۽ سيمينار ڪرائڻ.

*** ٻارن جا حق:**

اقوام متحده طرفان منظور ڪيل، گهڻ مُلڪي ٻارن جي حقن واري پڌرنامي تي عمل ڪرائڻ، جبري پورهئي، جنسي ڏاڍاين، تشدد ۽ ٻارن جي اغوا خلاف ڪم ڪرڻ، بيگار ڪئمپن ۾ قيد ٻارڙن جي آزاديءَ لاءِ ڪوششون ڪرڻ، ٻارن جي حقن بابت مذاڪرا، سيمينار ۽

ڪانفرنسون ڪرائڻ، ٻارڙن جي حقن جي ٿيندڙ لتاڙ خلاف رپورٽون تيار ڪري لاڳاپيل ادارن ۽ وزارتن ڌانهن اماڻن، ٻارن جي مسئلن کي ميڊيا تي آڻي، سماج ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ.

ابتدا ۾ تنظيم جو آئين، تعارفي پمفليٽ ۽ ٻيو آگاهيءَ وارو مواد تيار ڪيو ويو ۽ ان ڏس ۾ ڪجهه تنظيمي گڏجاڻيون تنديءَ جام ۾ پڻ ٿيون. پر پوءِ تنظيم گهڻو قت هلي نه سگهي ۽ آخر ان ئي سال يعني 2003ع ۾ بند ٿي وئي.

## گل ڦل ٻارڙا سنگت، سنڌ: (ماهوار 'گل ڦل'):

سنڌي ٻارڙن جي مشهور رسالي **'گل ڦل'** جي سهاري هيٺ، ٻارڙن جي علمي ۽ ادبي تنظيم **'گل ڦل ٻارڙا سنگت'** مارچ 2007ع ۾ قائم ٿي. ان وقت اديب ۽ محقق **دين محمد ڪلهوڙو 'گل ڦل'** جو ايڊيٽر هو ان ڪري کيس **'گل ڦل ٻارڙا سنگت'** جو ڪو آرڊينيٽر مقرر ڪيو ويو جڏهن ته ناميارِي سماج سڌارڪ **'ڀائو در محمد ٻرڙي'** کي تنظيم جو چيئرمئن بڻايو ويو. **'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ'** جو آئين هيٺين نڪتن تي ٻڌل هو:

1. ٻارڙن جي معلومات وڌائڻ لاءِ ڪتابن ۽ ليڪچرن وسيلي تربيت ڪرڻ.
2. ٻارڙن ۾ تقريري، تحريري ۽ بحثن مباحثن وسيلي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جون صلاحيتون اجاگر ڪرڻ.
3. ٻارن ۾ سماجي خدمتن جو اخلاقي معيار بلند ڪرڻ.
4. ٻارن کي اڳتي آڻڻ جي ڏس ۾ استادن ۽ والدين جي رهنمائي حاصل ڪرڻ.
5. ٻارڙن کي ننڍپڻ ۾ ئي اجاين ڳالهين ۽ ڪمن کان پري رکي، بهترين خوبين وارو انسان بنائڻ لاءِ 'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ' کي منظم ڪرڻ واري عمل ۾ مصروف رکڻ.
6. سٺي علم سان گڏ سٺو انسان بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ.

7. سنڌي ٻارڙن کي علمي ادبي، سائنسي ۽ تفريحي ماحول پيدا ڪري ڏيڻ سان گڏ هڪ پليٽ فارم تي هڪ منظم سگهارو آواز ڏيڻ سان يقينا هو اڳتي هلي باڪردار ۽ سنا شهري ٿيندا جيڪو اسان جو مقصد آهي.

- ڪنهن اسڪول ڳوٺ، شهر ۽ تعلقي ۾ جتي يونٽ قائم نہ آهي تہ اتي آرگنائيزر جو ڪم آهي تہ ٻارڙا گڏ ڪري **'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ'** جو يونٽ قائم ڪري ۽ ان جي هر وقت سار سنڀال لهي. اهو سمورو ڪم مرڪزي ڪو آرڊينيٽر جي اجازت سان ڪيو ويندو.

تنظيم جي مرڪزي آفيس **قنبر** ۾ هوندي هئي، جڏهن تہ چوٿين درجي کان ڏهين درجي تائين هرهڪ ٻار **'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ'** جو ميمبر ٿيڻ جي اهل هو. حالتن آهر عمر ۾ گهٽ وڌائي تي پئي سگهي، **'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ'** جي سموري ڪم کي وڌائڻ، سرگرم رکڻ ۽ نظرداري ڪرڻ سان گڏ تنظيمي فيصلن تي عمل ڪرائڻ لاءِ پڇا ڳاڇا ۽ اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻ جي ذميداري صدر جي رکي وئي. **نائب صدر**، تنظيمي ڪم لاءِ هر وقت سرگرم رهڻ، صدر جي غير موجودگيءَ ۾ صدر سمورا اختيار استعمال ڪرڻ، هر وقت صدر سان صلاح مصلحت ۾ گڏ هجڻ ۽ سندس ڪمن ۾ مددگار رهڻ جو پابند هو جڏهن تہ **جنرل سيڪريٽري**، تنظيمي ڪمن جي اڳواڻي ڪرڻ، ڪارروائي هلائڻ، تنظيمي ڪمن جي لکت پڙهت ڪرڻ، رجسٽر ۽ فائيل ٺاهڻ، سموري ڪاروهنوار کي پنهنجي اڳواڻي، نظرداريءَ ۾ هلائڻ، تنظيم کي وڌائڻ لاءِ نت نوان رايا ڏيڻ، تنظيمي ڪيل فيصلن تي نہ ٿيندڙ عملن جو خيال رکي ذميدار اڳواڻن ۽ ميمبرن کي لکت ۾ آگاهي ڏيڻ، صدر سان هر وقت صلاح مصلحت ڪرڻ، پنهنجي پڙهائي ۽ تنظيمي ڪمن کي بهتر انداز ۾ هلائڻ لاءِ ذميدار هو. ان کان سواءِ **جوائنٽ سيڪريٽري، خزانچي، پريس**

سيڪريٽري ۽ آفيس سيڪريٽريءَ جون پڻ مختلف ذميداريون هيون.
مٿي ڄاڻايل عهدن کان سواءِ هيٺيون ڪاميٽيون پڻ جوڙيون ويون.

1. **تعلقي ڪاميٽي:**

تعلقي ڪاميٽيءَ ۾ ان تعلقي جي هرهڪ يونٽ جا صدر جنرل سيڪريٽري ۽ خزانچي ميمبر هوندا. اهي پنهنجي اڪثريت راءِ سان **'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ'** جا ٽي ميمبر تعلقي ڪاميٽيءَ ۾ کڻي سگهندا. ان کان پوءِ انهن مان اڪثريت راءِ سان تعلقي باڊي چونڊي ويندي، جنهن جا عهديدار هن ريت هئا: تعلقي صدر جنرل سيڪريٽري، خزانچي ۽ پريس سيڪريٽري

2. **ضلعي ڪاميٽي:**

**'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ'** جي ضلعي باڊيءَ ۾ هرهڪ ضلعي ۾ سموري تعلقن جا چونڊيل صدر جنرل سيڪريٽري ۽ آرگنائيزر کان سواءِ جيترا يونٽ هوندا، اوترا ميمبر ضلعي ڪاميٽيءَ تي اڪثريت راءِ سان کنيا ويندا. ضلعي جي سموري ميمبرن مان اڪثريت راءِ سان ضلعي باڊيءَ لاءِ تعلقي صدر جنرل سيڪريٽري، خزانچي ۽ پريس سيڪريٽري چونڊيا ويا.

3. **مرڪزي ڪاميٽي:**

مرڪزي باڊيءَ ۾ هرهڪ ضلعي جا صدر جنرل سيڪريٽري، آرگنائيزر ان کانسواءِ انهن جي اڪثريت راءِ سان **'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ'** جا ڪي به 5 اڳواڻ ان ۾ ميمبر طور کڻي سگهيا. پوءِ اڪثريت راءِ سان مرڪزي باڊي انهن مان چونڊي ويندي، مرڪز ۾ به ساڳيا چار عهدا هوندا.

مئي 2007ع ۾ **'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ'** جي چيئرمئن **پائو درمحمد ٻرڙي** مختلف شهرن جا دورا ڪيا ۽ اتي آرگنائيزر مقرر ڪيا. سنت ئي تنظيم جو شاخون سنڌ جي مختلف شهرن ۾ کلي ويون. ان

دوران عبدالحئي ڀُٽي کي گهوٽڪي، **بيخود بلوچ** کي سکر، **زوهيب سومري** کي خيرپورميرس، **امداد جسڪاڻيءَ** کي تعلقي پنوعاقل ۽ **حمير جاني ٻرڙي** کي تعلقي قنبر تي آرگنائيزز مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت **'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ'** جون سڄيءَ سنڌ ۾ سرگرميون شروع ٿي ويون. ٻارڙن جي سرگرمين جا احوال گل ڦل ۾ شايع ٿيڻ لڳا. هي سلسلو پورو هڪ سال هليو جنهن کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ۾ انتظامي تبديلين جي پيش نظر **'گل ڦل ٻارڙا سنگت سنڌ'** پاڻمرادو بند ٿي وئي. ويجهي ماضيءَ ۾ **گل ڦل ٻارڙا سنگت** ئي سنڌي ٻارڙن جو وڏو علمي ۽ ادبي فورم سمجهي پئي وئي، پر بدقسمتيءَ سان هي سلسلو انتظامي معاملن جي ور چڙهي ويو.

## پنکڙيون ٻالڪ ادبي فورم (ٽماهي 'پنکڙيون')

**'پنکڙيون ٻالڪ ادبي فورم'** نالي هي تنظيم عمرڪوٽ جي نوجوان **سهيل احمد ڪنير** 2013ع ۾ ٻارن جي ٽماهي رسالي **'پنکڙيون'** جي پليٽ فارم تان قائم ڪئي. **سهيل احمد ڪنير** هن تنظيم جو باني ۽ سرپرست آهي، جڏهن ته سندس ٽيم ۾ **پرت ڪمار، ارشاد نهڙي ۽ حاڪم داس** شامل آهن.

هي تنظيم عمرڪوٽ ۾ مختلف علمي ۽ ادبي پروگرام ڪرائيندي رهندي آهي، جڏهن ته ٻارن جي حقن جي تحفظ جي سلسلي ۾ پروگرامن کان سواءِ سوشل ميڊيا تي مهمون پڻ هلائيندي رهندي آهي. تنظيم پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جو رسالو ٽماهي **'پنکڙيون'** تنظيم جي ترجمان رسالي هجڻ سان گڏ ٻاراڻي ادب جو بهترين رسالو آهي، جنهن ۾ تنظيمي ڪارڪردگيءَ سان گڏ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، معلوماتي مضمون، نظم ۽ گيت شايع ڪيا ويندا آهن.

# ورهاڱي کان پوءِ
# سنڌ ۾ شايع ٿيل ڪتابي سلسلا:
[1957 — 1990]

سنڌ ۾ ٻارن جي ماهوار ٻه ماهي ۽ ٽه ماهي رسالن سان گڏ ٻارن جا '**ڪتابي سلسلا**' پڻ شايع ٿيڻ شروع ٿيا. جيڪي ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيا. هي ڪتابي سلسلا پڻ هڪ قسم جا '**رسالا**' ئي هوندا هئا. پر جيئن ته ماهوار ٻه ماهي يا ٽه ماهي رسالن جو نالو هڪ ئي يعني ساڳيو رهندو هو ۽ انهن جو مواد پڻ ساڳي نوعيت جو هوندو هو. پر ڪتابي سلسلن ۾ فرق اهو هو ته هر پرچي جو نالو يا عنوان ڌار ۽ مخصوص هوندو هو. جڏهن ته سڄي پرچي جو مواد ان مخصوص عنوان هيٺ شايع ٿيندو هو. ڪتابي سلسلن جو ڪو مقرر وقت يا مُدو نه هوندو هو. جڏهن ته هنن ڪتابي سلسلن جا ايڊيٽر يا چيف ايڊيٽر هجڻ بجاءِ '**مرتب**' ۽ '**سهيڙيندڙ**' هوندا هئا. هي ڪتابي سلسلا مختلف موضوعن، عنوانن ۽ نالن سان جاري ٿيندا رهندا هئا. جن پڻ سنڌ ۾ ٻارن اندر وڏو علمي ادبي چاهه پيدا ڪيو ۽ ٻارن کي معاشري ۾ سرگرم ۽ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اُتساهيو.

ٻارن جي ڪتابي سلسلن جي شروعات 1957ع ۾ ٽنڊي محمد خان مان اياز پاتوليءَ جي ڪتابي سلسلي '**اداره گلشن ادب**' جي اشاعت سان ٿي. اياز پاتولي، '**اداره گلشن ادب**' جي نالي هيٺ، ڌار ڌار عنوانن سان پرچا شايع ڪندو هو جيڪي هڪ قسم جا رسالا ئي هئا. اياز پاتوليءَ

جي هن ڪتابي سلسلي ورهاڱي کان پوءِ متاثر ٿيل ٻاراڻي ادب کي سهارو ڏنو ۽ سنڌ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ ماحول پيدا ڪيو. بعد ۾ 1960ع ۾ **گل محمد مستوئي** ۽ **اسلم آزاد** حيدرآباد مان هڪ ڪتابي سلسلو **'شاگرد پبليڪيشن'** جي نالي سان شروع ڪيو. 1966ع ڌاري **غلام رسول ميمڻ** ۽ **بيدل مسرور بدوي** ساڻين سان گڏ شڪارپور مان **'گلشن سيريز'** نالي ٻارن جو ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جنهن جا 5 سلسلا شايع ٿيا. ساڳئي ئي سال شڪارپور مان **'گلستان سيريز'** ۽ **'ٻالڪ سيريز'** نالي ٻارن جا ڪتابي سلسلا شايع ٿيا. ان دوران 67-1966 ع ڌاري **غلام مرتضيٰ پٽي** **'شمع سيريز'** جي نالي سان حيدرآباد مان ٻارن جو ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جنهن جو مرتب **محمود يوسفاڻي** ۽ **اشرف واصفاڻي** هئا. **'شمع سيريز'** ان دور جو بيحد مقبول ڪتابي سلسلو هو. هن سلسلي جا ڪرائون سائيز ۾ 25 کان 30 ڪتاب شايع ٿيا، جن ٻارن ۾ وڏو علمي ادبي چاهه پيدا ڪيو.

1973ع کان 1980ع تائين سنڌ جي مختلف شهرن مان 14 مختلف ڪتابي سلسلا شايع ٿيا جن مان سڀ کان مقبول ڪتابي سلسلو **'چٽنگ پبليڪيشن'** هو، جيڪو **ناز سنائي** 1973ع ۾ سن مان جاري ڪيو. هن سلسلي جا مختلف عنوانن تحت 15 ڪتابي سلسلا شايع ٿيا. ٻارن جي رسالن ۽ ڪتابي سلسلن جي تاريخ ۾ هي اهو واحد ڪتابي سلسلو آهي، جنهن تي ان وقت جي سرڪار پابندي وڌي ۽ ان جي مرتب **ناز سنائيءَ** کي جيل موڪليو. **'چٽنگ پبليڪيشن'** سنڌ جي ٻارن ۾ علمي ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ سان گڏ سندن سياسي آبياري پڻ ڪئي. هن ڪتابي سلسلي مستقبل جا ڪيترائي اديب ۽ سياسي اڳواڻ پيدا ڪيا، جيڪي اڄ سماج جي مختلف شعبن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

هن ڏهاڪي جو هڪ ٻيو مشهور ڪتابي سلسلو **'سنڌي محفل**

ادب' (حيدرآباد) هو جيڪو 1975ع ۾ **ناصر جمال پٺاڻ** حيدرآباد مان شروع ڪيو. هن سلسلي جا 8 پرچا شايع ٿيا. 1977ع ڌاري خيرپور ميرس مان **قربان منگي 'پوپٽ پبليڪيشن'** نالي ٻارن جو ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جنهن جون 5 يا 6 ڪڙيون منظر عام تي آيون. هي پڻ ڪتابي سلسلو ان دور جي مقبول ڪتابي سلسلن مان هڪ هو. 1977ع ۾ **نظام عباسي لاڙڪاڻي** مان **'رابيل پبليڪيشن'** جي نالي سان ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جنهن جا پڻ 7-6 ڪتاب شايع ٿيا. هي ڪتابي سلسلو پڻ ٻارن ۾ گهڻو مقبول ٿيو. 78-1977ع ڌاري **سيد زوار نقوي** حيدرآباد مان **'ٻارن جي محفل'** نالي هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جنهن جا چار پرچا شايع ٿيا. هي ڪتابي سلسلو پڻ ان دور جي مقبول ڪتابي سلسلن مان هڪ هو. بعد ۾ ان نالي سان ٻارن جي علمي ادبي تنظيم قائم ڪئي وئي. آگسٽ 1978ع ۾ **معمور يوسفاڻي** عمرڪوٽ مان **'ٻارڙا پبليڪيشن'** جي نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جنهن جا پڻ چار پرچا شايع ٿيا. پنهنجي گيٽ اپ ۽ مواد جي لحاظ کان هي تمام بهترين ڪتابي سلسلو هو پر بدقسمتيءَ سان گهڻو وقت هلي نه سگهيو. 1980ع ۾ هالا مان **عرفان مهدي 'وک وڌايو پبليڪيشن'** نالي سان ٻارن جو هڪ علمي ادبي سلسلو شروع ڪيو جيڪو ٻارن ۾ بيحد مقبول ثابت ٿيو. هن سلسلي جا 5 کان مٿي ڪتاب شايع ٿيا. هن دور جو هڪ ٻيو مشهور ۽ اهم ڪتابي سلسلو **'لالي پبليڪيشن'** 1980ع ۾ حيدرآباد مان **آغا قيوم** شروع ڪيو. آغا قيوم هن هي ڪتابي سلسلي کي ٻارن ۾ تمام گهڻو مقبول ڪيو جنهن جا ڪرائون سائيز ۾ 30 کان مٿي ڪتابي سلسلا شايع ٿيا. هن دور جي ٻين ڪتابي سلسلن ۾ **'روشن تارا پبليڪيشن'** (حيدرآباد)، **'وطن دوست ٻار پبليڪيشن'** (ڏوڪري)، **'گلشن پبليڪيشن'** (داد لغاري)، **'ٻارن جي محفل پبليڪيشن'** (ٽنڊوباگو)، **'روشن تارا پبليڪيشن'**

(متياري)، **’روشن تارا پبليڪيشن‘** (هالا پراڻا) شامل آهن.

1981ع کان 1990ع تائين سنڌ جي مختلف شهرن مان 20 کان متي ٻارن جا ڪتابي سلسلا جاري ٿيا. هنن ڪتابي سلسلن ۾ سنڌ اندر جيڪي ٻارن جا پسنديده ڪتابي سلسلا ثابت ٿيا، تن ۾ **’مهراڻ پبليڪيشن‘** (حيدرآباد) ۽ **’صداءِ وطن پبليڪيشن‘** (هالا) شامل آهن. **’مهراڻ پبليڪيشن‘** 1988ع ۾ **الطاف ملڪاڻي** حيدرآباد مان شروع ڪئي. هن ڪتابي سلسلي جا 6 ڪتاب شايع ٿيا. **’صداءِ وطن پبليڪيشن‘** 1981ع ۾ هالا مان **عبدالڪريم ميمڻ** شروع ڪئي، جنهن جا ڪتابي سلسلا پڻ ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيا. هن دور جي ٻين ڪتابي سلسلن ۾ **’سنياسي پبليڪيشن‘** (هالا)، **’ڪتاب پبليڪيشن‘** (حيدرآباد)، **’گل ڦل ادبي سنگت پبليڪيشن‘** (هالا)، **’نصرت پبليڪيشن‘** (تلهار)، **’چانڊوڪي پبليڪيشن‘** (متياري)، **’پريم پبليڪيشن‘** (ڪنڊڪوٽ)، **’موتي داڻا پبليڪيشن‘** (ڪپرو)، **’چنڊ تارا پبليڪيشن‘** (ميرپور ماٿيلو)، **’پريات پبليڪيشن‘** (حيدرآباد)، **’لطيف پبليڪيشن‘** (حيدرآباد)، **’چانڊوڪي پبليڪيشن‘** (نوشهروفيروز)، **’روشن تارا پبليڪيشن‘** (هالا)، **’سڳنڌ پبليڪيشن‘** (هالا)، **’سنڌي ٻالڪ پبليڪيشن‘** (ميهڙ)، **’مکڙي ڪتابي سلسلو‘** (بدين)، **’لاٽ پبليڪيشن‘** (لاڙڪاڻو)، **’گونج پبليڪيشن‘** (حيدرآباد) ۽ **’جوت پبليڪيشن‘** (خيرپور ميرس) شامل آهن.

اهڙي ريت سنڌ ۾ ڪتابي سلسلن جو دور پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو ۽ 1990ع کان پوءِ ٻارن جا پندرهن روزه، ماهوار ٻه ماهي ۽ ٽه ماهي رسالا شايع ٿيڻ شروع ٿيا. هيٺ 1957ع کان 1990ع تائين شايع ٿيل سمورن ڪتابي سلسلن جو مڪمل تفصيل پيش ڪجي ٿو.

**ادارہ گلشن ادب: ڪتابي سلسلو (ٽنڊو محمد خان):**

اداره گلشن ادب جي نالي سان ٻارن لاءِ هي علمي، ادبي ۽ اشاعتي ادارو ٽنڊي محمد خان ۾ **اياز پاٽولي**، جنوري 1957ع ۾ قائم ڪيو. اداري جو باني‌ڪار **اياز پاٽولي** هو جڏهن تہ سندس ساٿين ۾ **محمد ابراهيم پياسي** ۽ **خواجا محمد اشرف شاد** شامل هئا. هن اداري ٻارن جي مختلف ڪتابن سان گڏ اشاعتي سلسلو پڻ شروع ڪيو جنهن جا 300 کان مٿي شمارا شايع ٿيا. هر شماري جو نالو ڌار هوندو هو جڏهن تہ ان شماري ۾ رسالي وانگر ٿي ٻارن جون لکڻيون شامل هونديون هيون. اداره گلشن ادب جو هي ڪتابي سلسلو ساندهہ 35 سان جاري رهڻ کان پوءِ 1990ع ڌاري بند ٿي ويو. اياز پاٽولي ٻيهر هن سلسلي کي 1995ع ڌاري شروع ڪيو ۽ ڪتابي سلسلا ڇپائڻ شروع ڪيائين. اهڙيءَ ريت **'پريات'**، **'قليلي'** ۽ ٻين عنوانن تحت مختلف شمارا شايع ٿيا. هي سلسلو وقفي وقفي سان جاري رهي سال 2000ع کان پوءِ بند ٿي ويو.

ان کان سواءِ هن اداري مختلف اديبن جا ٻارن لاءِ لکيل ۽ سهيڙيل ڪتاب پڻ ڇپايا. انهن ۾ **محمد ابراهيم جويي، فدا سُرهيي، محمد ابراهيم 'شوق' سنڌي، فضل احمد بچاڻي**، رشيد احمد لاشاري، **پرواني ڀٽي، اياز پاٽولي** ۽ ٻين ليکڪن جا لکيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب شامل آهن. هن اداري پاران 76- 1977 ۾ **'ٻارن جو ڊائجيسٽ'** ۽ **'گلشن ڊائجسٽ'** پڻ شايع ڪيا.

هن وقت هي ادارو غير فعال آهي. سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي ترقي ۽ ترويج جي سلسلي ۾ هن اداري جي خدمتن کي سدائين ياد رکيو ويندو. هن اداري پاران **'بزم گلشن سنڌ'** نالي هڪ تنظيم قائم ڪئي وئي، جنهن پڻ سنڌ ۾ ٻارن اندر علمي ادبي جاڳرتا لاءِ وڏو ڪم ڪيو.

**’اسٽوڊنٽس پبليڪيشن‘(حيدرآباد):**

هن نالي سان ٻارن ۽ خاص طور تي شاگردن لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو حيدرآباد مان اسلم آزاد ۽ **گل محمد مستوئيءَ** پاران 1960ع واري ڏهاڪي ۾ شروع ڪيو ويو. هي ڪتابي سلسلو جمالي پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپايو ويندو هو. 16 صفحن تي ٻڌل هي ڪتابي سلسلو شاگردن جو ترجمان سلسلو ٿي اڀريو. گل محمد مستوئي هن ڪتابي سلسلي کي شاگردن تائين پهچائڻ، مواد ايڊٽ ڪرڻ ۽ ڇپائيءَ جي ڪم ۾ وڏي محنت ڪئي. هن سلسلي جا 5_6 پرچا شايع ٿيا ۽ پوءِ هي سلسلو پاڻ مرادو بند ٿي ويو. هن ڪتابي سلسلي جي چوٿين ڪڙي جو عنوان **’ستا اٿي جاڳ‘** هو.

**’گلشن سيريز‘(شڪارپور):**

سال 1966ع ۾ **غلام رسول ميمڻ ۽ بيدل مسرور**، ساٿين سان گڏ شڪارپور مان **’گلشن سيريز‘** نالي هڪ ٻاراڻي ڪتابي سلسلي جو بنياد وڌو. **’گلشن سيريز‘** جا پنج ڪتاب شايع ٿيا، جيڪي **’سنڌي ادب محل پبليڪيشن شڪارپور‘** پاران منظر عام تي آيا. هن ٽيم ۾ **عبدالغني چنو ۽ نديم قاضي** بہ شامل هئا. **گلشن سيريز** جي ٻئي شماري ۾ **’گلشن جا پاسبان‘** جي عنوان هيٺ ڪجهہ تعارف ۽ فوٽو شايع ڪيا ويا هئا، جن مان اها خبر پوي ٿي تہ ننڍن جي سرپرستي ڪندڙ وڏا بہ موجود هئا.

**’گلستان‘سيريز(شڪارپور):**

آگسٽ 1966ع ۾ **’گلستان سيريز‘** جي نالي سان **جميل صديقيءَ** جي سرپرستيءَ ۾ **’گلستان سيريز‘** جي نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو ويو. هن سلسلي جا ڪجهہ پرچا شايع ٿيا ۽ بعد ۾ هي سلسلو پاڻ مرادو بند ٿي ويو.

**'ٻالڪ سيريز' (شڪارپور):**

هن نالي سلسليوار ڪتابي سلسلو شڪارپور مان مظهر **شڪارپوريءَ** پاران 1966ع ڌاري شروع ڪيو ويو. ان دور ۾ جيڪي ٻار لکي رهيا هئا، انهن ۾ **حيدر بخش هڪڙو آصف علي، مشتاق احمد ۽ بشير احمد هڪڙو** کان علاوه **ضياءُ الدين گوهر، نظير احمد هڪڙو محمد اڪبر هَڪڙو مرچومل همدرد ۽ جمال الدين علوي** شامل هئا.

**'شمع سيريز' (حيدرآباد):**

هن نالي سان ٻارن جي لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو 67_1966ع ڌاري **غلام مرتضيٰ پٽي،** دينوءَ جي پڙ حيدرآباد مان جاري ڪيو. هن ڪتابي سلسلي جو روح روان **غلام مرتضيٰ پٽي** هو جڏهن تہ **اشرف واصفاڻي ۽ محمود يوسفاڻي** هن ڪتابي سلسلي جا سهڪاري ساٿي هئا. هن اداري پاران ٻارن لاءِ ڪرائون سائيز جا 25 کان 30 ڪتابڙا شايع ڪرايا ويا. هن ڪتابي سلسلي ۾ ٻارن ۾ وڏو علمي ادبي چاهہ پيدا ڪيو.

**'روشن تارا' پبليڪيشن (حيدرآباد):**

1973ع ۾ حيدرآباد مان **'روشن تارا'** نالي هڪ ڪتابي سلسلو پڻ جاري ٿيو جنهن جا ٻہ ٽي پرچا شايع ٿيا. هن ڪتابي سلسلي جا روح روان **ناز پٽو** ۽ سندس ساٿي هئا. هي ڪتابي سلسلو ٻہ ٽي پرچا شايع ڪرڻ کان پوءِ بند ٿي ويو.

**'چٽنگ پبليڪيشن' (سن):**

هيءُ ڪتابي سلسلو سن مان 1973ع ڌاري **ناز سنائي** جاري ڪيو. **سرور سهتو** هن ڪتابي سلسلي جو مددگار هو. پنهنجي دور هي ڪتابي سلسلو سڀ کان وڌيڪ مقبول ۽ مشهور ٿيو. هي ڪتابي سلسلو 1979ع

تائين جاري رهيو ۽ ان جا پندرهن سلسلا: ترتيبوار (1) **اجورو** (2) **شهيد عبدالرزاق سومرو** (3) لولي (4) **ڪڙيا ڪٺِهار** (5) **باغي ماءُ** (6) **ڪهاڻي نمبر** (7) **ٻاراڻي راند** (8) **سُندر سوچ** (9) **ههڙا هاڃا ٿين** (10) **بغاوت** (11) **جنگ جاري رهي** (12) **جي ايم سيد نمبر** (13) **ٻارن جو عالمي پڌرنامو** (14) **عيد** (15) **سونازيور** شايع ٿيا. ان کان سواءِ هن ڪتابي سلسلي ٻاران تحريري چٽاپيٽين تي ٻڌل پنج ڪتاب تيار ڪرايا ويا، جن ۾ (1) **وڏي جڏهن آئون وڏو ٿيندس** (2) **لطيف: قومي شاعر** (3) **هڪ ڏينهن جي بادشاهي ملي تہ...** (4) **مون ڪيئن عيد ڪئي** (5) **وڏي ٿي وڏي تمنا اٿم تہ...** انهن ڪتابن ما چار ڪتاب شايع ٿيا، جڏهن تہ پنجين ڪتاب جي اشاعت کان اڳ تنظيم ۽ ڪتابي سلسلي تي پابندي لڳي وئي ۽ تنظيم جي سربراهہ **ناز سنائيءَ** کي جيل اماڻيو ويو.هيءُ اهو واحد ٻارن لاءِ ڪتابي سلسلو هو جنهن تي سرڪار پابندي وڌي ۽ سلسلي جي مرتب **نازسنائيءَ** کي جيل موڪليو.

هن ڪتابي سلسلي، سنڌ جي ٻارن ۾ علمي ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ سان گڏ سياسي آبياري پڻ ڪئي. جيئن تہ هي ڪتابي سلسلو **’چٽنگ سنگت‘** جي سهاري هيٺ جاري ٿيو هو. ان ڪري سنگت جي ميمبرن وٽ گهڻو پهچندو هو ۽ ميمبرن سان گڏ سنڌ جي ٻارن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. هن ڪتابي سلسلي مستقبل جا اديب ۽ سياسي سماجي اڳواڻ پيدا ڪيا. جيڪي اڄ سنڌ جي مختلف شعبن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

## سنڌي محفل ادب (حيدرآباد):

1975ع ۾ **’سنڌي محفل ادب‘** جي نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو **ناصر جمال پٺاڻ**، گورنمينٽ سوسائٽي هاءِ اسڪول حيدرآباد (هاٿوڪي هاءِ اسڪول نمبر ون) مان جاري ڪيو. جنهن جو سرپرست **غلام مصطفيٰ دادوي** هو. **ڊاڪٽر رفيق شيخ** ۽ **نديم مغل**، هن ڪتابي سلسلي ۾

ٻانهن ٻيلي هئا. هن ڪتابي سلسلي جا ٽي شمارا **ناصر جمال پنهوَر** ايڊٽ ۽ مرتب ڪيا، جڏهن ته ان جي مئنٽرڪ ڪري وڃڻ کان پوءِ ٻين دوستن هن سلسلي کي هلايو ۽ ڪل 8 پرچا شايع ٿيا. پهرئين پرچي جو عنوان **'هو جمالو'** هو جنهن جي ٽائيٽل تي **ذوالفقار علي ڀُٽي** جي تصوير ڏنل هئي.

## 'پوپٽ پبليڪيشن' (خيرپور ميرس):

خيرپور ميرس مان **قربان منگي** 1977ع ڌاري **'پوپٽ پبليڪيشن'** جي نالي سان ٻارن جو هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جنهن جي ٻي ڪڙي **'مڪار مهمان'** جي نالي سان هئي. هن ڪتابي سلسلي ۾ پهرين ڪڙيءَ تي ڪو به عنوان ڏنل نه هو. ٽين ڪڙيءَ جو عنوان **'جيجل ماءُ'** هو. جڏهن ته چوٿين ڪڙي **'ڪل سنڌ ٻالڪ ميلي'** بابت خاص نمبر طور شايع ڪئي وئي. **اسحاق انصاري، عزيز گوپانگ، الطاف سومري، قربان منگي، اخلاق انصاري، ادل سومري** ۽ ٻين جون ڪهاڻيون ۽ نظم شايع ٿيل هئا. ان وقت ڪتابي سلسلي جي قيمت ڏيڍ روپيو هئي. هن ڪتابي سلسلي جون 5 يا 6 ڪڙيون منظرعام تي آيون.

19 فيبروري 1982ع تي پوپٽ رسالي پاران خيرپور ميرس ۾ ڪُل سنڌ ٻالڪ ميلو منعقد ڪيو ويو. ان ٻالڪ ميلي ۾ ٻارن جي علمي ادبي تنظيم **'سنڌ ٻالڪ سنگت'** جو بنياد وڌو ويو. بعد ۾ ٻارن جون علمي ادبي سرگرميون هن ئي تنظيم پاران شروع ڪيون ويون.

## ٻارن جي محفل (حيدرآباد):

ٻارن لاءِ هي علمي ادبي ڪتابي سلسلو 1978-1977ع ڌاري **سيد زوار نقوي** حيدرآباد مان جاري ڪيو. ڪرائون سائيز ۾ ڇپجندڙ هن ڪتابي سلسلي جا چار پرچا شايع ٿيا. انهيءَ سال هن ڪتابي سلسلي سان گڏ **'ٻارن جي محفل'** نالي هڪ تنظيم پڻ قائم ڪئي وئي، جنهن جو

آرگنائيزر ۽ باني پڻ **زوار نقوي** هو جڏهن تہ چيئرمين **روشن سندر چانڊيو** هو. هي ڪتابي سلسلو ٻارن ۾ بيحد مشهور ٿيو.

### ’ٻارڙا پبليڪيشن‘ (عمرڪوٽ):

**’ٻارڙا پبليڪيشن‘** نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو 1978ع ڌاري **عمرڪوٽ** مان جاري ٿيو هن ڪتابي سلسلي جو نگران **معمور يوسفاڻي** هو جڏهن تہ مرتب ۽ ساٿي **سيف الله خالد، رميش ڪمار ناشاد، فقير محبوب علي محبوب، موتي رام موتي ۽ شير ومل رانوڙ** هئا. هيءُ ڪتابي سلسلو نيوگرين پرنٽرس حيدرآباد مان شايع ٿيندو هو. سلسلي جي پهرئين پرچي جو عنوان **’گلڙن رنگ لاٿو‘** هو. هن سلسلي جا چار ڪتاب شايع ٿيا.

### ’رابيل پبليڪيشن‘ (لاڙڪاڻو):

لاڙڪاڻي مان نظام عباسيءَ 1978ع ۾ **’رابيل پبليڪيشن‘** جي نالي سان ڪتابي سلسلو شروع ڪيو. هن ڪتابي سلسلي جا ڇهہ- ست ڪتاب شايع ٿيا. ڪتابي سلسلي جي ڇهين ڪڙيءَ جو نالو ’لڙڪ ۽ مرڪ‘ هو. هي ڪتابي سلسلو پڻ ٻارن ۾ چڱو مشهور ٿيو.

### ’وطن دوست ٻار پبليڪيشن‘ (ڏوڪري):

ٻارن لاءِ هيءَ ترقي پسند ادبي، معلوماتي ڪتابي سلسلو ڏوڪريءَ مان 1979ع ۾ جاري ٿيو. هن سلسلي جا مرتب **امر سنڌي، مجيب پيرزادو ۽ جي ايم مغل** هئا. هي ڪتابي سلسلو انٽرنيشنل پريس ڪراچيءَ مان ڇپيو هو.

### ’گلشن پبليڪيشن‘ (دادلغاري- سڪر):

ٻارن لاءِ هي علمي ۽ معلوماتي ڪتابي سلسلو **داد لغاري، سڪر**

مان 1979ع ۾ جاري ٿيو. **عبدالرشيد سومرو** ۽ **الطاف سومرو** هن سلسلي جا مرتب هئا. هن سلسلي جا هڪ ٻه ڪتاب شايع ڪيا ويا. ٻي ڪڙيءَ جو نالو **'سچو دوست'** هو، جنهن ۾ **ابن لائق سومري** جي ڪهاڻي، **دادا سنڌيءَ** جو انٽرويو ۽ ٻيا نظم ۽ ڪهاڻيون شامل هئا. ٽين ڪڙيءَ جو عنوان **'سچ جا سرواڻ'** هو، جنهن ۾ **ادل سومري** جو انٽرويو ۽ ٻارن جي عالمي سال جي حوالي سان مضمون ۽ ڪهاڻيون شامل هئا.

## 'ٻارن جي محفل پبليڪيشن' (ٽنڊو باگو):

ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو 1979ع ۾ ٽنڊي باگي مان **شهزادي شنڪر لعل** شايع ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪو 48 صفحن تي ٻڌل هو. ٻن رنگن جي ٽائيٽل واري هن ڪتابي سلسلي جي قيمت 2 روپيا هئا. هن سلسلي جو پهريون ڪتاب **'مارڪيس ۽ لاچار'** جي عنوان سان شايع ڪيو ويو. جنهن ۾ **قربان جمالي، رزاق انصاري، اشوڪ ڪمار آزاد، وزير منگي، عالم جمالي، ڪاشف چانگ، محمد يعقوب خاصخيلي ۽ محبوب ٽالپر** جون لکڻيون ڏنيون ويون هيون.

## 'فخر ادب پبليڪيشن' (نواب شاهه):

ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو 1980ع ۾ نواب شاهه مان **قمر ميمڻ** شروع ڪيو جيڪو 24 صفحن تي ٻڌل هوندو هو. قمر ميمڻ سان گڏ ٽيم ۾ **صلاح الدين خشڪ، غلام حيدر شيخ، مشتاق علي لاشاري، احمد خان جمالي، محمد صالح، وزير احمد ۽ عبدالستار عمراڻي** شامل هئا. هن ڪتابي سلسلي ۾ نظم، ڪهاڻيون، مضمون، پهاڪا، لطيفا ۽ ٻيو مواد شامل هوندو هو. هن سلسلي جو ٻيو ڪتاب **'سوپ'** جي نالي سان شايع ڪيو ويو.

**’روشن تارا پبليڪيشن‘ (متياري):**

ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو 1980ع ۾ متياريءَ مان **اعجاز حسين هاشماڻي ميمڻ** شروع ڪيو. جيڪو 48 صفحن تي ٻڌل هوندو هو. هن ڪتابي سلسلي جي اڪثر ڪتابن جي قيمت اڍائي روپيا هوندي هئي، جن ۾ نظم، ڪهاڻيون، مضمون، پهاڪا، لطيفا ۽ ٻيو مواد شامل هوندو هو. هن سلسلي جو پهريون ڪتاب **’اميدن جو آشيانو‘** شايع ڪيو ويو.

**’روشن تارا پبليڪيشن‘ (هالا پراڻا):**

ٻارن جو هي علمي ادبي ڪتابي سلسلو **روشن تارا پبليڪيشن** هالا پراڻا مان 1980ع ۾ جاري ڪيو ويو جيڪو 78 صفحن تي ٻڌل هو ۽ ان جي قيمت 3 روپيا هئي، جڏهن تہ مرتب جو نالو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

**’وِڪَ وڌايو پبليڪيشن‘ (هالا):**

ٻارن لاءِ هي علمي ادبي ڪتابي سلسلو **عرفان مهدي** 1980ع ۾ هالا مان شروع ڪيو. جيڪو 48 صفحن تي ٻڌل هو. ڪتاب گهرائڻ لاءِ ٻن روپين جون پوسٽ جون ٽڪليون موڪليون وينديون هيون. هن پبليڪيشن ٻاران **’چورن مٿان مور‘، ’ٻوندون بس نہ ڪن‘، ’ميلاپ‘، ’ورهين جا وڇوڙا‘** ۽ ٻيا ڪتاب شايع ڪيا ويا. هن ڪتابي سلسلي جو مرتب **عرفان مهدي** هو. جڏهن تہ مددگارن ۽ صلاحڪارن ۾ **غلام قادر ارباب** ۽ **پرويز احمد شيخ** شامل هئا. ڪتابي سلسلي ۾ ڪهاڻيون، مضمون، شعر، لطيفا ۽ ٻيو مواد شامل هو.

**’سڳنڌ پبليڪيشن‘ (حيدرآباد):**

هن نالي سان **فضل قادر ميمڻ** حيدرآباد جي صحافي ڪالونيءَ مان مئي 1980ع ۾ ٻارن لاءِ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو. هن ڪتابي

سلسلي ۾ **فضل قادر ميمڻ** سان گڏ **آفتاب احمد ميمڻ** ۽ **افتخار احمد ميمڻ** پڻ ست ۾ شامل هوندا هئا. هن ڪتابي سلسلي جو پهريون پرچو ڪرائون سائيز ۾، جڏهن تہ باقي ٻيا پرچا ڊيمي سائيز ۾ شايع ڪيا ويا.

### 'فيروز پبليڪيشن'(هالا):

ٻارن لاءِ هي ڪتابي سلسلو هالا مان 1980ع ۾ شروع ڪيو ويو جنهن طرفان **'موتيءَ داڻا'**، **'ميرو تن اجرو من'** ۽ ٻيا ڪتابڙا شايع ڪيا ويندا هئا. هن ڪتابي سلسلي جو مرتب **عبدالقيوم ميمڻ** هو. جڏهن تہ **مفتون احمد شيخ** ۽ **سجاد حسين شيخ** سندس ٻانهن ٻيلي هئا. 48 صفحن تي ٻڌل هن ڪتابي سلسلي جي قيمت 2 روپيا هوندي هئي.

### لالي پبليڪيشن(حيدرآباد):

1980ع ۾ حيدرآباد مان **آغا قيوم** ٻارن لاءِ هڪ علمي ادبي ڪتابي سلسلو **'لالي پبليڪيشن'** جي نالي سان شروع ڪيو جيڪو ان وقت ٻارڙن ۾ بيحد مقبول ٿيو. هن ڪتابي سلسلي جو سرواڻ **آغا قيوم** هو. جڏهن تہ **محمد علي ٻيڙائي**، **نثار دائودپوٽو**، **قربان منگي**، **بخشڻ مهراڻوي** ۽ ٻيا ست ۾ شامل هئا.ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيو. هن سلسلي جا ڪرائون سائيز ۾ 20 کان وڌيڪ شمارا شايع ٿيا. 1981ع ۾ هن رسالي جي سهاري هيٺ ٻارن جي هڪ تنظيم **'لالي چلڊرينس ڪلب'** پڻ قائم ٿي، جنهن کي **'لالي ٻارڙا سنگت'** پڻ چيو ويندو هو.

### 'سنياسي پبليڪيشن'(هالا):

هن نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو 1981ع ۾ **خالد ظفر** نالي هڪ نوجوان هالا مان شروع ڪيو جنهن ٻاران **'ڦر ڦر سونٽو'** ۽ ٻين نالن سان مختلف ڪتابڙا شايع ڪيا ويا. وڌيڪ تفصيل معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

**’ڪتاب پبليڪيشن‘ (حيدرآباد):**

جنوري 1981ع جي **گل ڦل** رسالي ۾ ڇپيل اشتهار موجب حيدرآباد مان ٻاراڻن ڪتابن جو هڪ سلسلو **’ڪتاب پبليڪيشن‘** جي نالي سان شروع ڪيو ويو هو جنهن جو پهريون ڪتاب **’هڪ وحشي چوڪر جي آتم ڪهاڻي‘** جي عنوان سان هو. هي ڪتابي سلسلو رنگين ۽ باتصوير هو جنهن جي قيمت هڪ روپيو هئي. **خرم نيوز ايجنسي** هن ڪتابي سلسلي ناشر هئي.

**’گل ڦل ادبي سنگت پبليڪيشن‘ (هالا):**

**’گل ڦل ادبي سنگت پبليڪيشن‘** هالا هڪ ڪتابي سلسلي جو نالو آهي، جيڪو 1981ع ڌاري هالا مان شروع ڪيو ويو. هن ڪتابي سلسلي جو مرتب **امتياز ابڙو** ۽ بانهن ٻيلي **پير فضل حسين، وزير رونجهاڻي، مصري انڙ الهوسايو سمون** ۽ **محمد شفيق متقي** هئا. هن ڪتابي سلسلي پاران 32 صفحن جا ڪتابڙا شايع ڪيا ويندا هئا، جن ۾ **’پريءَ جو پاڇولو‘، ’ڪومل جذبا‘** ۽ ٻيا ڪتاب شامل هئا.

**’نصرت پبليڪيشن‘ (تلهار):**

**نصرت پبليڪيشن تلهار** 1981ع ڌاري ٻارن جا مختلف ڪتابڙا شايع ڪرڻ شروع ڪيا، جنهن جو مرتب **قربان جمالي** هو. ڪتابن جي قيمت 3 روپيا هوندي هئي، جن ۾ ڪهاڻيون، شاعري، لطيفا ۽ انعامي مقابلا شامل هوندا هئا. هن ڪتابي سلسلي پاران **’سچائيءَ جي سرهاڻ‘** ۽ ٻين عنوانن سان ڪتاب شايع ڪيا ويندا هئا.

**’صداءِ وطن پبليڪيشن‘ (هالا):**

هن نالي سان هالا نوان مان 1981ع ۾ **عبدالڪريم ميمڻ** ڪتابي سلسلو شروع ڪيو، جتان ڪافي ڪتاب شايع ڪرايا ويا. پهرئين

ڪتاب جو عنوان **'پيچ پتائي'** ٻئي ڪتاب جو عنوان **'پتنگن پٺ ڪيو'** جڏهن ته ٽئين ڪتاب جو نالو **'سوري سڌ ٿيو'** هو. هي دراصل، **سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت** جي سهاري هيٺ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو ويو هو. پهرئين شماري ۾ **سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت** جو پڌرنامو ۽ منشور به ڏنل هو. ڪتابي سلسلي جي هنن ڪڙين جا مکيه ليکڪ **ذوالفقار شيخ، ڪوثر ٻرڙو، ظفر عباسي، عاشق هالائي، آفتاب نثار** ۽ ٻيا هئا.

## **'چانڊوڪي پبليڪيشن' (مٽياري):**

ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو 1982ع ۾ **احمد علي سمي** مٽياريءَ مان شروع ڪيو. هن ڪتابي سلسلي پاران **'تنهنجي تات طلب'** ۽ ٻين عنوانن سان ٻارن جا ڪتابڙا شايع ڪيا ويندا هئا.

## **'پريم پبليڪيشن' (ڪنڊڪوٽ):**

ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو 1982ع ۾ ڪنڊڪوٽ مان **مختيار ناز** شروع ڪيو جنهن پاران **'هيڏا هاچا ٿين'** ۽ ٻيا ڪتابڙا شايع ڪيا ويا.

## **'موتيءَ داڻا پبليڪيشن' (ڪپرو):**

ٻارن لاءِ هي علمي ادبي ڪتابي سلسلو 1982ع ۾ **امام بخش ٻيوس مگريي** ڪپري مان شروع ڪيو. هن ڪتابي سلسلي پاران **'انمول موتي'** ۽ ٻين عنوانن هيٺ ڪتابڙا شايع ڪرايا ويا.

## **'چنڊ تارا پبليڪيشن' (ميرپور ماٿيلو):**

ميرپور ماٿيلي مان 1983ع جي ڊسمبر مهيني ۾ **لطيف ادبي اڪيڊمي** پاران **'چنڊ تارا'** جي عنوان هيٺ ٻارن جو هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو ويو. وڌيڪ تفصيل معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

**’مهراڻ پبليڪيشن‘(حيدرآباد):**

1988ع ڌاري حيدرآباد ۾ ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌ ويجهہ لاءِ هڪ ڪتابي سلسلي **’مهراڻ پبليڪيشن حيدرآباد‘** جو بنياد وڌو ويو. هن اشاعتي اداري جو سرپرست نوجوان ليکڪ ۽ شاعر **الطاف ملڪاڻي** هو جڏهن تہ **ذوالفقار پيٽي** ۽ **مير جمالي** باني ميمبر هئا. بعد ۾ **خرم عباس کوکر** ۽ **عمران لغاري** بہ سٽ ۾ شامل ٿيا. هن اشاعتي اداري ٻاران ٻارن لاءِ هيٺيان ڪتاب شايع ڪيا ويا.

- **وسڪارو** هن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون شامل هيون ۽ مير جمالي هن ڪتاب جو مرتب هو.
- **سوري سزاوار:** هن ڪتاب ۾ **صوفي شاهہ عنايت شهيد** جي زندگيءَ تي سوال جواب شامل ڪيا ويا هئا. ڪتاب جو مرتب **الطاف ملڪاڻي** هو.
- **سوري سڏ ڪري:** هن ڪتاب جو ليکڪ **آزاد سمون** ۽ سهيڙيندڙ **الطاف ملڪاڻي** هو. هن ڪتاب ۾ ٻارڙن جي تنظيم **’لطيف سنگت‘** جي ميمبرن ڏانهن نظرياتي مواد تي ٻڌل خط شامل هئا.
- **لڳ جنين جا لوهہ:** هي ٻارڙن لاءِ تاريخي ناول هو جنهن جو ليکڪ **خرم عباس کوکر** هو.
- **پلئہ پايو سچ:** لطيف سنگت جي ڪارڪنن جي نظرياتي تربيت لاءِ سياسي سوالن جوابن تي ٻڌل هيءَ ڪتابڙو **الطاف ملڪاڻي** سهيڙيو.

**خوفناڪ سازش:** هيءَ ٻارڙن لاءِ جاسوسي ناول هو جنهن جو ليکڪ **ذوالفقار پيٽي** هو.

**’پريات پبليڪيشن‘(حيدرآباد):**

هن نالي سان ٻارن هڪ ڪتابي سلسلو حيدرآباد مان 1988.89 ۾ جاري ٿيو رسالي جا جاري ڪندڙ **نصير سارنگ، مير جمالي** ۽ **عبدالجبار گهنجو** هئا. هن رسالي جا پنج ڇهہ پرچا جاري ٿيا ۽ بعد ۾ بند ٿي ويو.

**’لطيف پبليڪيشن‘(حيدرآباد):**

ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم **’لطيف سنگت‘** جي سهاري هيٺ ٻارڙن جو ڪتابي سلسلو **’لطيف پبليڪيشن‘**، حيدرآباد مان 1989ع ڌاري جاري ٿيو. هن ڪتابي سلسلي جو ايڊيٽر **اظهار سومرو** هو. رسالي ۾ ٻارڙن لاءِ علمي، ادبي ۽ تنظيمي مواد شامل هوندو.

**’چانڊوڪي پبليڪيشن‘ (نوشهروفيروز):**

**’چانڊوڪي پبليڪيشن‘** جي نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو **منظور جوکيي**، مئي 1990ع ۾، ڪنڊياري، ضلعي نوشهري فيروز مان جاري ڪيو. هن ڪتابي سلسلي جو سرپرست **منظور جوکيو** ۽ سهيڙيندڙ **فوزيه جوکيو** هئا. ڪتابي سلسلي ۾ ڪهاڻيون، شاعري، معلوماتي مضمون ۽ ٻارن لاءِ ٻيا وندرائيندڙ سلسلا هئا. هن سلسلي جا ٻه پرچا شايع ٿي سگهيا.

**’ٻارن جي دنيا‘ سيريز (ڏيپلو):**

ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو ڏيپلي مان 1995ع ڌاري **محمد عثمان عطا** شروع ڪيو. هن ڪتابي سلسلي پاران **’بهارِ چمن‘** ۽ ٻيا ڪتابڙا شايع ڪيا ويا.

**’روشن تارا پبليڪيشن‘ (هالا):**

هن نالي سان **خالد مهر** هالا پراڻا مان ڪتابي سلسلو جاري ڪيو. اشاعت جو سال ۽ وڌيڪ معلومات نه ملي سگهي آهي.

**’سنڌي ٻالڪ پبليڪيشن‘(ميهڙ):**

هن نالي سان ميهڙ مان **اڪبر عباسي** هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جنهن پاران ٽي چار ڪتاب شايع ڪيا ويا.

**’مڪتبي ڪتابي سلسلو‘ (بدين):**

ٻارن لاءِ هيءَ علمي ادبي ۽ معلوماتي ڪتابي سلسلو بدين مان شروع ٿيو **حڪيم محمد عثمان** سرپرست ۽ **محمد سومار شيخ** مرتب هئا. بدين پريس مان هيءَ ڪتاب سلسلو شايع ٿيندو. هن اداري ٻاران ٻارن جا ڪيترائي ڪتابڙا شايع ڪيا ويا.

**’لاٽ پبليڪيشن‘ (لاڙڪاڻو):**

لاڙڪاڻي مان **مرتضيٰ شيخ** ’لاٽ‘ پبليڪيشن نالي هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جنهن جا هڪ ٻه پرچا شايع ٿيا.

**’گونج پبليڪيشن‘ (حيدرآباد):**

ٻارن لاءِ هي ڪتابي سلسلو اداره **هلچل** ٻاران حيدرآباد مان جاري ڪيو ويو **نذر حسين بلوچ** ۽ **عابد بلوچ** هن سلسلي جا مرتب هئا. هيءَ سلسلو زينت پريس حيدرآباد مان ڇپيو هو. هن پبليڪيشن جا ٻه ٽي ڪتاب شايع ٿيا ۽ پوءِ هي سلسلو بند ٿي ويو.

**’جوت پبليڪيشن‘ (خيرپور ميرس):**

خيرپور ميرس مان **مختيار ملڪ** **’جوت‘** پبليڪيشن نالي هڪ ڪتابي سلسلو 80 واري ڏهاڪي ۾ خيرپور ميرس مان شروع ڪيو. جنهن ٻاران هڪ ڪتاب شايع ڪيو ويو. بعد ۾ حيدرآباد مان **غفران عاقلاڻي** ۽ سندس دوستن جي تعاون سان ٻيهر هن سلسلي کي شروع ڪيو ويو. جتان ٻن ڪتابن شايع ٿيڻ کان پوءِ هي ڪتابي سلسلو بند ٿي ويو.

# ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ شايع ٿيل ٻارن جا رسالا

[2012ع ـ 1948ع]

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هندو ليکڪن، اديبن ۽ شاعرن، هندستان ۾ پاڻ کي سماجي ۽ معاشي طور پاٽيرو ڪرڻ سان گڏ، سنڌي ڳالهائيندڙن جي علمي ۽ ادبي اوسر لاءِ پڻ وسان نہ گهٽايو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ٻوليءَ جو ٻاراڻو ادب جيترو وسيع ۽ شاندار پسمنظر رکندڙ سنڌ ۾ آهي، اوترو ئي هندستان ۾ پڻ آهي، بلڪ ڪن ڳالهين ۾ هندستان ۾ شايع ٿيل يا شايع ٿيندڙ سنڌي ٻاراڻو ادب، سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ ٻاراڻي ادب کان گهڻو بهتر آهي. هندستان جي ڪيترن ئي شهرن مان نہ رڳو ٻارن جا ماهوار، ٻہ ماهي، ٽہ ماهي ۽ سلسليوار رسالا جاري ٿيا، پر سنڌي اخبارن پڻ ٻارن جا صفحا شايع ڪيا ۽ اديبن ۽ شاعرن پنهنجو قلم ٻارن لاءِ پڻ ارپيو.

هندستان ۾ دراصل سنڌيءَ ۾ ٻارن جي رسالن جي اشاعت جو سلسلو 1948ع کان ئي شروع ٿي چڪو هو جڏهن دادا **شيوڪ پوڄراج**، جنهن سنڌ ۾ **'ٻالڪن جي ٻاري'** تنظيم ۽ ماهوار **'گلستان'** ذريعي وڏو علمي ادبي انقلاب آندو هو تنهن ورهاڱي کان سُتت ئي پوءِ 1948ع ۾ ئي ممبئيءَ مان سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ماهوار رسالو **'گلستان'** شايع ڪرڻ شروع

ڪيو. هي رسالو 1953ع تائين مسلسل ممبئيءَ مان شايع ٿيندو رهيو ۽ پوءِ ڪن سببن جي ڪري بند ٿي ويو. هن رسالي هندستان ۾ سنڌي ٻارن لاءِ علم ادب جو بنياد وڌو.

ماهوار **’گلستان‘** کان پوءِ جيتوڻيڪ هندستان جي ٻين شهرن مان ماهوار **’وير ٻالڪ‘** اجمير 1949ع، ماهوار **ڦولستان** اجمير، ماهوار **’چندا ماما‘** مدراس 1952ع، ماهوار **’تارزن‘** ممبئي 1952ع، ماهوار **’گلڪاري‘** اجمير 1952ع، ماهوار **’ڦلواڙي‘** اجمير 1953ع، ماهوار **’جوت‘** ممبئي 1953ع، ماهوار **’گلدستا‘** گانڌي ڌام 1955ع، ماهوار **’پشپ‘** ممبئي 1958ع، ماهوار **’گلڙا‘** الهاس نگر 1963ع جاري ٿيا، پر سال 1966ع ڌاري ٻارن جي ٻن رسالن ماهوار **’گل ڦل‘** ممبئي 1966ع، ماهوار **’گلستان‘** احمد آباد 1966ع کي وڏي اهميت حاصل آهي. هندستان ۾ ٻارن جي ادب تي پي ايڇ. ڊي ڪندڙ اسڪالر ۽ اديب **هوندراج بلواڻي**، احمد آباد مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي ماهوار **’گلستان‘** پهرئين پرچي جي ايڊيٽوريل جو ٽڪرو هيٺينءَ ريت ڏنو آهي:

”سنڌي ساهتيڪار ۽ ساهتيه پريمي ان کان ڪڏهن به انڪاري ٿي نه سگهندا ته اڄ ڀارت ۾ سنڌي ٻال ساهتيه نه جهڙو نڪري ٿي، جڏهن ته ٻين ٻولين جي هر روزاني اخبار جي هفتيوار پرچي ۾ ٻارن لاءِ خاص ڪالم ته ايندا رهن ٿا، تنهن کان سواءِ خاص ٻارن جا هفتيوار، ماهوار رسالا ۽ خاص ساليانا انڪ پڻ نڪرندا رهن ٿا. جن جي ڇپائي، رچنائون ٻارن جي دل وڻان هونديون آهن، پر ڀارت ۾ سنڌي ٻارن لاءِ ان ڏس ۾ ڇا ٿو نڪري؟ جيتري قدر ڄاڻ اٿئون ته اجمير کان نڪرندڙ ماهوار رسالو ’ڦلواڙي‘ ۽ بمبئيءَ مان نڪرندڙ ’هندو واسي‘ ۾ ٻارن جي ڦلواڙي جو هڪ وڏو پيج، بس! چئجي ڪٽي ته اهي ٻال ساهتيه جي پورائي ۾ اوائلي

> ڪوششون آهن ۽ انهن ڪوششن ۾ هي **’گلستان‘** احمدآباد جي سنڌي ٻارن طرفان ساري ڀارت جي سنڌي ٻارن وٽ پهچڻ لاءِ باتصوير ماهوار رسالي جي روپ ۾ هڪ وڏي ڪوشش آهي. جا ڪوشش اُميد تہ اوهان جو ساٿ ۽ پيار پائي پنهنجي اڳيان رکيل مقصد ۾ ضرور ڪامياب ٿيندي.“[13]

مٿئين پئراگراف مان صاف ظاهر آهي تہ هندستان جي سنڌي اديبن، خاص ڪري **هوندراج بلواڻي، ڄيٺي لعلواڻي، هيري ٺڪر** ۽ ٻين کي سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي کوٽ ۽ ان جي پورائي لاءِ ڪيتري نہ اون هوندي هئي. **’گلستان‘ رسالي** سان گڏ ممبئيءَ مان ساڳئي سال شايع ٿيندڙ رسالي **’گل ڦل‘** جو پڻ ان ڏس ۾ وڏو ڪردار آهي. **ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي** پنهنجي ڪتاب **’سنڌي ٻال ساهتيہ‘** ۾ هن رسالي جي جنوري 1967ع واري پرچي ۾ **’ٻہ اکر‘** نالي سان ايڊيٽوريل جو ٽڪرو هيٺينءَ ريت ڏنو آهي، جنهن ۾ ٻاراڻي ادب جي اهميت ۽ ضرورت بابت ۽ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش مسئلن ۽ خطرن بابت نشاندهي ٿيل آهي:

> ”ٻال ساهتيہ جي سنڌيءَ ۾ سخت ضرورت آهي ۽ خاص ڪري جڏهن سرڪار سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪري وڏان جي ائين شيڊول ۾ آڻي رهي آهي. ٻارن لاءِ ٻال ساهتيہ نہ هوندو تہ هو ٻين ٻولين کي اپنائيندا ۽ ائين سنڌي ٻولي ساهتيہ ۽ سنڌي سنسڪرتي تباهہ ٿي ويندو اچو تہ اسان پنهنجي ماترڀاشا کي بچايون ۽ زندهہ رکون.“[14]

هي انتهائي اهم ڳالهہ آهي، جنهن کي تاريخ جو حصو ان ڪري بہ ٻڌائجي ٿو تہ هندستان جي سنڌي اديبن کي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ جي

---

[13] بلواڻي، ڊاڪٽر هوندراج، سنڌي ٻال ساهتيہ، ڇاپو ٻيو 2007ع سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد

[14] بلواڻي، ڊاڪٽر هوندراج، سنڌي ٻال ساهتيہ، ڇاپو ٻيو 2007ع سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد

نہ رڳو ڳڻتي هئي، پر ڪين اهو ادراڪ هو تہ ٻوليءَ جي بچاءُ جو آخري مورچو بہ ٻاراڻو ادب آهي. ٻارن جو ادب پروان نہ چڙهندو تہ ايندڙ نسل پنهنجي ٻولي، علم، ادب، تهذيب ۽ ثقافت سان ڪيئن سلهاڙبو.

بعد ۾ هندستان مان ٻارن جا جيڪي ٻيا رسالا شايع ٿيا، تن ۾ تہ ماهي **’مکڙيون‘** نيو دهلي 1966ع، ماهوار **’گلشن‘** احمد آباد 1968ع، ماهوار **’ديشي وديشي لوڪ ڪٿائون‘** احمد آباد 1969ع، ماهوار **’جهرمر‘** احمد آباد 1969ع، ماهوار **’گلابي گلڙا‘** الهاس نگر 1970ع، ماهوار **’ٻبلو‘** احمد آباد 1971ع، ماهوار **’ٻارڙا‘** احمد آباد 1977ع، ماهوار **’چانڊوڪي‘** آگرا 1985ع، ماهوار **’ٻال منچ‘** احمد آباد 1986ع، تہ ماهي **’گلدستو‘** الهاس نگر 1986ع، تہ ماهي **’باغ بهار‘** گانڌي نگر گجرات 2008ع، ماهوار **’پوپٽڙا‘** نيو دهلي 2012ع ۽ ٻيا شامل آهن.

هنن رسالن ۾ رسالو **’ديشي وديشي لوڪ ڪٿائون‘** وڏي اميد ۽ ان مقصد هيٺ شايع ڪيو ويو هو جنهن تحت سنڌي ٻارن ۽ نوجوانن کي ٻين ٻولين جو آکاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پيش ڪيون وينديون هيون. رسالي جي ايڊيٽر **چئنلعل آهوجا** پهرئين پرچي ۾، رسالو ڪيڻ جو مقصد ٻڌائيندي ٻالڪن کي مخاطب ٿي لکيو:

> ”سنڌ ۾ ايسپ جون آکاڻيون پڙهيون هئم - جي لوڪ ڪٿائون چئجن يا لوڪ ڪٿائن جي آڌار تي رچيل ڪهاڻيون! هندستان ۾ ’عربستان جون آکاڻيون‘، ’جاتڪ ڪٿائون‘، ’پنچتنتر‘ ۽ گجراتي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪهاڻيون پڙهڻ ڪري شوق پيدا ٿيو تہ دنيا جي ٻين ملڪن ۽ هندستان جي ٻين ٻولين جي ڪهاڻين جو مزو سنڌي نوجوانن ونائجي، اُن شوق کي هڪ ماهوار رسالي جي روپ ۾ ساڪار ڏسندي مون سان گڏ اوهان کي بہ آنند ايندو.“[15]

[15] ٻلواڻي، ڊاڪٽر هوندراج، سنڌي ٻال ساهت، ڇاپو ٻيو 2007ع، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد

هنن رسالن مان گهڻا رسالا ممبئي، **اجمير، احمد آباد ۽ الهاس نگر** مان شايع ٿيا آهن. جيڪي رسالا ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيا. تن ۾ ماهوار **'گلستان'**، ماهوار **'ڦلواڙي'**، ماهوار **'گل ڦل'**، ماهوار **'جهرمر'**، ماهوار **'گلابي گلڙا'**، ماهوار **'ببلو'**، ۽ ماهي **'ٻال منچ'**، ۽ ماهي **'گلدستو'** ۽ ٻيا شامل آهن. هتي هندستان ۾ شايع ٿيل سمورن رسالن جو تفصيل ڏجي ٿو.

## ماهوار 'گلستان' (ممبئي):

جيئن ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ **دادا شيوڪ پوڄراج** واري ٻارن جي مشهور رسالي **'گلستان'**، سنڌي ٻارن ۾ علمي ۽ ادبي سجاڳيءَ جو وڏو ڪم ڪيو هو. ان ڪري ان ڪم کي جاري رکڻ لاءِ ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ ساڳئي نالي يعني ماهوار **'گلستان'** نئين سر ممبئيءَ مان 1948ع ۾ شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. رسالي جا ايڊيٽر **سيتا سامتاڻي ۽ تيرٿ سياڻي** هئا. جڏهن ته جوائنٽ ايڊيٽر **پيتامبرداس سهجرام** هو. هندستان ۾ اچي هن رسالي سنڌ وارو ساڳيو آب تاب ۽ معيار رکڻ جي ڪوشش ڪئي. ضرورت موجب ان ۾ ڪي صفحا ديونا گري لپيءَ ۾ به ڏيڻ شروع ڪيا ويا. هي رسالو ساندهه پنجن سالن تائين شايع ٿيندو رهيو. بعد ۾ ڪن مشڪلاتن جي ڪري **'گلستان'** رسالي کي 1953 ۾ بند ڪيو ويو. هن رسالي ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب ۾ پيدا ٿيل خال کي پُريو ۽ سنڌي ٻارڙن جي علمي ادبي آبياري ڪئي.

## ماهوار 'وير ٻالڪ' (اجمير):

هي ماهوار رسالو **'وير ٻالڪ' اجمير، هندستان** مان **پارومل ڪيولراماڻي** اپريل 1949ع ۾ شايع ڪرڻ شروع ڪيو. ڪرائون سائيز جي اٽڪل چاليهن صفحن تي ٻڌل هن رسالي ۾ ٻارن جي لاءِ آکاڻين، گيتن،

لطيفن ۽ معلوماتي مضمونن سان گڏ **’دماغي آڏ اکر ڳجهارت‘** جهڙا انعامي سلسلا پڻ شامل ڪيا ويا هئا. سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ ڪتابي سلسلن جي طرز تي هن رسالي جي پڻ هر پرچي کي ڪتاب جو روپ ڏيئي، ڌار نالو پڻ ڏنو ويندو هو جيئن تہ **’چالاڪ پنڊت‘**، **’ٻالڪ ڌرو‘** وغيره. هي رسالو ڪافي وقت شايع ٿيندو رهيو ۽ بعد ۾ پاڻمرادو بند ٿي ويو.

### ماهوار ’ڦولستان‘ (اجمير):

ماهوار **’ڦولستان‘** جي نالي سان هي رسالو **’ٻارت جيون ساهتيہ منڊل‘** طرفان **چيتانند لعلواڻيءَ**، سال 1948ع ۾ اجمير مان شروع ڪيو. هن رسالي ۾ ٻارن جي وندر لاءِ آکاڻيون، شاعري ۽ انعامي مقابلا وغيره ڏنا ويندا هئا. هي رسالو 1953ع ڌاري بند ٿي ويو. هندستان جي سنڌي ٻاراڻن رسالن ۾ هن رسالي جو وڏو ڪم ۽ ڪردار آهي.

### ماهوار ’چندا ماما‘ (مدراس):

هندستان مان **’چندا ماما‘** جي نالي نڪرندڙ ٻارن جو رسالو تمام گهڻو مشهور آهي، جيڪو هندستان جي ڪيترين ٻولين جهڙوڪ: **سنڌي، هندي، ڪانڊا، سنسڪرت، سنهالا، مليالم، پنجابي، گجراتي، مرائي، تامل، تيلگو ۽ انگريزي** وغيره ۾ اجا تائين ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ شايع ٿي رهيو آهي. پهريون ڀيرو هي رسالو تليگو ٻوليءَ ۾ مشهور فلم اسٽار ۽ اديب **الوري چاڪراپاڻي** پاران جولاءِ 1947ع ۾ شروع ڪيو ويو جنهن جو ايڊيٽر **بي ناگي ريڊي** هو.

1952ع ۾ هي رسالو سنڌيءَ (ديوناگري لپي) ۾ مدراس مان شروع ڪيو ويو هو. ٻين ٻولين جيان سنڌيءَ ۾ بہ تاريخي ۽ نصيحت آميز آکاڻيون، رنگين تصويرن سان ڏنيون وينديون هيون. ڇپائي بيحد وڻندڙ ۽ دلڪش هوندي هئي. بعد ۾ ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ کي گهٽ

پڙهندڙ ملڻ جي ڪري وڪرو تمام گهٽ ٿيڻ لڳو ۽ هي رسالو گهڻو وقت نہ هلي سگهيو ۽ 1953ع ۾ بند ڪيو ويو.

### ماهوار 'تارزن' (ممبئي):

ٻارڙن جو هي علمي ادبي رسالو **'تارزن'** 1952ع ۾ **اشوڪ ڪشوراڻي** ممبئيءَ مان شروع ڪيو. هن رسالي ۾ تارزن جي بهادريءَ جون ڪهاڻيون شايع ڪيون وينديون هيون. ٻار اهو رسالو چاهہ سان پڙهندا هئا، پر ڪن مشڪلاتن سبب هي رسالو گهڻو وقت شايع نہ ٿي سگهيو ۽ 1953ع ۾ بند ڪيو ويو.

### ماهوار 'گلڪاري' (اجمير):

ٻارن جو هي ماهوار رسالو **'گُلڪاري'** اجمير مان 1952ع ۾ شروع ڪيو ويو. رسالي جي ايڊيٽر **پُشپاراڻي بيدي** هئي. رسالي ۾ ٻارن جي ڏانوَ جون ڪهاڻيون، گيت، پروليون ۽ ٻيون رچنائون شايع ڪيون وينديون هيون. هن رسالي ۾ ٻارن کي بااخلاق، باصلاحيت ۽ وطن سان محبت ڪندڙ بڻائڻ لاءِ تحريرون شايع ڪرڻ طرف گهڻو ڌيان ڏنو ويندو هو. رسالي طرفان **'قومي ٻاري'** پڻ هلائي ويندي هئي، جنهن جو روح روان **ايس سنگهہ بيدي** هو. ڪرائون سائيز ۾ تصويرن سان نڪرندڙ هي رسالو اٽڪل ٻہ سال هلي 1954ع ڌاري بند ٿي ويو.

### ماهوار 'ڦلواڙي' (اجمير):

اجمير مان 1953ع ۾ ٻارن جو هي ادبي رسالو **'ڦلواڙي'** ماهوار بنيادن تي ديوناگري لپيءَ ۾ شروع ڪيو ويو. ان وقت هن رسالي جو ساليانو چندو صرف هڪ رپيو هو. رسالي جا ايڊيٽر **ڀائو پريداس برهمچاري** ۽ **ديپچندر تلوڪچند ٻيلاڻي** هئا. هي رسالو ڪجهہ وقت تائين **'راجستان راجيہ ٻالڪن جي ٻاريءَ'** طرفان نڪرندو رهيو. اُن وقت

اجمير ۾ ٻارن جون ڇهه ٻاريون هلندڙ هيون، جنهن ڪري رسالي جي وڪري توڙي مواد حاصل ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿيندو هئي. اڳتي هلي عربي سنڌي لپيءَ ۾ ٻه، الڳ مواد سان هي رسالو شروع ڪيو ويو. هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هي واحد ٻارن رسالو آهي، جيڪو سالن کان ٻنهي لپين ۾، الڳ الڳ مواد سان شايع ٿي رهيو آهي. ڪافي تڪليفون سهندي به هن رسالي جا باني ڪار ان کي باقاعدي ڪيڊندا پيا اچن. **پائو پرپداس برهمچاريءَ** جي گذاري وڃڻ کان پوءِ **ديپچندر بيلاڻي** هن رسالي جي سموري جوابداري سنڀاليندو رهيو آهي. هن وقت اهو رسالو **شري رامڪرشن ڏرمارٿ ٽرسٽ** طرفان نڪري ٿو. 1981ع کان وٺي ديپچندر بيلاڻيءَ سان گڏ **هوندراج بلواڻي** پڻ ايڊيٽريءَ جي جوابداري نباهي رهيو آهي.

**ماهوار 'جوت' (ممبئي):**

بمبئيءَ جي ٻن اسڪولن (**سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۽ گرلس ماڊل هاءِ اسڪول**) ۽ ڪلياڻ – اُلهاس نگر جي ٻن اسڪولن (**سنڌ نئشنل هاءِ اسڪول ۽ جئه هند اڪيڊمي**) جي گڏيل ٽرسٽ طرفان 1953ع ۾ 'جوت' نالي سنڌيءَ ۾ ٻارن جو رسالو جاري ڪيو ويو. رسالي جو ايڊيٽر **جڳتراءِ مولچنداڻي** هو. هي رسالو ڪيترن سالن تائين ٻارن جي ڏانوَ جون تحريرون پيش ڪندو رهيو. ڪرائون سائيز جو هي رسالو **ٻٽيهن** (32) صفحن تي ٻڌل هو. آگسٽ 1972ع جي پرچي ۾ جيڪي تحريرون شامل هيون، تن ۾: **'نڊر نينگر ـ شهيد چندر شيکر آزاد'** (الکميچند روپچنداڻي)، **'گلاب چمون'** (ڪنعيا لال 'ڪان')، **'جهرڪي ويئي ترڪي'** (هوندراج بلواڻي)، **'ٻڌرام'** (ڪمل پياسي)، **'ته ڇا اخبار ڇا ڇاپيندي؟'** (روچو خوابي) وغيره شامل هيون. هي رسالو مٿي ڄاڻايل ڇئن اسڪولن جي شاگردن تائين محدود رهيو ۽ پيا ٻار ان جو لاڀ نه وٺي سگهيا. سال 1954ع ۾ هي رسالو بند ڪيو ويو.

**ماهوار 'گلدستا' (گانڌيڌام):**

ٻارن لاءِ هي رسالو **'لوڪ ساهتيا پرڪاشن'** پاران آڪٽوبر 1955ع تي گانڌيڌام مان شروع ڪيو ويو. بنيادي طور هي رسالو هندي ۽ سنڌي (ديوناگري) ۾ هو. پر ان ۾ گجراتي ۽ ڪڇي ٻوليءَ ۾ به مواد ڏنو ويندو هو. رسالي جا ايڊيٽر **ڪرشنا يمياڻي ۽ ستيش روهڙا** هئا. شروعاتي پرچن ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل هيٺيون تحريرون ملن ٿيون: **'وڻ پوکينداسين'** (هوندراج دکايل)، **'سائنس جو چمتڪار'** (دين بندو گرداساڻي "پريم")، **'سياڻپ دنيا ۾ ڪيئن پکڙي؟'** (لوڪ ڪهاڻي)، **'سانتيڪي سوپ'** (ڪرشنا يمياڻي) وغيره.

هي رسالو ڊيمي سائيز جي چوويهن صفحن تي ٻڌل هو جنهن ۾ وڏن ۽ ٻارن جي لاءِ گڏيل تحريرون ڏنيون وينديون هيون. پرچي جي قيمت به آنا ۽ ساليانو چندو ڏيڍ رپيو هو. هي رسالو 1957ع ۾ بند ٿي ويو.

**ماهوار 'پشپ' (بمبئي):**

هن نالي سان ٻارڙن جو هڪ رسالو بمبئيءَ مان 1958ع ڌاري جاري ٿيو. ايڊيٽوريل بورڊ تي **هولارام هيسجا، پرتاب ٻٽاڻي، آنند پارواڻي، جئديو سدار نگاڻي، ڪشن جسوجا ۽ پيتامبر پنجابي** هئا. وڌيڪ معلومات ملي نه سگهي آهي.

**ماهوار 'گلڙا' (الهاس نگر):**

ٻارن جو هي مشهور رسالو 'گلڙا'، مئي 1963ع ۾ **نندڪمار پارتي** عرف ڪرشن چندر پارتيءَ جي ايڊيٽريءَ ۾ الهاس نگر مان جاري ٿيو. **'ٽئگور ساهتيه منڊل'** پاران شايع ٿيندڙ هي رسالو ڪرائون سائيز ۾ ماهوار بنيادن تي شايع ٿيڻ لڳو. پهرئين ئي پرچي ۾ ٽيهارو صفحن جي اندر ٻارن جي لاءِ آکاڻيون، گيتن، ٽوٽڪن، انعامي مقابلن ۽ عام ڄاڻ وغيره جهڙو گهڻو ئي مواد ڏنو ويو. هي رسالو اپريل 1967ع ۾ بند ٿي ويو. هن رسالي جو ساليانو چندو فقط ڏيڍ رپيو هو ۽ پرچي جي قيمت 15 پئسا هئي.

### ماھوار ’گل ڦل‘(ممبئي):

ٻارڙن جو ھي علمي ادبي رسالو **’ٻارت جيون ساھتيا منڊل‘** پاران **جيئانند لعلواڻيءَ** جي ڪوشش سان 1966ع ڌاري ممبئيءَ مان شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. ھن رسالي جو ايڊيٽر **ھريش ڪمار لعلواڻي** ھو. رسالي جي سائيز ڪرائون ۽ قيمت 50 پيسا ھئي. ھر پرچي جو ٽائيٽل رنگين ھوندو ھو جڏھن تہ مواد ۾ ڪھاڻيون، پھاڪا، ’پڇو سوال سڻو جواب‘ جھڙا سلسلا، گيت ۽ معلوماتي مضمون وغيره شايع ڪيا ويندا ھئا. ڪشنچند ھوتچند ناگراڻيءَ جي قلم مان **’ديس جو ٻال ڪھاڻيون‘** عنوان سان ھڪ مشھور ڪھاڻي بہ ڏني ويندي ھئي. ھر پرچي ۾ لڳ ڀڳ پنجاھہ صفحا ھوندا ھئا، جن ۾ ٻارن جي لاءِ دلچسپ مواد کي سمائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ھئي. رسالي جي ڪجھہ اھم مواد ۾ **چم چم پري، سوني واچ، ننڍڙو ماسٽر، نيڪ دل شھزادي، وفادار ڪتو، خون جو تلاءُ، ننڍڙو ڊاڪٽر، ننڍڙو رانديگر، ڪرامتي ھيرو، پوريل خزانو** شامل ھو.

رسالي کي مستقل طور تي جاري رکڻ جي ڏس ۾ ٽيم پاران گھڻي ڪوشش ڪئي وئي، پر اُن جي باوجود ھي ماھوار رسالو بہ ٻين رسالن جيان وڌيڪ وقت نہ ھلي سگھيو ۽ 1970ع ڌاري بند ٿي ويو.

### ماھوار ’گلستان‘(احمد آباد):

ٻارڙن جو ھي علمي ۽ ادبي رسالو **’ماھوار گلستان‘**، احمد آباد مان اپريل 1966ع ۾ شروع ڪيو ويو. ھن رسالي جا ايڊيٽر **رام ڀاڳچنداڻي ’گيان‘، شيام رامرکياڻي ۽ ھوندراج بلواڻي** ھئا. ھي صرف نہ رڳو ٻارن جو رسالو پر احمد آباد ۾ ٻاراڻي ادب جو ھڪ ادارو پڻ ھو جنھن **’گلستان‘** رسالي سميت ٻارن جا ٻيا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا. ھن رسالي جو پھريون پرچو ڪرائون سائيز ۾ شايع ڪيو ويو. رسالي جي قيمت چار آنا ۽ ساليانو چندو اڍائي رپيا ھو. شروعاتي پرچي ۾ ڏنل **’ايڊيٽوريل‘** ۾

رسالي شايع ڪرڻ جو مقصد بيان ڪيو ويو هو. جڏهن تہ پنهنجي مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ **'گلستان'** جي بانيڪارن تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون. هر پرچي ۾ ٻارن جي وندر ۽ سکيا لاءِ دلچسپ ۽ نصيحت آميز آکاڻيون، ڪوتائون، لطيفا، پروليون، مشهور شخصيتن جون آتم ڪهاڻيون، پهاڪا، ناٽڪ، ناول (قسطن ۾) وغيره ڏنا ويندا هئا.

**'گلستان'** رسالي طرفان ڪيترا خاص پرچا پڻ جاري ڪري نوان تجربا ڪيا ويا. **'شاگردن جي تحريرن جو شمارو'، 'شاگردن طرفان ايڊٽ ٿيل شمارو'، 'پري ڪهاڻي شمارو'** وغيره اهڙن شمارن مان ڪي اهم شمارا آهن. **'گلستان'** طرفان ٻاراڻي ادب جا سو کان مٿي ڪتاب پڻ ڇپايا ويا.

هي رسالو 1966 کان 1986 تائين، ويهن-ايڪيهن سالن تائين باقاعدي شايع ٿيندو رهيو. مئنيجنگ ايڊيٽر **شيام رامرکياڻي** جي بيحد محنت ۽ لگن سان رسالي جي سرڪيوليشن ٻن هزار ڪاپين تائين پهتي، جو پنهنجي پاڻ هڪ رڪارڊ آهي. هندستان ۾ هيءَ رسالو سيني کان وڌيڪ مقبول ۽ مشهور رسالو رهيو آهي. هن رسالي، هندستان ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌ ويجهہ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

## ٽماهي 'مکڙيون' (نيو دهلي):

ٽماهي **'مکڙيون'** نالي سان هي رسالو دهليءَ مان آگسٽ 1966ع ۾ شروع ڪيو ويو. هن رسالي ۾ گهڻو ڪري شاگردن لاءِ تعميري لکڻيون ڏنيون وينديون هيون. ڪي تحريرون وڏن جي لاءِ بہ هونديون هيون. رسالي جو ايڊيٽر **موهن لعل شرما** هو جڏهن تہ اعزازي مئنيجنگ ايڊيٽوريل بورڊ پڻ ناهيو ويو. جنهن جي ميمبرن ۾ **هوندرام چوڙرگاڻي، ليکراج 'هنس'، موتومل بالاڻي، ڪويتا هنگوراڻي ۽ جي. اي. بابلاڻي** شامل هئا. بعد ۾ ان ايڊيٽوريل بورڊ ۾ **پروفيسر سنتداس جهانگياڻي،**

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، امر لعل ساڌواڻي ۽ ڪرشن لعل بجاج جهڙن ليکڪن کي بہ شامل ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ شاگردن لاءِ ڪتابن وغيره ڇپائڻ جي مقصد کي آڏو رکي، **سنڌي پبلشنگ ڪو-آپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ**، نالي هڪ تنظيم جوڙيي وئي، جنهن جو صدر **جيرامداس دولترام** هو. هي رسالو ان سوسائٽيءَ پاران شروع ڪيو ويو. شروعاتي پرچن ۾ دهليءَ جي اسڪولن ۾ الڳ الڳ مضمونن ۾ پهريون نمبر آيل شاگردن جا نالا ڏنا ويا. ان ڪانسواءِ شاگردن جي جاڻ وڌائڻ لاءِ جيڪي تحريرون شامل ڪيون ويون، تن ۾ **'سنڌين جو شان'** (جيرامداس دولترام)، **'ٽائيم ٽيبل'** (ليکراج هنس)، **'نئون هنومان'** (موهن لعل شرم)، **'آئينده جا آبا'** (ڪويتا هنگوراڻي)، **'سنڌي چوڪريون'** (گيهي همٿاڻي)، **'ديش ڀڳت ٽئگور'** (امر لعل ساڌواڻي) وغيره شامل هيون. هي رسالو ساندهہ پنج سال شايع ٿي، جنوري 1971ع ۾ بند ٿي ويو.

### ماهوار 'گلشن' (احمد آباد):

ٻارن جو هي رسالو ماهوار **'گلشن'**، احمدآباد مان **گنگو آهوجا** جي ايڊيٽريءَ ۾، جولاءِ 1968ع ۾ شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. ڪرائون سائيز جي ويهارو صفحن تي ٻڌل هن رسالي ۾ ٻارن جي لاءِ آکاڻيون، گيت، معلوماتي مضمون ۽ لطيفا ڏنا ويندا هئا. هي رسالو لڳ ڀڳ هڪ سال هلي نومبر 1969ع ڌاري بند ٿي ويو.

### ماهوار 'ديشي وديشي ڪٿائون لوڪ ڪٿائون' (احمد آباد):

هي رسالو احمد آباد مان جنوري 1969ع ۾ شروع ڪيو ويو. جنهن جو ايڊيٽر **چٽنلعل آهوجا** هو. جيئن رسالي جي نالي مان لڳي ٿو تيئن ان ۾ هر مهيني ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪهاڻيون ۽ لوڪ ڪٿائون ڏنيون وينديون هيون. قيمت في پرچو چاليهہ پيسا ۽ ساليانو چندو اڍائي رپيا رکيو ويو.

ڪرائون سائيز جي اٽڪل پنجاھہ صفحن ۾ گھڻو ڪري ترجمو ٿيل آکاڻيون ڏنيون ويندڀون هيون. هندستان ۾ ٻارن جي ادب جي ڏس ۾ هي هڪ نئين ۽ زبردست ڪوشش هئي، پر هڪ سال اندر 9 پرچا شايع ٿيڻ کان پوءِ ڊسمبر 1969ع ۾ بند ڪيو ويو.

## ماھوار 'جهرمر' (احمد آباد):

ٻارن جو هي رسالو **'جهرمر'** جنوري 1969ع ۾ احمد آباد مان شروع ڪيو ويو. جنهن جي ايڊيٽرن ۾ **گوردڻ تنواڻي، ڪشن کوبچنداڻي ۽ ڪشور پھوجا** شامل هئا. رسالي جي سائيز ڊبل ڪرائون هئي. **'جهرمر'** جي هر پرچي ۾ ٻاراڻين ڪهاڻين ۽ گيتن کان سواءِ هڪ اڌ ناٽڪ، ويچار، معلومات، تعليمي چارٽ، جيون ڪٿا، قلمي دوستي، لطيفا وغيره ڏنا ويندا هئا. آڪٽوبر 1969ع ۾ **'ناٽڪ نمبر'** شايع ڪيو ويو. رسالي جو هڪ ايگزيڪيوٽو بورڊ ٺاهيو ويو. جنهن ۾ **ڪيرت مهرچنداڻي، ڦتن سڪواڻي، سريچند ڪيسواڻي ۽ چندر امبواڻي** شامل هئا. پرچي جي قيمت پنجٽيهہ پيسا هئي ۽ ساليانو چندو چار رپيا هئا. پهرئين پرچي ۾ ايڊيٽوريل ۾ **'اسان جي ڳالهہ'** ۾ لکيو ويو:

> " ائين برابر آهي تہ سنڌي ساهتيہ جي چمن ۾ انيڪ مخزنون ۽ رسالا گلاب جي گل جيان خوشبوءِ ڦهلائي رهيا آهن. ليڪن اسين ائين چاهيون ٿا تہ **'جهرمر'** بہ اگر انهن جي وچ ۾ نہ ويهي سگهي تہ فقط چنبيليءَ جي ننڍڙي اچي گل جيان هڪ ڪنڊ مان سگنڌ ڦهلائي ۽ ٻالڪن جي آتمڪ ۽ ساهتيڪ بک کي متائڻ جي وت آهر نماڻي ڪوشش ڪري"[16]

هي رسالو پڻ وڏيڪ وقت هلي نہ سگهيو ۽ آڪٽوبر 1969ع ۾ بند ٿي ويو.

---

[16] بلواڻي، ڊاڪٽر هوندراج، 'سنڌي ٻال ساهتيہ'، ڇاپو پهريون سال 2007ع، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد

**ماهوار 'گلابي گلڙا' (الهاس نگر):**

هي رسالو **'گلابي گلڙا'** **سنڌو گيان مندر اُلهاسنگر** طرفان 15 نومبر 1970 تي شروع ڪيو ويو. ڪِرائون سائيز جي هن رسالي ۾ شروع ۾ هڪ ايڊيٽوريل بورڊ جوڙيو ويو. جنهن ۾ **ڪشور پهوجا، جڳتراءِ مولچنداڻي ۽ گورڌن تنواڻي** ميمبر هئا. ستت ئي ٻئي شماري کان ئي ان ۾ ڦيرڦار ڪئي ويئي ۽ چيف ايڊيٽر طور فقط **ڪشور پهوجا** جو نالو ڏنو ويو. پنجن ڇهن سالن تائين هي رسالو باقاعدي نڪرندو رهيو.

هن رسالي جو پهريون پرچو **جواهر لعل نهروءَ** جي زندگي ۽ ڪم تي شايع ڪيو ويو. پهرئين شماري ۾ ڏنل ايڊيٽوريل ۾ ڄاڻايو ويو ته،

> ”گلابي گلڙا ۾ ٻارن جي ونڊر صحت، سکيا ۽ تعليمي گيان کي وڌائڻ لاءِ هر مهيني ڪهاڻيون، ناٽڪ، شعر، لطيفا وغيره ڏنا ويندا. اُميد ته ٻار ۽ ٻارن جا مائٽ مخزن جو ساليانو چندو سادا ٽي رپيا پيري همٿائيندا. ان مان نه صرف ٻال ساهت کي هٿي ايندي پر ٻال ساهت ۾ دلچسپي رکندڙ ليکڪن کي پڻ اُتساهه ملندو.“ [17]

هي رسالو اڃا تائين ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ شايع ٿيندو رهي ٿو.

**ٽماهي 'ٻبلو' (احمد آباد):**

ٻارن لاءِ هي ٽماهي رسالو ڪرائون سائيز ۾ 1971ع ۾ احمدآباد مان شروع ڪيو ويو. **هوندراج بلواڻيءَ** جي ايڊيٽريءَ ۾ هن رسالي جي هر هڪ شماري ۾ مختلف ليکڪن جون تحريرون ڏنيون وينديون هيون، جن ۾ آکاڻيون، گيت ۽ لطيفا وغيره شامل آهن. هڪ سال هلڻ کان پوءِ هي رسالو 1972ع ۾ بند ٿي ويو.

---

[17] ماهوار 'گلابي گلڙا'، نومبر 1970ع، سنڌو گيان مندر الهاس نگر، هندستان

**ماهوار 'ٻارڙا' (احمد آباد):**

ٻارن جو هي علمي ادبي ماهوار رسالو **'ٻارڙا'** احمد آباد مان، جون 1977ع ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿيو. جنهن جو ايڊيٽر **موهن پنجواڻي** هو جڏهن ته معاون ايڊيٽرن ۾ **ارجن ساجناڻي ۽ هريش هرپالاڻي** شامل هئا. ڪرائون سائيز جو هي رسالو ٻه سال کن هلي 1978ع ڌاري بند ٿي ويو.

**ٽماهي 'چانڊوڪي' (آگرو):**

ٻارن جو هي ٽماهي رسالو **'چانڊوڪي'** ديوناگري سنڌي لپيءَ ۾ آگري شهر مان، **سنڌو ساهتيه منڊل تنظيم** پاران 1985ع ۾ شايع ڪيو ويو. ڊيمي سائيز جي هن رسالي جو ايڊيٽر **موهن لعل ناگديو** هو. هي رسالو هڪ ئي وقت ٻارن ۽ وڏن لاءِ هو جنهن ۾ گڏيل مواد شامل ڪيو ويندو هو. رسالو ڪافي وقت هليو ۽ پوءِ وڏي سائيز ۾ مڪمل ادبي رسالي جي روپ ۾ شايع ٿيڻ لڳو.

**ٽماهي 'ٻال منچ' (احمد آباد):**

ٻارن جو هي ٽماهي رسالو **'ٻال منچ'** احمد آباد مان جنوري 1986 ع ۾ شروع ڪيو ويو. جنهن جو ايڊيٽر **هوندراج بلواڻي** هو. نئين رسالي شروع ڪرڻ جي مقصد کي پهرئين پرچي ۾ هيٺينءَ ريت واضح ڪيو ويو:

> "سنڌيءَ ۾ ٻارن جي لاءِ **'گلواڙي'** ۽ **'گلستان'** جهڙا ماهوار رسالا موجود آهن. ان هوندي به اهڙي هڪ رسالي جي ضرورت هئي، جنهن ۾ ٻال ناٽڪن، ٻال ساهتيه ۽ ٻارن جي ٻين مشغولين جو تفصيلوار احوال هجي، جيئن ٻارن کي انهن مان اُتساهه ملي. ان ضرورت کي خيال ۾ رکي هيءَ **'ٻال منچ'** ٽماهي رسالو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هر انڪ ۾ ٻارن جي لاءِ آکاڻيون، ناٽڪ، گيت وغيره ته ڏنا ويندا، پر ان سان گڏ ٻارن جي سرگرمين جا سماچار، ٻال پريمين سان انٽرويو ٻال

سنستائن جي چاڻ، ٻارن جي ڇپيل نون ڪتابن جا تفصيل وغيره پڻ شايع ڪيا ويندا. مطلب تہ 'ٻال منچ' کي ٻارن سان واسطو رکندڙ سرگرمين جو صحيح معنيٰ ۾ هڪ منچ ڪري پيش ڪيو ويندو."[18]

مٿي ڄاڻايل مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ، ڪرائون سائيز جي اٽڪل چاليهن صفحن تي ٻڌل هن رسالي ۾ ٻين تحريرن سان گڏ **'ٻارن جون خبرون'** ۽ **'نئون ٻاراڻو ادب'** وغيره جهڙن سلسلن کي شروع ڪيو ويو. گجراتيءَ جي مشهور ٻاراڻي ادب جي ليکڪ گجوياڻيءَ جون تحريرون پڻ شامل ڪيون ويون. هڪ خاص شمارو **'اُمنگ'** ناليءَ دهليءَ جي ٻارن جي ٿيئٽر تي پڻ شايع ڪيو ويو. هيءُ رسالو بہ ٻين ٻاراڻن رسالن جيان گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهيو ۽ ڊسمبر 1988ع ۾ بند ٿي ويو.

## ٽماهي 'گلدستو' (الهاس نگر):

ٻارڙن جو هي ٽماهي رسالو **'گلدستو'** جولاءِ 1986ع ۾ **سنڌو پرگتي ڪيندر** اُلهاس نگر پاران ڪان شروع ڪيو ويو. ڊيمي سائيز جي هن رسالي ۾ رنگين تصويرون ڏيئي سٺي روپ ۾ شايع ڪيو ويو. رسالي جو ايڊيٽر **هري تنواڻي 'نماڻو'** هو. پهرئين شماري ۾ ڪيترن مشهور اديبن جون چونڊ تحريرون شايع ڪيون ويون. بعد ۾ بہ اها روايت برقرار رهي. مواد سان گڏ مشهور چترڪارن **مينگهراج تلريجا** ۽ **لڇمڻ ڪڪريجا** جا اسڪيچ بہ شايع ڪيا ويندا هئا. پهرئين پرچي ۾ شايع ٿيل مشهور شاعرن جي گيتن ۾ **'ڏٺيءَ در وينتي'** (ڪشنچند بيوس)، **'منهنجي ٻيڙي'** (ديپچندر بيلاڻي)، **'پنهنجي هٽ جڳننات'** (روچو خوابي)، **'بادل آيا'** (لکميچند پريم)، **'راجا هڪڙي انب چليو'** (هوند راج دکايل)، **'واڳڻ مل جي شادي'** (ڊولڻ راهي)، **'ٽي.وي، سولجر ٽيندس'** (ليلاڌر موجي)، **'ٻار جو**

[18] ٽماهي 'ٻال منچ' – جنوري 1986ع، احمد آباد، هندستان، ايڊيٽر هوندراج بلواڻي

**انگل**' (سنتداس ڪشناڻي)، '**تي. وي**' (ديال آشا) ۽ '**گلڙن ڦلڙن جهڙا آهيون**' (ارجن حاسد) شامل هئا. جڏهن تہ آڪاٽيون جهڙوڪ '**واپاري**' (آسودو مل موهناڻي)، '**بهادر ٻالڪي**' (پورن ڪتواڻي)، '**ڏيمبو ڏيمبي**' (پريم لتا)، '**پريرٽا جو پشپ**' (رام پاڳچنداڻي)، '**شيدي غلام جو موتي**' (لڇمڻ ڪکريجا)، '**مينڪا پري**' (جيوت گوگيا جوت)، '**ڏاڏو ڏيڏر**' (سي. ايچ. رائسنگهاڻي) ۽ '**نمسڪار مهراج**' (گهنشيام ساگر). شامل هئا.

هي رسالو هر لحاظ کان ٻارن لاءِ ڏاڍو ڪارائتو هو. هڪ سال شايع ٿيندو رهڻ کان پوءِ جنوري 1987ع ۾ بند ٿي ويو.

**ٽماهي 'باغ بهار' (گانڌي نگر- گجرات):**

سنڌي ساهتيہ اڪيڊمي گجرات مان ٻارن جو هي ٽہ ماهي رسالو 2008-9 ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿيو جيڪو اڃا تائين ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ شايع ٿي رهيو آهي. هن رسالي جو ايڊيٽر **هوندراج بلواڻي** آهي. ڊبل ڪرائون سائيز جي هن رسالي ۾ 72 صفحا آهن جن ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون، شعر، ناٽڪ ۽ ٻيو مواد شايع ڪيو ويندو آهي.

**'پوپٽڙا' (نيو دهلي):**

نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج نيو دهلي، هندستان پاران ٻارن جو هيءُ مخزن '**پوپٽڙا**' 2012ع ۾ جاري ٿيو. ڊبل ڪرائون سائيز ۽ آرٽ پيپر ۾ مڪمل، رنگين هي پهريون پرچو آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شايع ٿيو آهي. مخزن جا سرپرست **شري رميش ورلياڻي**، ايڊيٽر **هوندراج بلواڻي** ۽ **جڳديش لڇاڻي** آهن. هي رسالو اڃا تائين شايع ٿي رهيو آهي.

# ٻارن جي رسالن جا ايڊيٽر - چيف ايڊيٽر ۽ ڪتابي سلسلن جا سهيڙيندڙ

'سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي تاريخ' جي ٻئي جلد جي هن باب ۾ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل ٻارن جي رسالن جي ايڊيٽرن- چيف ايڊيٽرن ۽ ڪتابي سلسلن جي سهيڙيندڙن جا تعارف شامل ڪيا ويا آهن ته جيئن سندن اهم علمي ڪارنامن کي خراج پيش ڪري سگهجي. سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل ٻارن جا چند رسالا اهڙا آهن، جن جي پسمنظر ۾ سرڪاري ادارا يا ٻيا مالدار خانگي ادارا هئا، جڏهن ته باقي سمورا رسالا سنڌ جي ادب دوست ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت شايع ڪيا. انهن نه رڳو مواد گڏ ڪري رسالا شايع ڪيا، پر ڪيترن ئي ايڊيٽرن- چيف ايڊيٽرن پنهنجن ڳُلهن تي رسالن جا بنڊل کڻي، سنڌ جي شهر شهر- ڳوٺ ڳوٺ پهچايا ۽ ائين ئي سندن بي لوث محبت ۽ محنت جي ڪري سنڌ اندر ادبي ماحول کي هٿي ملي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ٻاراڻو ادب پروان چڙهيو.

هن باب ۾ ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکڻ نهايت ضروري آهي ته هِتي صرف انهن رسالن ۽ ڪتابي سلسلن جي سهيڙيندڙن جا تعارف شامل ڪيا ويا آهن، جن رسالن ۽ ڪتابي سلسلن سنڌ ۾ وڏو نالو ڪمايو ۽ ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيا، جڏهن ته غير مقبول رسالن ۽ هڪ اڌ شمارو شايع ڪندڙن جا تعارف شامل نه ڪيا ويا آهن. ان ڪان سواءِ ٻارن جي جڳ مشهور رسالي 'گل ڦل' جا مختلف وقتن تي ڪيترائي ايڊيٽر رهيا آهن،

پر انهن مان صرف پنجن ايڊيٽرن: **غلام رباني آگري، شوڪت حسين شوري، انور هالائي، اڪبر جسڪاڻي ۽ نجم پنهور** جا تعارف شامل ڪيا ويا آهن. ان ڏس ۾ وضاحت اها آهي ته **غلام رباني آگري** صاحب جا جيتوڻيڪ ادب جي ٻين شعبن ۾ پڻ ڪارناما آهن، پر جيئن ته هُو **'گل ڦل'** جو پهريون ايڊيٽر رهيو ۽ پنهنجي نوڪريءَ کي صرف نوڪري ئي نه سمجهائين پر **'گل ڦل'** رسالي جو بنيادي خاڪو تيار ڪيائين: ان کي ٻارن تائين پهچائڻ لاءِ رٿائون تيار ڪيائين: **'گل ڦل'** ذريعي ٻارن جون ڦلواڙيون قائم ڪري سنڌ ۾ ٻارن اندر علمي ۽ ادبي شعور پيدا ڪيائين. ان ڪري اهو ضروري آهي ته **غلام رباني آگري** صاحب جي هن ڪم جو تذڪرو ٻارن جي ادب جي هن تاريخ ۾ ٿيڻ گهرجي. ساڳي ريت **شوڪت حسين شوري** صاحب جو تعارف ان ڪري شامل ڪيو ويو آهي جو 1966ع ۾ سنڌ جي اطلاعات کاتي ڪن قانوني گُهرجن کي آڏو رکندي، **'گل ڦل'** جي ڊڪليئريشن رد ڪري ڇڏي هئي ۽ جڏهن ٻيهر 1974ع ۾ **'گل ڦل'** شايع ٿيو هو ته ان جو ايڊيٽر **شوڪت حسين شوري** صاحب کي مقرر ڪيو ويو. اهڙي ريت **'گل ڦل'** جو ڄڻ نئون جنم ٿيو هو ان ڪري **شوڪت حسين شوري** صاحب **'گل ڦل'** کي ٻيهر پاليو نپايو وڏو ڪيو ۽ سنڌ جي ٻارن ۾ مقبول ڪيو. اهڙي ريت **انور هالائي ۽ اڪبر جسڪاڻي** پنهنجي دور ۾ **'گل ڦل'** ۾ نوجوان ليکڪن کي اتساهيو ۽ **'گل ڦل'** ذريعي سنڌ ۾ ڪيترائي اديب پيدا ڪيا، جيڪي سنڌ ۾ اڄ به پنهنجون علمي ادبي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته **نجم پنهور** موجوده دوَر ۾ **'گل ڦل'** جي ايڊيٽر آهي.

جيئن ته شامل ڪيل ايڊيٽرن ۽ اديبن، ليکڪن جا ادب جي ٻين مختلف شعبن ۾ پڻ وڏا ڪارناما آهن، پر جيئن ته هي ٻارن جي ادب جي تاريخ آهي، ان ڪري هنن اديبن - ايڊيٽرن ۽ چيف ايڊيٽرن جي تعارفن ۾

صرف انهن جي ان ڪم (Contribution) جو تذڪرو ڪيو ويو آهي، جيڪو انهن سنڌ جي ٻارن لاءِ ڪيو آهي. يقينًا سندن ٻئي علمي ادبي ڪم کي ادب جي ٻين تاريخن ۾ ضرور جاءِ ملندي.

سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل ٻارن جي مقبول رسالن جي ايڊيٽرن ۽ پبلشرن توڙي چيف ايڊيٽرن جا تعارف هيٺينءَ ريت پيش ڪجن ٿا.

## آچار عظيم ڪوسو:

**آچار عظيم ڪوسو** 1996ع ۾ ٻارن لاءِ شايع ٿيل علمي، ادبي رسالي **’روشن راهون‘** جو چيف ايڊيٽر رهيو آهي، ان کان سواءِ **آچار عظيم ڪوسو** بدين مان شايع ٿيندڙ هفتيوار اخبار **اعلانِ حق** ۾ ٻارن جي پندرهن روزه صفحي **’پنکڙيون‘** جو ٻن سالن تائين انچارج رهيو آهي. آچار عظيم ڪوسو ٻارن جي علمي ادبي تنظيم **’ٻالڪ ادبي فورم‘** ۾ پڻ سرگرم رهيو آهي ۽ مختلف مرڪزي عهدن تي ڪم ڪيو اٿس.

**آچار عظيم ڪوسو** 9 آڪٽوبر 1977ع ۾ پنگريئي جي ڳوٺ **’مير جو ڳوٺ‘** ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمري تعليم مير جي ڳوٺ ۽ ميٽرڪ پنگريي مان، جڏهن تہ انٽر جي تعليم بدين مان حاصل ڪئي. هن پنهنجي ايڊيٽرشپ ۾ **’آڪاش‘** جي نالي سان پڻ هڪ رسالو شايع ڪيو. جڏهن تہ ان علاوه هو سنڌ مان شايع ٿيندڙ مختلف اخبارن توڙي رسالن ۾ مضمون لکندو رهيو آهي ۽ ٻارن جي تنظيم **ٻالڪ ادبي فورم** جو سرگرم عهديدارن پڻ آهي. هن وقت هو صحافت جي شعبي سان لاڳاپيل آهي ۽ روزاني عوامي آواز ۾ رپورٽر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي.

## آزاد هيجب:

**آزاد هيجب** ٻارن جو رسالو **’سنڌي ٻار‘** 2004ع ۾ چيتي چنڊ ضلعي ٺٽي مان شايع ڪيو. هي رسالو ٺٽي ۽ آس پاس ۾ چڱو مقبول ٿيو.

**آزاد هيجب** جو اصل نالو **گلزار احمد** آهي، جيڪو 4 فيبروري 1983ع تي چتي چنڊ ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمريءَ کان مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، جڏهن ته انٽر ٺٽي مان ڪيائين. هو ٻارن جي مختلف رسالن ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون ۽ شاعر لکندو رهيو آهي، جڏهن ته ڪيترن ئي رسالن جي سٿ ۾ پڻ رهيو آهي.

**آغا قيوم:**

ناميارِي اديب **آغا قيوم** 1980ع ۾ ٻارن جو علمي ادبي اشاعتي سلسلو **'لالي پبليڪيشن'**، حيدرآباد مان جاري ڪيو. هن اشاعتي سلسلي سان گڏ ٻارن جي علمي ادبي تنظيم **لالي چلڊرينس ڪلب** پڻ قائم ڪئي، جيڪا **لالي ٻارڙا سنگت** جي نالي سان پڻ مشهور ٿي. ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو پنهنجي دور جو انتهائي مقبول ڪتابي سلسلو آهي، جنهن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا.

**آغا قيوم** 18 مارچ 1961ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. بعد ۾ سندس خاندان حيدرآباد لڏي آيو. هن پنهنجي تعليم ماڊل اسڪول حيدرآباد مان شروع ڪئي ۽ انٽر تائين اتان ئي تعليم حاصل ڪيائين. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ماسٽرس ڪيائين.

**آغا قيوم** هن وقت حيسڪو ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

**احسان راهوجو:**

نوجوان ليکڪ **احسان راهوجو** ٻارن جي مقبول رسالن ماهوار **'گلڙا'** (ٽنڊو ڄام)، ماهوار **'روشن دنيا'** (ٽنڊو ڄام) ۽ ماهوار **'هيڪار'** (شڪارپور) جو سب_ ايڊيٽر رهيو آهي. هن ٻارن لاءِ ڪيترائي شعر ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي ٻارن جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿينديون

رهيون آهن. سندس خاص ڪم، سنڌي ٻارن لاءِ وڏن اديبن، فنڪارن، شاعرن ۽ ساڃاهه وندن جا انٽرويو ڪري ٻارن جي مختلف رسالن ۾ ڇپائڻ آهي. **احسان راهوجو** ٻارن جي مقبول رسالي **’گلڙا‘** جي سهاري هيٺ قائم ڪيل تنظيم **’گلڙا سنگت‘** سنڌ جو مرڪزي پريس سيڪريٽري پڻ رهيو آهي.

**احسان علي ولد غلام محمد راهوجو** 16 آگسٽ 1978ع تي ڳوٺ **يونيٽ پور**، تعلقي رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. هن شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ مئٽرڪ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مدئجيءَ ۽ انٽر گورنمينٽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي مان ڪئي. بعد ۾ **احسان راهوجو** اعليٰ تعليم لاءِ حيدرآباد شفٽ ٿيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽرس ڪيائين. ان دوران هو ڪجهه وقت لاءِ روزاني **’ڪاوش‘** حيدرآباد سان بہ سلهاڙيل رهيو ۽ بعد ۾ مدئجيءَ جو رپورٽر پڻ ٿيو.

احسان راهوجو هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف رسالن ۽ ادارن سان لاڳاپيل آهي.

### احسان لغاري:

نوجوان ليکڪ **احسان لغاري**، ٻارن جي ماهوار رسالن **’گلستان‘** ۽ **’گلزار سنڌ‘** جو ايڊيٽر رهيو آهي ۽ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ ڪم ڪندڙ اداري **’اين اي جان فائونڊيشن‘** جو چيئرمئن آهي. ان کان سواءِ **احسان لغاري** سنڌ مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي مختلف رسالن جي ايڊيٽوريل بورڊن تي پڻ رهيو آهي.

**احسان علي ولد خير محمد لغاري** 1 مارچ 1984ع تي ڳوٺ عطا محمد لغاري، تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. هن شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنجهوري مان انٽر

ڪئي ۽ بعد ۾ حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪيائين. ان کان پوءِ هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ماسٽرس ۽ ايم فل ڪئي. 1996ع کان ادب سان وابستگي ٿيس ۽ سندس پهرين لکڻي 1999ع ۾ شايع ٿي.

**احسان لغاري** 4_2005 ۾ حيدرآباد مان جاري ٻارن جي رسالي ماهوار **'گلستان'** ۽ 2005ع ۾ ٻارن جي رسالي **'گلزار سنڌ'** جو ايڊيٽر رهيو آهي. ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ خدمتن ۾ ميجتا طور کيس **'نت ڪٽ گروپ آف پبليڪيشن'** پاران ايوارڊ ۽ 'ٻالڪ ادبي فورم' پاران سرٽيفڪيٽ مليل آهي. ٻارن لاءِ سندس هڪ مرتب ڪيل ڪتاب **'جدولي حساب'** سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سال 2013ع ۾ ڇپايو. جڏهن ته سندس شاعريءَ جو هڪ ڪتاب پڻ ڇپيل آهي. **احسان لغاري** سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي اشاعتي شعبي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

## اختر حسين سمون:

**اختر حسين سمون** حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ ٻارن جي رسالي **'ساٿيءَ'** جو ايڊيٽر رهيو آهي. سال 2001ع کان 2004ع تائين **اختر سمي جي** ايڊيٽريءَ ۾ ٻارن جي رسالي **'ساٿي'**، سنڌ جي ٻارڙن ۾ چڱي مقبوليت ماڻي. ان کان سواءِ اختر حسين سمي جو ٻارڙن جي علمي ادبي پروگرامن، تربيتي ورڪشاپن ۽ سيمينارن جي انعقاد ۾ پڻ وڏو ڪردار رهيو آهي. اختر سمون ٻارڙن جي تنظيم **'گلڙا سنگت'** جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ٻارڙن جي ماهوار رسالي **'گلڙا'** جو ڪجهه وقت لاءِ پڻ ايڊيٽر رهيو آهي.

**اختر حسين سمون** 1 فيبروري 1975ع تي **ٽنڊي ڄام** شهر ۾ عبدالرشيد سمي جي گهر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم کان مئٽرڪ تائين ٽنڊي ڄام مان حاصل ڪيائين. جڏهن ته انٽر مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد، بي اي ۽ ايم اي سچل ڪاليج حيدرآباد مان ڪيائين. هن وقت ٽنڊي ڄام ۾ رهائش پذير آهي ۽ هڪ پرائمري اسڪول ۾ استاد آهي.

**اختر سمي**، دعوه اڪيڊمي بين الاقوامي يونيورسٽي، اسلام آباد پاران ٿيندڙ نوجوان ليکڪن جي تربيتي ورڪشاپن ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب سان لاڳاپيل ليکڪن ۽ ايڊيٽرن کي شرڪت ڪرائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

**اسحاق سميجو، ڊاڪٽر:**

نامور شاعر ۽ نقاد **ڊاڪٽر اسحاق سميجو** 1995ع ۾ ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن پاران ٻارڙن لاءِ شايع ٿيندڙ رسالي **'ٻارڙن جو سنڌ رنگ'** جو سب ايڊيٽر ۽ 1996ع ۾ **'سنڌي ساهت گهر'** جي ٻارڙن جي رسالي **'ماهوار گلستان'** حيدرآباد جو ايڊيٽر رهيو آهي، جڏهن تہ ٻارن لاءِ سندس ٻہ ڪتاب: (1) **'دنيا جون لوڪ آکاڻيون'** (ترتيب 2001ع) ۽ **'تاريخي ماڻهو تاريخي ڳالهيون'** (ترتيب 2001ع) پڻ شايع ٿيل آهن. ان کان سواءِ اسحاق سميجو ٻارڙن جي علمي ۽ ادبي تنظيم **'ساٿي ٻارڙا سنگت'** جو مرڪزي عهديدار پڻ رهيو آهي. هو مختلف سرڪاري توڙي نجي ادارن ۽ تنظيمن پاران ٻارن جي ڪتابن جي انعامي مقابلن جو جج پڻ مقرر ٿيندو رهيو آهي.

**ڊاڪٽر سحاق سميجي،** لکڻ جي شروعات روزاني **'آفتاب'** جي ٻارن جي صفحي **'ٻارن جي دنيا'** کان ڪئي. سندس پهرين لکڻي **'ڪانئير جو ڀاڳ'** هئي، جيڪا ٻارن لاءِ هڪ اصلاحي آکاڻي هئي.

**ڊاڪٽر اسحاق سميجو** 18 مارچ 1975ع تي ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ **فضل پور** ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين، جڏهن تہ مئٽرڪ جو امتحان **طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادوءَ** ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ انٽر پڻ دادوءَ مان ڪيائين. بعد ۾ **ڊاڪٽر اسحاق سميجو** حيدرآباد شفٽ ٿيو جتي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ايم اي، ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ڪيائين. هن وقت ڊاڪٽر اسحاق سميجو سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ استاد ۽ مرزا قليچ بيگ چيئر جو انچارج ڊائريڪٽر آهي. سندس شاعريءَ توڙي نثر جا ڪيترائي ڪتاب (طبعزاد ۽ ترتيب) ڇپيل آهن.

**اسرار شام:**

سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي واڌاري ۽ ترويج جي سلسلي ۾ **اسرار شام** جون خدمتون وسارڻ جوڳيون نہ آهن. هن 1987ع کان ٻارڙن جي سلسليوار رسالي **'سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن'** جو بنياد وڌو جيڪو مسلسل 2013ع تائين شايع ٿيندو رهيو. مستقل مزاجيءَ سان شايع ٿيندڙ هن رسالي ۽ ٻارن جي ادب تي ڪيل ڪم جي سلسلي ۾ **اسرار شام** کي سدائين ياد رکيو ويندو.

**اسرار شام** 29 مارچ 1954ع تي **ٺٽي جي تنبدي جام** ۾ ڄائو. سندس پورو نالو **اسرار احمد ميمڻ** هو. هن ابتدائي تعليم کان وٺي انٽر تائين ٺٽي جي تنبدي جام مان ئي حاصل ڪئي، بعد ۾ هن سنڌي يونيورسٽيءَ مان صحافت ۾ ماسٽرس ڪئي. ان دوران ئي هن عملي صحافت ۾ حصو ورتو ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ مختلف روزاني اخبارن جو رپورٽر رهيو.

**اسرار شام** 1987ع ۾ ٻارن لاءِ هڪ علمي ۽ ادبي رسالي **'سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن'** جي شروعات ڪئي، جنهن جا 150 کان مٿي پرچا شايع ٿيا. سندس طويل انٽرويو تي ٻڌل **'سنڌي ٻارڙا جو خاص نمبر'** پڻ شايع ٿي چڪو آهي، جنهن جو عنوان **"آئون ڪو ڄاڻان"** آهي. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سندس ٻارن لاءِ لکيل ڊرامن جو ڪتاب **'وڏي جڏهن آئون وڏو ٿيندس'**، سال 2012ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، جيڪو سنڌ ۾ ٻارن جي ڊرامن جون پهريون ڪتاب هو. ان کان سواءِ سندس 15 کن اڻ ڇپيل ڪتاب موجود هئا. جو هو سال 2012ع ۾ سخت بيمار ٿي پيو ۽ آخر 17 جولاءِ 2014ع تي وفات ڪري ويو.

سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ مختلف تنظيمن پاران کيس ڪيترائي ايوارڊ، شيلڊون ۽ ميڊل مليل آهن. سندس شخصيت ۽ ڪم تي هڪ ڪتاب **'ٻاراڻي ادب جو مسيحا'**، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران سال 2015ع ۾ ڇپايو ويو.

جيڪو **هاشم لطيفي** مرتب ڪيو. هن ڪتاب جو مهورت **اسرار شام** جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي ٽنڊي ڄام ۾ ڪيو ويو.

**اسلم ڪٽياڻ:**

نوجوان صحافي ۽ ليکڪ **اسلم ڪٽياڻ** ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ ٻارن ۽ نوجوانن جي رسالي **'اتساهه'** جو ايڊيٽر ۽ پبلشر آهي. هن ٻارن جو هي رسالو سال 2010ع کان ڪراچيءَ مان ٿي شايع ڪرڻ شروع ڪيو. **اسلم ڪٽياڻ** لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب کان 1997ع ۾ ڪئي. بعد ۾ هن ٻارن جي رسالن **'روشن دنيا'، 'گلڙا'، 'گل ڦل'، 'ڪوتو موتو'، 'رانديڪو'، 'مهڪ'، 'سنگتي'، 'سونهن'، 'اجرڪ'** ۽ سنڌي اخبارن جي هفتيوار ٻاراڻن صفحن ۾ ڪيترائي مضمون ۽ ڪهاڻيون لکيا. هُو ڪجهه وقت **'سالار سنڌيءَ'** جي نالي سان پڻ لکندو رهيو آهي.

**محمد اسلم ولد ڊاڪٽر شفيع محمد ڪٽياڻ** 15 مارچ 1982ع شهدادڪوٽ شهر ۾ ڄائو. هن پرائمريءَ کان وٺي انٽرتائين جي تعليم شهدادڪوٽ مان ئي حاصل ڪئي، جڏهن تہ انگريزيءَ ۾ ايم اي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان سال 2008ع ۾ ڪئي.

انگريزيءَ ۾ ماسٽرس ڪرڻ کان پوءِ **اسلم ڪٽياڻ** عملي صحافت ۾ پير پاتو. ان دوران هن مختلف سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ ڪم ڪيو جڏهن تہ گذريل هڪ وڏي عرصي کان وٺي اردو ٽي وي چئنل **اي آر واءِ** سان لاڳاپيل آهي. هو سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڪالم لکندو رهي ٿو. هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

**اعجاز قادر مهر:**

**اعجاز قادر مهر** رُڪ شهر مان ٻارن جو مقبول رسالو **'حوصلا'** 1997ع ۾ جاري ڪيو. جنهن جا ڪُل 12 پرچا شايع ٿيا ۽ اهو رسالو ٻارن ۾ تمام گهڻو مشهور ٿيو. ان کان سواءِ **اعجاز قادر مهر**، وارهه مان شايع ٿيندڙ

ٻارن جي سلسليوار رسالي **’شاگرد‘** جو مئنيجنگ ايڊيٽر ۽ پبلشر بہ رهيو آهي.

اعجاز قادر مهر 14 مارچ 1979ع تي رُڪ ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. پرائمري ۽ ميٽرڪ جي تعليم رُڪ مان حاصل ڪيائين. انٽر شڪارپور مان، جڏهن تہ بي اي ۽ ايم اي، سنڌيءَ ۾، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪيائين. **اعجاز قادر مهر** ٻارن لاءِ رسالو شايع ڪرڻ کان علاوه ٻارن جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٻارن جي صفحن ۾ لکندو رهيو آهي. هن ٻارن جي تنظيم **’ٻالڪ ادبي سٿ‘** پڻ قائم ڪئي، جنهن جو چيئرمين رهيو ۽ ان پليٽ فارم تان ٻارن لاءِ ڪيترائي پروگرام پڻ ڪرايائين.

## اڪبر جسڪاڻي:

سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي **’گل ڦل‘** جي ايڊيٽر طور مشهوري ماڻيندڙ **اڪبر جسڪاڻي**، 1 سيپٽمبر 1958ع تي دادو ضلعي جي تعلقي جوهيءَ ۾ **ڄام خان جسڪاڻيءَ** جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم جوهيءَ ۾ حاصل ڪرڻ کان پوءِ انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو (هاڻ استاد بخاري ڊگري ڪاليج) مان ڪيائين.

**اڪبر جسڪاڻي** 1975ع ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جو ميمبر ٿيو. ان کان پوءِ جيئي سنڌ پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن (وطن دوست پارٽي) ۾ ماري ڪميٽيءَ لاءِ ڪم ڪيائين. هن جوهيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي قيام ۾ ڪم لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. **ظفر حسن شاهہ** جي دور ۾ **اڪبر جسڪاڻيءَ** کي **سنڌي ادبي بورڊ** ۾ **لائبريرين** مقرر ڪيو ويو. جتان بعد ۾ 1983ع ۾ ٻارڙن جي ماهوار رسالي **’گل ڦل‘** جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ 1987ع ۾ **ايڊيٽر** مقرر ٿيو.

ماهوار **’گل ڦل‘** جي ايڊيٽريءَ واري دور ۾ هن رسالي کي اوج تائين پهچايو. هن سينيئر ليکڪن سان گڏ نوان ليکڪن کي پڻ ڇاپيو ۽

سندس اتساهڻ تي ڪالهه جا اهي ننڍا ليکڪ، اڄ جا نامور اديب آهن.

اڪبر جسڪاڻي پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجا سمورا ڪتاب **’گاج لائبريري جوهيءَ‘** جي حوالي ڪيا هئي، جيڪا سندس وفات کان پوءِ **’اڪبر جسڪاڻي ميموريل لائبريري‘** آهي. 13 آگسٽ 1999ع تي اڪبر جسڪاڻيءَ جو لاش سندس ڇام شوري واري گهر مان، سڙيل حالت ۾ مليو. سندس موت اڃا تائين معمو بڻيل آهي.

### الطاف ملڪاڻي:

نوجوان ليکڪ ۽ شاعر **الطاف ملڪاڻيءَ** 1989ع ۾ حيدرآباد مان ٻارن جو هڪ رسالو **’لاٽ‘** شايع ڪيو. بعد ۾ هُو ڪجهه وقت لاءِ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي هڪ ٻئي رسالي ماهوار **’گلستان‘** جو ايڊيٽر رهيو. 1995ع ۾ **الطاف ملڪاڻي، اسحاق سميجي** سان گڏ ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن سان پاران جاري ٿيندڙ ٻارڙن جي رسالي **’ٻارڙن جو سنڌ رنگ‘** جو سب ايڊيٽر ٿيو. ان کان سواءِ هن ٻارن لاءِ ڪيترين ئي ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن.

**الطاف ملڪاڻي** 19 اپريل 1967ع تي **دادو** شهر ۾ ڄائو. مئٽرڪ سائنس ۾ ڪرڻ کان پوءِ زرعي ڪاليج سڪرنڊ مان ٻن سالن جو ڊپلوما ڪورس ڪيائين ۽ هن وقت زرعي کاتي ۾ ملازم آهي. 1984ع ۾ ٻارن لاءِ شعر لکي، ادب ۾ لکڻ جي شروعات ڪيائين، بعد ۾ پاڻ کي هڪ ڪهاڻيڪار طور پنهنجي سڃاڻپ ڪرائين. الطاف ملڪاڻيءَ جا شاعري ۽ ڪهاڻين جا ٻيا ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن.

### اندرجيت لوهاڻو:

**اندرجيت لوهاڻو** 1999ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي **’ماهوار گُلشَن‘** جي ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏئي چڪو

آهي. هي رسالو '**الک گروپ آف پبليڪيشن**' پاران حيدرآباد مان جاري ڪيو ويندو هو.

**اندرجيت لوهاڻو** 1 فيبروري 1967ع تي ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ ڄائو. سندس تعليم ايم اي صحافت ۽ ايل ايل بي آهي. هُو مختلف اخبارن سان پڻ وابستہ رهيو آهي. هُن ٻارن لاءِ ڪيترائي شعر ۽ مضمون لکيا، جيڪي مختلف رسالن ۽ اخبارن جي هفتيوار ٻاراڻن صفحن ۾ شايع ٿيا. اندرجيت لوهاڻو هن وقت حيدرآباد جي مشهور وڪيل طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

## انور سومرو:

انور سومرو حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي '**مٺڙا ٻار**' جو چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر آهي. ان کان سواءِ هن شاگردن لاءِ ڪجهہ ڪتاب لکيا ۽ ترتيب پڻ ڏنا آهن. انهن ڪتابن ۾ ٻارن لاءِ کل ڀوڳ ۽ مزاحيہ ٽوٽڪن جو ڪتاب '**ملان دوپيازي ۽ بيربل جا ڀوڳ**' (2007ع)، '**ملان نصير الدين جا مزاحيہ قصا**' (2007ع) '**ڳجهارتون ۽ پروليون**' (2014ع)، **انگلش ڪنورسيشن فار اسٽوڊنٽس**' (2015ع)، '**انگلش ٽيچر**' (2015ع)، '**قرآن بابت معلومات**' (2015ع)، '**عالمي معلومات**' (2015ع) شامل آهن.

**انور سومري** جو پورو نالو **انور حسين سومرو** آهي، سندس جنم 16 نومبر 1969ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. هن پرائمري کان مئٽرڪ تائين تعليم مسلم اسڪول مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ انٽر ۽ بي. اي سچل ڪاليج ڪاليج مان ڪيائين. هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

## **انور هالائي:**

سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر **انور هالائي** اپريل 1975ع کان سنڌي ادبي بورڊ جي ٻارن جي ماهوار رسالي **’گل ڦل‘** جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. انور هالائي پنهنجي محنت سان **’گل ڦل‘** کي سنڌ جي ٻارڙن ۾ تمام گهڻو مقبول ڪيو ۽ نوجوان ليکڪن کي لکڻ لاءِ همٿايو. **انور هالائيءَ** جي دور ۾ **ادل سومري، نياز پنهور، ذوالفقار سيال، اياز گل، مختيار ملڪ، نصير مرزا، زاهد شيخ** ۽ ٻين ٻارن لاءِ تمام گهڻو لکيو. سندن اهي ئي لکڻيون بعد ۾ ڪتابي صورتن ۾ پڻ ڇپيون. **انور هالائيءَ** وارو **’گل ڦل‘** جو دور سونهري دور ليکيو وڃي ٿو.

**انور هالائيءَ** جو اصل نالو **محمد شفيع ابڙو** هو جنهن 11 ڊسمبر 1925ع تي **احمد خان ابڙي** جي گهر ۾ هالن ۾ جنم ورتو. **انور هالائي** بنيادي طور شاعر هو سندس شعرن جو مجموعو **’چنڊ جون ڪلائون‘** سنڌي ادبي بورڊ ڄان شوري ڀاران 1992ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن 12 جنوري 1995ع تي وفات ڪئي.

## **اياز پاتولي:**

سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ غير معمولي ڪم ڪندڙن ۾ **اياز پاتوليءَ** جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ جڏهن مجموعي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ کي نقصان ٿيو تڏهن ٻارن لاءِ لکندڙ ڪيترن ئي اديبن جي هندستان لڏي وڃڻ ڪري، ٻارن لاءِ لکڻ ۽ اشاعتي ڪمن جو سلسلو پڻ بند ٿي ويو. اهڙي صورتحال ۾ **غلام مرتضيٰ پٺي، مقبول پٺي** ۽ **اياز پاتولي** ئي هئا، جن مختلف اشاعتي ادارا قائم ڪري، ٻارن جي ادب جي کوٽ جو پورائو ڪيو. **اياز پاتولي** ٻه **’اداره گلشن ادب‘** ۽ **’بزم گلشن سنگت‘** جو قيام عمل ۾ آڻي، ٻيهر سنڌي ٻاراڻي ادب کي جياريو.

**اياز پاتوليءَ** 1943ع ڏاري ٽنڊي محمد خان ۾ ڄائو. سندس اصل نالو **محمد هاشم پاتولي** آهي، پر هن 1954ع کان '**اياز پاتوليءَ**' جي نالي سان لکڻ جي شروعات ڪئي. ابتدا ۾ **اياز پاتوليءَ** جو لاڳاپو ٻارڙن جي ادبي تنظيم '**ٻارن جي محفل**' سان رهيو. هن جنوري 1957ع ۾ '**اداره گلشن ادب**' جو قيام عمل ۾ آڻي، ان جي پليٽ فارم تان ٻاراڻا اشاعتي سلسلا جاري ڪرڻ شروع ڪيا. بعد ۾ جولاءِ 1960ع ۾ '**بزم گلشن ادب**' جو بہ قيام عمل ۾ آندائين. هن '**اداره گلشن ادب سنڌ**' پاران ٻارن لاءِ تقريباً 300 کان وڌيڪ ڪتاب شايع ڪرايا.

**اياز پاتولي** سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ مسلسل 51 سال محنت ڪئي آهي. مختلف رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن ۾ سندس ڇپيل مواد تمام گهڻو آهي. هن نہ رڳو ٻارن لاءِ لکيو آهي پر '**اداره گلشن ادب**' ٽنڊي محمد خان طرفان ڪيترائي نوان اديب ۽ شاعر پڻ متعارف ڪرايا آهن. هن وقت هُو ٽنڊي محمد خان شهر ۾ رهائش پذير آهي ۽ پنهنجو هڪ پسارڪو دڪان هلائي رهيو آهي. ٻارن لاءِ سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل ۽ سهيڙيل آهن.

## بنسي مالهي:

عمرڪوٽ مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي '**پوپٽ**' جو چيف ايڊيٽر **بنسي مالهي** 15 جولاءِ 1975ع تي عمرڪوٽ ۾ ڄائو. **بنسي** پرائمري کان انٽر تائين جي تعليم عمرڪوٽ مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سوشيالاجيءَ ۾ ماسٽرس ڪيائين.

هن سيپٽمبر 1998ع ۾ عمرڪوٽ مان ٻارن جو علمي ادبي رسالو '**پوپٽ**' شايع ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جا 2001ع تائين 9 پرچا شايع ٿي سگهيا. **بنسي مالهي** ان دوران عمرڪوٽ ۾ مختلف اخبارن جو رپورٽر رهيو جڏهن تہ هو عمرڪوٽ پريس ڪلب جي صدر طور پڻ خدمتون

سرانجام ڏيئي چڪو آهي. سال 2002ع ۾ هن سماجي شعبي ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هن وقت تائين سماجي ۽ ترقياتي شعبي سان لاڳاپيل آهي.

**ٽيڪم ميگهواڙ:**

عمرڪوٽ مان شايع ٿيندڙ ٻارڙن جي مقبول رسالي سلسليوار '**سُرهاڻ**' جي ايڊيٽر **ٽيڪم ميگهواڙ** 5 جون 1987ع تي عمرڪوٽ جي ڳوٺ رتنور تڙ ۾ **پنهون ميگهواڙ** جي گهر ۾ ڄائو. هن پرائمري ۽ مڊل تائين تعليم ڳوٺ ڪاروڙو سيد مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ مئٽرڪ ۽ انٽر عمرڪوٽ ۾ ڪيائين. **ٽيڪم ميگهواڙ** ٻارن لاءِ شاعري ۽ ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن، جڏهن تہ هن وقت هو صحافت جي شعبي سان لاڳاپيل آهي ۽ ڪيترن ئي ادارن ۾ صحافتي فرائض سرانجام ڏيئي چڪو آهي.

**پروانو سيوهاڻي:**

**پرواني سيوهاڻيءَ** جون سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ تمام گهڻيون خدمتون آهن. هن سيوهڻ مان 1975ع ڌاري استاد بخاريءَ جي تجويز تي '**سرهاڻ**' نالي سان ٻارن جي هڪ اشاعتي اداري جو قيام عمل آڻ آندو جتان '**سرهاڻ**' نالي سان ٻارن جو رسالو ۽ ٻيا ٻارن لاءِ 15 کن ڪتاب شايع ڪرايا ويا. رسالي جا 180 کان مٿي پرچا منظر عام تي آيا. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ '**ٽياسي جا ٽي ناٽڪ**'، '**پکين جي ديس ۾**' (ناٽڪ)، '**تماشو**' (ڪهاڻيون)، '**هل تہ هلون چنڊ تي**' (ناول)، '**ٻارن جا گيت**' (شاعري)، '**منهنجون يادون منهنجو ننڍپڻ**' (آتم ڪهاڻي)، '**اڏام**' (ڪهاڻيون)، '**ڌرتيءَ جو تارو**' (ناٽڪ)، '**خيرو خيالي** (ڪهاڻيون)، '**انڌي فقيرياڻي**'، (ڪهاڻيون) ۽ **سهڻي صلاح**' ذڪر لائق آهن.

پرواني سيوهاڻيءَ جو اصل نالو **منظور احمد سومرو** آهي، جيڪو 21 جو لاءِ 1958ع تي سيوهڻ ۾ ڄائو. سندس تعليم ايم اي آهي ۽ هو هن

وقت سيوهڻ ۾ پرائمري استاد آهي. ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتن عيوض ڪيس **سنڌي لئگئيج اٿارٽي، سنڌي ادبي سنگت، روشن تارا هاءِ اسڪول** ۽ ٻين ادارن ۽ تنظيمن پاران ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

## جڳمال مالهاڻي:

**جڳمال مالهاڻي** ٻارن جو رسالو ٽماهي **'موتي هن مهراڻ جا'** سال 2008ع ۾ عمرڪوٽ مان شايع ڪيو. جيڪو ٻارن ۾ تمام گهڻو مشهور ٿيو.

**جڳمال مالهاڻي** 1982ع ۾ عمرڪوٽ جي ڳوٺ امر سنگهه ۾ ڄائو. هن پرائمري، ميٽرڪ ۽ انٽر تائين تعليم عمرڪوٽ مان حاصل ڪئي جڏهن ته گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ڪيائين. جڳمال مالهاڻي ٻاراڻي ادب جو ليکڪ هجڻ سان گڏ سماجي ڪارڪن پڻ آهي.

## خادم سيلرو:

**خادم سيلري** جو تعلق شهدادڪوٽ شهر سان آهي. هو 1999ع ۾ شهدادڪوٽ مان شايع ٿيندڙ رسالي **'ڪوٽوموٽو'** جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ شامل رهيو. جڏهن ته 2007ع ۾ شهدادڪوٽ مان ٽي ٻارن جو رسالو **'سائنٽيفڪ مئگزين'** پڻ جاري ڪيائين. ان کان سواءِ هو ٻارن جي رسالن **'روشن دنيا'، 'گلڙا'، 'سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن'** ۽ ٻين ۾ ٻارن لاءِ شعر ۽ ڪهاڻيون پڻ لکندو رهيو آهي.

**خادم حسين ولد امير بخش سيلرو** 16 فيبروري 1983ع تي شهدادڪوٽ جي باقر آباد محلي ۾ ڄائو. پرائمريءَ کان وٺي انٽر تائين جي تعليم شهدادڪوٽ مان ٽي حاصل ڪيائين، جڏهن ته اعليٰ تعليم لاءِ حيدرآباد منتقل ٿيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ماسٽرس ڪيائين. ان دوران هو سنڌي ٻوليءَ جي مختلف اخبارن ۽

رسالن سان پڻ وابستہ رهيو. هن وقت حيدرآباد مان رهائش پذير آهي ۽ هڪ روزاني سنڌي اخبار سان واڳيل آهي. هو **خادم علي 'محسن'** ۽ **خادم علي 'ساحر'** جي نالن سان پڻ لکندو رهيو آهي.

**خالد آزاد:**

**خالد آزاد**، سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ ٻارن جي مختلف رسالن جو ايڊيٽر، اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ سب ايڊيٽر رهيو آهي. هو سڀ کان پهرين 1995ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي **'گلستان'** جو سب ايڊيٽر رهيو. بعد ۾ 1997ع ۾ حيدرآباد جي ٿي هڪ ٻئي رسالي **'سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن'** ۾ ڪم ڪيائين، جڏهن تہ 1998ع ۾ ٻيهر ماهوار **'گلستان'** جو اسسٽنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو. 1999ع ۾ هن **حزب الله ساگر سمي** سان گڏ نيوسعيد آباد مان ٻارن جي پندرهن روزه اخبار **'سنڌ سرهاڻ'** جاري ڪئي. سال 2005 ۾ **سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ** پاران ٻارن جي رسالي **'چنڊ ستارا'** کي شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو تہ کيس ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو پر رسالو شايع نہ ٿي سگهيو. **خالد آزاد** سال 2008ع ۾ ٻارن جي رسالي **'اداسائين'** جو ايڊيٽر، 2015ع ۾ ٻارن جي رسالي **'ٻارن جي سنگت'** جو ايڊيٽر ۽ سال 2016ع ۾ ٻارن جي رسالي **'مٺڙا ٻار'** جو جوائنٽ ايڊيٽر بہ رهيو آهي. ان کان سواءِ **خالد آزاد** سنڌي ادبي بورڊ جي ٻارڙن جي ماهوار رسالي **'گل ڦل'**، ٽنڊي جام مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي **'گلڙا'** ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي **'ساٿي'** جي صلاحڪاري ۽ ايڊيٽوريل بورڊن جو ميمبر پڻ رهيو آهي.

**خالد آزاد** 1 جنوري (اسڪول سرٽيفڪيٽ مطابق 23 جنوري) 1978ع تي ڳوٺ جلال وگهيي، ٽپال گهر مسو ڀرڳڙي، تعلقي حيدرآباد ۾ ڄائو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم مسوڀرڳڙيءَ مان حاصل ڪيائين. 1994ع ۾ مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ 1996ع ۾ ڊگري ڪاليج ٽنڊي ميرمٺياريءَ مان انٽر جو

امتحان پاس ڪيائين. بعد ۾ هن بي اي ۽ ايم اي (سنڌي ادب) جو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيو. سال 2000ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ ڀرتي ٿيو جتي ٻارن جي ادب جي شعبي جي انچارج سميت مختلف ذميوارين نڀائيندو رهيو آهي. هن وقت پبليڪيشن ۽ پراڊڪشن بيورو ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

خالد آزاد کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب ۾ خدمتن عيوض دعوه اڪيڊمي بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي، اسلام آباد پاران **'نشان اعزاز'** سان گڏ سنڌ چلڊرن اڪيڊمي خيرپور، سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت مورو، نت کٽ گروپ آف پبليڪيشن حيدرآباد، ماهوار ساٿي حيدرآباد، روشن دنيا ٻالڪ سنگت، هيومن ڊيولپمينٽ ايسوسيئشن حيدرآباد، ملير اسٽوڊنٽس ائنڊ رائيٽرز فورم ڪراچي، مونو پبلڪ انگلش هاءِ اسڪول حيدرآباد، پيرل قمبر ادبي سنگت شهدادڪوٽ، اداره تعليم و آگاهي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس اسلام آباد، خالقيہ اڪيڊمي لاهور ۽ ٻين ادارن پاران ايوارڊ ڏنا ويا آهن. ٻارن جي ادب کان سواءِ **خالد آزاد** جا ٻيا ڪتاب، تحقيقي مقالا، خاڪا ۽ مضمون بہ شايع ٿيل آهن.

**خالد ڀٽي:**

مشهور ليکڪ ۽ ترجمي نگار **خالد ڀٽي** شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي چئن رسالن رسالن جو ايڊيٽر- چيف ايڊيٽر رهيو آهي. هو سڀ کان پهرين 1992ع ۾ شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي بہ ماهي **'گلڙا'** جو ايڊيٽر ٿيو جنهن کان پوءِ سال 1999ع ۾ شڪارپور مان ئي شايع ٿيندڙ ٻارن جي هڪ ٻئي رسالي ماهوار **'خرچي'** جو ايڊيٽر، سال 1999ع ۾ ئي ٻارن جي هڪ ٻئي رسالي **'سونهن'** جو چيف ايڊيٽر ۽ سال 2000ع ۾ شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي **'سنگتي'** جو ايڊيٽر رهيو آهي.

**خالد ڀٽيءَ جو پورو نالو خالد سيف الله ولد محمد مراد ڀٽي آهي.** هو 1 سيپٽمبر 1968ع تي شڪارپور شهر ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمريءَ کان انٽر تائين جي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ ايم.اي اسلامڪ ڪلچر ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽيءَ خيرپور ميرس مان ڪيائين. هن لکڻ جي شروعات 1989ع کان ڪئي. ٻارن لاءِ سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل ۽ ترجمو ڪيل آهن. ٻاراڻي ادب ۾ خدمتن عيوض کيس **’ساٿي رائيٽرس ايوارڊ‘** ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيلڊون پڻ ملي چڪيون آهن.

خالد ڀٽي شڪارپور ۾ رهائش پذير آهي ۽ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي.

## خان محمد ’خاطي‘ ڪيريو

**خان محمد خاطي ڪيريي** سال 2010ع ۾ ضلعي سانگهڙ جي شهر چوڏڳيءَ مان ٻارن جو سلسليوار رسالو **’چنڊ‘** شايع ڪرڻ شروع ڪيو. هي رسالو ضلعي سانگهڙ سميت، سنڌ جي ٻين شهرن ۾ پڻ گهڻو مشهور ٿيو.

**خان محمد ولد خير محمد ڪيريي** جو تخلص **’خاطي‘** آهي، جيڪو ڳوٺ غلام ڪيريي لڳ سرهاڙي، تعلقي شهدادپور ۾ 22 فيبروري 1968 تي ڄائو. سندس سڃاڻپ شاعر ۽ صحافي طور آهي. هن ايم اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۽ ايف اي (زراعت) سڪرنڊ A.T.I مان ڪئي. سندس لکڻيون شاعري، مضمون، انٽرويوز، سروي رپورٽون، خط ۽ مقالا مختلف سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ سندس ٻيا بہ ڪتاب شايع ٿيل آهن. هو سنڌي ادبي سنگت چوڏڳي جو باني هئڻ سان گڏ ڪيترن ئي علمي، ادبي،سماجي ۽ مذهبي تنظيمن سان لاڳاپيل آهي.

## روشن برهماڻي:

**روشن برهماڻي** ٻارن جي مقبول رسالي ماهوار ’سجاڳيءَ‘ جو چيف ايڊيٽر رهيو آهي، جيڪو حيدرآباد مان، ٻارن جي علمي، ادبي ۽ سياسي آبياريءَ لاءِ قائم ڪيل تنظيم **’سجاڳ ٻار تحريڪ‘** جي سهاري هيٺ نومبر 2008ع کان شروع ڪيو ويو. هي رسالو 2010ع تائين باقاعده شايع ٿيندي رهڻ کان پوءِ بند ٿي ويو.

**روشن برهماڻي** 25 جولاءِ 1966ع تي ڳوٺ **دودي برهماڻي** لڳ واهي پانڌي تعلقي جوهي ضلعي دادوءَ ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي جڏهن ته ميٽرڪ واهي پانڌي مان، انٽر جوهي مان ۽ ايم اي پوليٽيڪل سائنس ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي. **روشن برهماڻي** روزاني ڪاوش، ايڪسپريس نيوز ۽ ٻين اخبارن سان لاڳاپيل رهيو ۽ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي مسئلن تي لکندو رهيو آهي. **روشن برهماڻي** سنڌ جي وطن دوست سياسي پارٽي **’قومي عوامي تحريڪ‘** جو مرڪزي اڳواڻ پڻ رهي چڪو آهي ۽ ان ذميداريءَ هيٺ هن سجاڳ ٻار تحريڪ جي پليٽ فارم تان ٻارن جو هي مشهور رسالو شايع ڪيو.

## رميش راجا بي ايم:

**رميش راجا بي ايم** ڏهرڪيءَ مان ٻارن لاءِ علمي ادبي رسالا **’نئين لاٽ‘** ۽ **’سنڌڙي‘** شايع ڪيا ۽ بعد ۾ هُو ٽنڊي جام مان شايع ٿيندڙ **’روشن دنيا‘** جو سب ايڊيٽر پڻ رهيو.

**رميش راجا بي ايم** 8 فيبروري 1982ع تي ڳوٺ بشير آباد تعلقي ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم ڳوٺ بشير آباد، ميٽرڪ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول اوباوڙو ۽ ايم تائين تعليم

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميرپور ماٿيلي مان حاصل ڪيائين. بعد ۾ هن ايل ايل بي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪئي. رميش راجا لکڻ جي شروعات 1999ع کان ڪئي ۽ مسلسل لکندو رهيو. هن وقت هو ڏهرڪي ۾ آواز ٽي ويءَ جي رپورٽر جا فرض نڀائي رهيو آهي.

## زبير سومرو:

زبير سومرو خيرپور ميرس مان 2001ع ۾ شايع ٿيل ٻارن جي رسالي **'سوچ'** جو ايڊيٽر رهيو آهي. هن رسالي جا 2001ع ۾ ٽي ٻه شمارا شايع ٿيا. بعد ۾ زبير سومرو ڪيترو ئي عرصو ٽنڊي ڄام مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي مقبول رسالي **'روشن دنيا'** جو ايڊيٽر رهيو. ان کان سواءِ **زبير سومري** سنڌ مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي ڪيترن ئي رسالن ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي ٻارن ۾ ڪافي مقبول ٿيون. ٻارن لاءِ موضوعاتي لطيفن تي ٻڌل سندس هڪ ڪتاب **'مواليِن جي پنگتي'** پڻ شايع ٿيل آهي. **زبير سومرو 'روشن ٻالڪ سنگت'** جي خيرپور يونٽ جو صدر پڻ رهيو آهي.

**زبير سومرو** 1 جون 1986ع ۾ ڳوٺ ڳاڙهي موري تعلقي ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. هن پرائمري تعليم کان وٺي انٽر تائين تعليم خيرپور ميرس شهر مان حاصل ڪئي. بعد ۾ هن عملي صحافت ۾ حصو ورتو ۽ سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ ٽي وي چينلن جو خيرپور ۾ رپورٽر رهيو. هن وقت ٻه صحافت جي شعبي سان لاڳاپيل آهي.

## زوار نقوي:

ناميارِي ليکڪ **سيد زوار حسين شاهه نقويءَ** جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌ ويجهه ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. هن 1978ع ڌاري ٻارن لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو **'ٻارن جي محفل'** جي نالي سان شروع ڪيو جنهن جا

چار پرچا شايع ٿيا. هن 80ع واري ڏهاڪي ۾ روزاني **آفتاب اخبار** جي ٻاراڻي صفحي **'ٻارن جي دنيا'** ۾ ٻارن لاءِ تمام گهڻو لکيو ۽ ان نالي سان نهنڊڙ تنظيم ۾ پڻ وڏو ڪردار ادا ڪيو. **زوار نقوي،** آغا قيوم جي ٻالڪ ڪتابي سلسلي **'لالي'** ۾ پڻ معاون ۽ مددگار رهيو. هن سال 1980ع ۾ **'ٻارن جي محفل'** نالي ٻارن جي علمي ادبي تنظيم جو بنياد وڌيو جيڪا سڄيءَ سنڌ ۾ هڪ تحريڪ جي شڪل ۾ اڀري آئي. زوار نقوي سال 2000ع ۾ ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي **'ٻارن جي دنيا'** جو ايڊيٽر رهيو. ان دوارن هن رسالي کي سڄيءَ سنڌ جي ٻارن تائين پهچايو.

**زوار نقويءَ** جو تعلق جهانيان جي سادات گهراڻي سان آهي. هن 15 جنوري 1962ع تي **سيد ويڏل شاهه** جهانيان جي گهر، ٽنڊي جهانيان حيدرآباد ۾ جنم ورتو. زوار نقويءَ پرائمري تعليم ٽنڊي جهانيان مان ٿي حاصل ڪئي. جڏهن تہ مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول مان 1977ع ۾ انٽر ۽ بي. اي سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان ۽ ايم. اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪرڻ کانپوءِ سنڌ لا ڪاليج مان ايل. ايل. بي ڪيائين. هو پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏيڻ بعد ليڪچرار مقرر ٿيو. ان کانپوءِ اسسٽنٽ پروفيسر، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ريجن ۽ ڊي. او ايليمينٽري ڄامشورو، ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن ٿرپارڪر، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز ميرپورخاص ريجن، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري جو ڪجهه سال سيڪريٽري بہ رهيو.

زوار نقويءَ جا سنڌي ادب جي ٻين شعبن ۽ صنفن ۾ ڪيترائي ڪتاب، ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيل آهن.

### سرفراز عباسي:

**سرفراز عباسي** ٻارن جي مشهور رسالي **'روشن راهہ'** جو ايڊيٽر رهيو آهي، جيڪو 1999ع ۾ ڀهرين نئين ديري ۽ بعد ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. هي رسالو 2003ع تائين لڳاتار شايع ٿيندو رهيو ۽ پوءِ بند ٿي ويو.

**سرفراز عباسيءَ** جو اصل نالو **اقبال حسين عباسي** آهي، جيڪو 5 مئي 1980ع تي ڳوٺ نئون شهر تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جائو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ نئين شهر مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ انٽر تائين تعليم نئين ديري مان حاصل ڪيائين. اهڙي ريت بي ڪام لاڙڪاڻي مان جڏهن تہ ايم اي اڪنامڪس ۾ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪيائين.

سرفراز عباسي روزاني **'برکا'** جو چيف ايڊيٽر، روزاني **'جاکوڙ'** جو ايڊيٽر، روزاني **'سچ'** اخبار جو ايڊيٽر ۽ روزاني **'نئون سچ'** اخبار جو نيوز ايڊيٽر رهڻ کان پوءِ هن وقت روزاني **'لوڪ'** اخبار جو چيف ايڊيٽر ۽ ماهوار **لوڪ** رسالي جو ايڊيٽر ۽ پبلشر آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

### سرمد قريشي:

**سرمد قريشي** 2004ع ۾ سجاول، ضلعي ٺٽي مان ٻارن لاءِ هڪ رسالو **'معصوم مُرڪ'** شايع ڪيو جنهن جا ٽي پرچا شايع ٿي سگهيا. 32 صفحن تي ٻڌل هي رسالو استار پريس، سجاول مان شايع ٿيندو هو.

**سرمد قريشي** 22 مئي 1990ع تي سجاول شهر، ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. هن شروعاتي ۽ سيڪنڊري تعليم ٺٽي مان حاصل ڪئي، ۽ اعليٰ ثانوي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي. **سرمد قريشيءَ** جون ٻارن لاءِ لکيل آکاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. ماهوار **'ادا سائين'** ۾ سندس آکاڻيون گهڻيون مقبول ٿيون.

## سڪندر سرواڻ:

**سڪندر سرواڻ**، 1989ع ۾ ٻارن لاءِ ڪراچيءَ مان **'مرڪ'** نالي سان هڪ رسالو شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو هڪ وڏي عرصي تائين شايع ٿيندو رهيو. اهڙي ڪم تي ميجتا طور سنڌي ادبي سنگت پاران ڪيس سند بہ ملي چڪي آهي.

**سڪندر سرواڻ** جو اصل نالو **سڪندر علي سومرو** آهي. هن 1976ع ۾ ٻارن لاءِ نظم لکي ادب ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي. هن ٻارن لاءِ 300 کان وڌيڪ نظم لکيا آهن. **'سرها گل ساٿيھ جا'** سندس ٻارڙن لاءِ شاعري جو مجموعو ڇپجي چڪو آهي، جنهن کي سال 1992ع جو بهترين ڪتاب سمجهندي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ايوارڊ بہ ڏنو ويو.

سڪندر سرواڻ 22 جون 1957ع تي ڳوٺ هيري خان، لڳ جوهيءَ ۾ پيدا ٿيو. 1982ع کان ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ کان پنهنجي ڪيريئر جو آغاز ڪيائين. 2 سال اردو رسالي **'ٽوٽ بٽوٽ'** جي سنڌي حصي جو انچارج پڻ رهيو آهي. ٻاراڻي ادب ۾ سندس خدمتون وسارڻ جهڙيون نہ آهن.

## سميع 'ساجد' جوڻيجو:

شاعر ۽ ليکڪ **سميع ساجد جوڻيجو** ڳڙهي ياسين مان ٻارن لاءِ شايع ٿيندڙ ٻارڙن جي رسالي **'پوپٽ'** جو ايڊيٽر رهي چڪو آهي. ان کان سواءِ ٻارن لاءِ سندس گيتن ۽ نظمن جو مجموعو ۽ ٻارن لاءِ ٻيا لاتعداد شعر لکيا اٿس.

**سميع ساجد** پهرين اپريل 1963ع تي شڪارپور ضلعي جي تعلقي ڳڙهي ياسين جي هڪ تاريخي ڳوٺ نم شريف ۾ ڊاڪٽر غلام

سرور 'حاذق' جوڻيجي جي گهر ۾ ڄائو. هن لکڻ جي شروعات 1978ع کان ٻاراڻي شاعري سان ڪئي. سندس تعليمي قابليت بي ايڊ، ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) آهي ۽ هُو پيشي جي لحاظ کان سنڌ جي تعليم کاتي سان وابسته آهي. هن وقت رتيديري ۾ رهائش پذير آهي. کيس ادبي خدمتن تي ڪيترائي ايوارڊ سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ملي چڪيا آهن.

**سنڌ سونيتي پنهور:**

**سنڌ سونيتي پنهور** سنڌ جي ناميارې محقق ۽ اديب سليم پنهور لطيفيءَ جي نياڻي آهي، جيڪا ڄامشوري مان 2004ع کان وٺي 2005ع تائين شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي **'اندلٺ'** جي ايڊيٽر رهي چڪي آهي. **سنڌ سونيتي پنهور** 9 آڪٽوبر 1991ع تي ڪراچي ۾ ڄائي. هن پرائمري کان وٺي مئٽرڪ تائين جي تعليم سکر، حيدرآباد ۽ ڄامشوري جي مختلف اسڪولن مان حاصل ڪئي، جڏهن ته بعد ۾ پيپلز يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنس نواب شاهه مان ڊاڪٽريءَ جي ڊگري پاس ڪيائين، اهڙيءَ ريت هو لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ۾، ڊرمونالاجيءَ ۾ ڊپلوما پڙهي ڪري رهي آهي. هوءَ هن وقت ڄامشوري ۾ رهندڙ آهي.

**سهيل احمد ڪنير:**

**سُهيل احمد ڪنير** عمرڪوٽ مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي ٽماهي رسالي **'پنکڙيون'** جو ايڊيٽر آهي، جڏهن ته ٻارن جي علمي ادبي تنظيم **پنکڙيون ٻالڪ ادبي فورم** جو سرپرست آهي. هن 2014ع ۾ عمرڪوٽ مان ٽه ماهي **'پنکڙيون'** شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو اڃا تائين ڇپجي رهيو آهي.

**سهيل احمد ڪنير** 29 ڊسمبر 1993ع تي ڳوٺ ڪيجراڙي، تعلقي

عمرڪوٽ ۾ ڄائو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ مئٽرڪ هاءِ اسڪول عمرڪوٽ مان ۽ انٽر ڪائنات پبلڪ ڪاليج عمرڪوٽ مان ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪري رهيو آهي.

پنڪڙيون ميگزين جي مارڪيٽ ۾ اچڻ کانپوءِ پوءِ هن مزدوري ڪندڙ ٻارن جي مالڪي ۽ ٻارن جي حقن جي جدوجهد جي لاءِ هڪ فورم '**پنڪڙيون ٻالڪ ادبي فورم**' نالي سان قائم ڪيو جنهن فورم تحت ٻارن جي عالمي ڏينهن ۽ ٻين موقعن تي ننڍڙا پروگرام ڪرائي، ٻارن جي حقن جي لاءِ آواز اٿاريو آهي. ان سان گڏ هڪ اسٽڊي سرڪل بہ قائم ڪيو ويو آهي جتي دوستن کي ادب جي مطالعي لاءِ ڪتاب ڏنا ويندا آهن. پنج ڪتاب پڙهي ان کي سمجهندڙ دوست کي فورم جو ميمبر ڪيو ويندو آهي.

**شاهنواز ٽالپر:**

**مير شاهنواز ٽالپر** ٻارن جي مشهور رسالي '**روشن دنيا**' جو چيف ايڊيٽر رهيو آهي، جيڪو 1997ع ۾ ٽنڊي ڄام مان جاري ٿيو. هن رسالي جا مسلسل 39 شمارا شايع ٿيا، بعد ۾ رسالو بند ٿي ويو. هن وقت **شاهنواز ٽالپر** ساڳئي نالي سان ٻارن لاءِ اخبار شايع ڪري رهيو آهي، جيڪو سلسلو اڃا بہ جاري آهي. ماهوار '**روشن دنيا**' ٻارن جو انتهائي مقبول رسالو رهيو آهي، جنهن جي سهاري هيٺ ٻارن جي علمي ادبي تنظيم '**روشن دنيا ٻالڪ سنگت**' پڻ قائم ڪئي ويئي.

شاهنواز ٽالپور 10 فيبروري 1963ع تي ٽنڊي ڄام شهر جي ٽالپور ڳوٺ ۾ ڄائو. پرائمري ۽ ميٽرڪ تائين تعليم ٽنڊي ڄام، جڏهن تہ انٽر ۽ بي اي ٽنڊي الهيار مان ڪيائين. 1979ع ۾ عملي طور تي صحافتي شعبي سان منسلڪ ٿي ويو ۽ هن وقت تائين هو ٽنڊي ڄام ۾ جنگ ۽ جيو نيوز ۾ صحافتي فرض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. **شاهنواز ٽالپر** روشن دنيا

رسالي جي پليٽ فارم تان سنڌ جي ڪيترن ئي ليکڪن جا ڪتاب پڻ شايع ڪرايا ۽ روشن **'دنيا ٻالڪ سنگت سنڌ'** جو سرپرست پڻ رهيو آهي.

## شبير ساگر:

**شبير ساگر** ٻارن جو مشهور رسالو **'گلڙا'** 1997ع ۾ ٽنبدي ڄام مان شايع ڪيو جيڪو لڳاتار 2003ع تائين شايع ٿيندو رهيو ۽ پوءِ بند ٿي ويو. هن رسالي پاران ٻارن جي علمي ادبي تنظيم **گلڙا سنگت** پڻ قائم ڪئي وئي.

**شبير ساگر** 22 جنوري 1971ع تي ڪوٽ عالمو تعلقي سجاول ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. سندس تعليم ايم اي آهي. هن 1981ع ۾ ٻارن جي رسالي **'گل ڦل'** کان لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ٻارن جي رسالن **گل ڦل، گلڙا، ٻالڪ رنگ، ساٿي، سنڌي ٻارڙا** ۽ ٻين ۾ شايع ٿينديون رهيون. **شبير ساگر 'گلڙا'** رسالي کان اڳ ٽنبدي ڄام مان **'ناياب'** نالي پڻ ٻارن جو رسالو شايع ڪيو. هو پندرهن روزه **'عبرت ميگزين'** جو پڻ اسسٽنٽ ايڊيٽر رهيو آهي. ٻارن جي ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ شيلڊون پڻ ملي چڪيون آهن. هن وقت سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استاد طور خدمتون ڏيئي رهيو آهي.

## شوڪت حسين شورو:

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب **شوڪت حسين شورو،** سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي **'گل ڦل'** جو ايڊيٽر رهيو آهي. سال 1966ع ۾ سنڌ سرڪار جي اطلاعات کاتي ڪن قانوني پيچيدگين جا سوال اُٿاري **'گل ڦل'** جي ڊڪليئريشن رد ڪري ڇڏي. ان ڪري **'گل ڦل'** 1966ع کان وٺي 1973ع تائين سانده ست سال بند رهيو. 1974ع ۾ جڏهن نئين ڊڪليئريشن سان **'گل ڦل'** جو ٻيهر جنم ٿيو ته **شوڪت حسين شورو** ان جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. **شوڪت حسين**

شوري صاحب جي سڀ کان پهرين ڪوشش **’گل ڦل‘** کي ريگيولر ڪرڻ جي هئي، جنهن ۾ هو گهڻي ڀاڱي ڪامياب ويو. شوري صاحب پنهنجي محنت سان ٻن سالن اندر **’گل ڦل‘** کي سنڌ جي ٻارن تائين پهچايو ۽ هن رسالي کي نئون جنم ڏنو.

**شوڪت حسين شوري** جو جنم 4 جولاءِ 1947ع تي ٺٽي ضلعي جي تعلقي سجاول جي ننڍڙي ڳوٺ حاجي نور محمد شوري ۾ ٿيو. هن پنهنجي پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان سجاول مان پاس ڪيائين. 1966ع ڌاري سچل آرٽس ڪاليج، حيدرآباد مان بي. اي (پاس) ۽ 1968ع ۾ سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽي مان ماسٽرز جي ڊگري حاصل ڪئي.

هن لکڻ جي شروعات شاگردي واري دور 1964ع ۾ ڪئي. ٻارن لاءِ سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ مضمون ماهوار **گل ڦل** ۾ ڇپيا. سنڌي ادب جي ٻين شعبن ۾ سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن، جڏهن ته سندس ڪيترائي ڊراما ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي نشر ٿيل آهن. هو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر رهڻ سميت ٻين مختلف عهدن تي پڻ رهيو آهي. سنڌي ادبي ۾ سندس خدمتن عيوض کيس ڪيترائي ايوارڊ مليل آهن.

## شيوڪ ڀوڄراج دادا:

ورهاڱي کان اڳ، ڪراچيءَ مان، سنڌيءَ ۾ ٻارن جو پهريون معياري رسالو **’گلستان‘** شايع ڪندڙ ۽ ٻارن جي پهرين تنظيم ’ٻالڪن جي ٻاريءَ‘ جو بنياد وجهندڙ دادا شيوڪ ڀوڄراج، 1 آڪٽوبر 1906ع تي لاڙڪاڻي ۾ جائو. هن پنهنجي اسڪولي تعليم لاڙڪاڻي، سکر ۽ ڪراچيءَ جي مختلف اسڪولن مان حاصل ڪئي. دادا شيوڪ ننڍي

هوندي ڪان ئي مهاتما گانڌي ڪان متاثر هو ۽ هن شاگرديءَ واري زماني ڪان ئي سياسي تحريڪن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو.

**دادا شيوڪ ڀوڄراج** 1923ع ڌاري سنڌ ۾ '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جو بنياد وڌو جيڪا پوءِ 1926ع تي باقاعدي هڪ تنظيم جي شڪل ۾ سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي وئي. (**وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو 'ٻالڪن جي ٻاري، جلد ٽيون'**). هن '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جي سهاري هيٺ 1933ع ۾ ٻارن جو رسالو '**گلستان**' جاري ڪيو. 1934ع ۾ **دادا شيوڪ ڀوڄراج** سنڌ ڇڏي ممبئي هليو ويو. جتي پڻ هن '**ٻالڪن جي ٻاري**' جو ڪم جاري رکيو ۽ ان کي سڄي هندستان ۾ ڦهلايائين. دادا جي ممبئي لڏي وڃڻ کان پوءِ دادي **پاروتي گدواڻي** سنڌ ۾ ٻالڪن جي ٻاريءَ کي متحرڪ ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ دادا شيوڪ، '**گل ڦل**' جي تڏهوڪي ايڊيٽر ۽ ناميار اديب **غلام رباني آگري** سان رابطي ۾ رهيو ۽ ٻالڪن جي ٻاري بابت مضمون لکي گل ڦل ۾ ڇپائيندو رهيو. ٻارن سان پيار ۽ سندس ڪم کي ڏسي سنڌ توڙي هند ۾ ٻارن جون تنظيمون قائم ٿيو ۽ ٻارن جي ادب توڙي غير نصابي سرگرمين جي حوالي سان هڪ ماحول پيدا ٿيو.

**دادا شيوڪ ڀوڄراج** جي تعليم بي اي تائين هئي. بنيادي طور تي نثر نويس هو ۽ سندس تخلص '**ڪٽڪپيتو**' هو. دادا شيوڪ ڀوڄراج جا نثر ۾ ٻه آتم ڪٿائي ناول '**آشيرواد**' 1933ع ۽ '**دادا شيام**' 1934ع پڻ ڇپيا. سندس ناولن جا مکيه ڪردار اسڪولي ماستر هئا. دادا شيوڪ اخبار نويس به رهيو ۽ ورهاڱي بعد هند ۾ سماجي ڪارڪن ۽ اڳواڻ طور به مشهور ٿيو. سندس لاڏاڻو 1 مارچ 1988ع تي ممبئي، هندستان ۾ ٿيو.

**عبدالسلام ٿهيم:**

نوجوان ليکڪ **عبدالسلام ٿهيم** مارچ 2008ع کان جاتيءَ مان ٻارن جو علمي ادبي رسالو **’روشن تارا‘** شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو مسلسل 2012ع تائين شايع ٿيندو رهيو. **عبدالسلام ٿهيم** هن رسالي جو ايڊيٽر هو جڏهن ته رسالي جي پليٽ فارم تان جاتيءَ ۾ ڪيترائي علمي ادبي پروگرام پڻ منعقد ڪرايائين.

**عبدالسلام ٿهيم** 15 مارچ 1980ع ۾ جاتيءَ ۾ ڄائو. هن پرائمري کان ميٽرڪ تائين تعليم جاتيءَ مان حاصل ڪئي جڏهن ته انٽر سجاول مان ۽ بي اي علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد مان فاصلاتي تعليم ذريعي ڪئي. عبدالسلام ٿهيم مشهور ڪهاڻيڪار به آهي، سندس ڪهاڻين جو هڪ مجموعو پڻ شايع ٿيل آهي جڏهن ته هو مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ لکندو رهيو آهي.

**عرفان مهدي:**

اديب ۽ سياسي اڳواڻ **عرفان مهدي** هالا مان 1980ع ۾ ٻارن جو ڪتابي سلسلو **’وک وڏايو پبليڪيشن‘** شايع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو سنڌ جي مختلف شهرن ۾ چڱو مشهور ٿيو. عرفان مهدي پنهنجي هن ڪتابي سلسلي ذريعي ٻارن ۾ وڏو علمي ۽ ادبي چاهه پيدا پئي ڪيو ته ان دوران هو عملي سياست ۾ شامل ٿي ويو ۽ ڪتابي سلسلو بند ٿي ويو.

**عرفان مهدي** 31 جولاءِ 1966ع تي هالا ۾ پيدا ٿيو. هن ننڍي عمر ۾ ئي سنڌ جي سياسي ۽ ادبي حلقن ۾ پنهنجو پاڻ مڃايو ۽ پنهنجي ڏاهپ، عقل ۽ اخلاق سان سنڌ جي ادب ۽ سياست ۾ پنهنجي هڪ جاءِ پيدا ڪئي. هن پرائمريءَ کان وٺي انٽر تائين جي تعليم هالا مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جو رخ ڪيو جتي هن

عملي سياست ۾ حصو ورتو. عرفان مهدي 3 آگسٽ 1991ع تي پاڻ کي المنظر ڄامشوري وٽ سنڌوءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو. سندس موت اڄا تائين هڪ معمو بڻيل آهي.

### علي رضا لاڙڪ:

ٻارڙن جي مقبول رسالي '**رنگين دنيا**' جو ايڊيٽر **علي رضا لاڙڪ** 10 آڪٽوبر 1986ع تي **مشتاق علي لاڙڪ** جي گهر ۾، ڳوٺ لاڙڪ ضلعي **نوشهري فيروز** ۾ ڄائو. سندس تعليم ايم اي انگريزي آهي ۽ هو هن وقت ڄام شوري ۾ رهائش پذير آهي. هن 2003ع ۾ ڄام شوري مان '**رنگين دنيا**' رسالو جاري ڪيو. جنهن جا ڪل 11 پرچا شايع ٿيا. هن سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن حيدرآباد سان گڏ پڻ ڪم ڪيو.

رنگين دنيا ٻارن جو مقبول رسالو ٿي اڀريو جيڪو مستقل طور تي شايع ٿيندو رهي ها تہ ٻارن جي ادب ۾ پنهنجي اهم جاءِ ناهي ها.

### غلام رباني آگرو:

ناميارو اديب ۽ محقق **غلام رباني آگرو** سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي مقبول ۽ معروف رسالي '**گل ڦل**' جو پهريون ايڊيٽر هو. غلام رباني آگري سائين **محمد ابراهيم جويي** جي رهنمائيءَ ۾ سال 1959ع ۾ '**گل ڦل**' رسالي جي ايڊيٽر طور ڪم شروع ڪيو. 1959ع کان وٺي 1966ع تائين '**گل ڦل**' جو ايڊيٽر **غلام رباني** آگرو صاحب ئي رهيو. ان دوران آگري صاحب '**گل ڦل**' جا بنيادي خدوخال تيار ڪيا ۽ ماهوار '**گل ڦل**' کي سنڌ جي ٻارن ۾ مقبول ڪرائڻ لاءِ وڏو ڪم ڪيو. آگري صاحب ان دوران 'گل ڦل' جي سهاري هيٺ ٻارن جي علمي ادبي تنظيم '**ٻارن جي ڦلواڙيءَ**' جو بنياد پڻ وڌو ۽ حيدرآباد ۾ ٻارن جو هڪ تاريخي ميلو پڻ منعقد ڪرايائين. هن ميلي جي انتظامي ڪميٽيءَ ۾ سائين **محمد**

ابراهيم جويي ۽ غلام رباني آگري سميت ڊاڪٽر غلام علي الانا، غلام رضا پٺو ۽ ٻيا عالم ۽ اديب شامر هئا.

غلام رباني آگرو تعلقي ڪنڊياري جي ڳوٺ 'محمد خان آگري' ۾ 5 نومبر 1933ع تي ڄائو. رباني صاحب 1951ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان نوشهري فيروز مدرسي هاءِ اسڪول مان پاس ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد جي گورنمينٽ ڪاليج ۾ ٻه سال تعليم ورتي. ان کان پوءِ ڪراچيءَ مان آرٽس ۾ بي. اي ڪيائين.

غلام رباني آگرو 'نئين زندگيءَ' جو جوائنٽ ايڊيٽر، سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري، سنڌ يونيورسٽيءَ جو پرو وائيس چانسلر، اڪادمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد جو ڊائريڪٽر جنرل ۽ چيئرمئن، مرڪزي ادبي بورڊ (جنهن کي هاڻي اردو سائنس بورڊ چيو وڃي ٿو) ۽ نئشنل انسٽيٽيوٽ فار ڪلچر اينڊ ريسرچ جو سربراهه ۽ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر پڻ رهيو.

رباني صاحب جا معياري سنڌي ادب ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جڏهن ته سندس لکيل جو ٻين ٻولين ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو هي ناميارو اديب 18 جنوري 2010ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

### غلام مرتضيٰ پنّي:

ورهاڱي کان پوءِ متاثر ٿيل سنڌي ٻاراڻي ادب کي سهارو ڏيئي جن ماڻهن جيئندان ڏنو، تن ۾ غلام مرتضيٰ پنّي پڻ هڪ آهي. هن ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ قائم ڪيل ٻارن جي پهرين تنظيم 'ٻالڪن جي ٻاري' ۽ ماهوار 'گلستان' جي طرز تي دينوءَ جي پڙ حيدرآباد مان 1951ع ۾ ٻارڙن جي ادبي تنظيم بزم گلستان ۽ ٻارن جو ماهوار رسالو 'گلستان' جاري ڪيو. رسالو 'گلستان' 1951ع کان 1953ع تائين مسلسل جاري رهڻ کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ بند ٿي ويو. جيڪو 1956ع ۾ ٻيهر جاري ڪيو

ويو جڏهن تہ 'بزم گلستان' هلندي رهي، جيڪا 1960ع ۾ بند ٿي وئي (وڌيڪ ڏسو 'بزم گلستان'، جلد ٽيون)

**غلام مرتضيٰ ولد محمد موسيٰ راز پيٽي** 4 ڊسمبر 1938ع تي، حيدرآباد ۾ جنم ورتو. پيٽي صاحب بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. ڪجهہ وقت ملڪ جي هوائي فوج سان پڻ وابستہ رهيو ۽ بعد ۾ سنڌيءَ جي مختلف اخبارن ۾ پڻ ڪم ڪيائين. بعد ۾ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ ڪم ڪيو. 66_1967ع ڌاري سنڌي ٻارڙن لاءِ هڪ بيو ڪتابي سلسلو **'شمع سيريز'** شروع ڪيو. هن سلسلي ۾ **غلام مرتضيٰ پيٽيءَ** سان گڏ **محمود يوسفاڻي ۽ اشرف واسواڻي** شامل هئا. هي ڪتابي سلسلو پڻ ٻارن ۾ گهڻو مقبول ٿيو. (**وڌيڪ ڏسو 'شمع سيريز'**)

سنڌي ٻاراڻي ادب جو هي خدمتگار 1 ڊسمبر 1995ع تي حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ جي ڏس ۾ **غلام مرتضيٰ پيٽيءَ** جون خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون.

## غلام مصطفيٰ سولنگي:

ليکڪ ۽ صحافي **غلام مصطفيٰ سولنگي** ٻارڙن لاءِ شايع ٿيندڙ ٻن رسالن **'ڪنول' ۽ 'ٻارڙن جي ٻاري'** جو ايڊيٽر، جڏهن تہ ٻارن جي رسالي **'دي وي جي دنيا'** جو چيف ايڊيٽر پڻ رهيو آهي. ان کان سواءِ هن مختلف اخبارن ۾ **'رم جهم' ۽ 'مکڙيون'** جي نالن سان ٻارڙن لاءِ صفحا پڻ ترتيب ڏنا. ٻارن لاءِ سندس ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن.

**غلام مصطفيٰ سولنگي** 8 مارچ 1976ع تي ڳوٺ سعيد آباد ۾ احمد خان سولنگيءَ جي گهر ۾ ڄائو. هن پرائمري تعليم مين پرائمري اسڪول ڳوٺ سعيدآباد، مئٽرڪ هاءِ اسڪول ڳوٺ سعيدآباد ۽ انٽر جو امتحان ڊگري ڪاليج سيوهڻ مان پاس ڪيو. 1988ع کان لکڻ جي شروعات

ڪيائين. سندس ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعري سنڌ مان نڪرندڙ رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي ٿي. سنڌي ادبي سنگت شاخ ڀان سعيد آباد جو مسلسل 4 سال سيڪريٽري رهي چڪو آهي. ٻارن لاءِ ۽ مجموعي طور سنڌي ادب ۾ سندس ٻيا ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن، جڏهن ته هو ينگ رائيٽرس فورم جو چيئرمين پڻ آهي.

**قادر ڪنڌر:**

**قادر ڪنڌر** 1993ع ۾ **'عبرت گروپ آف پبليڪيشن'**، حيدرآباد پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي **'ارڇڪ مرڇڪ'** جو ايڊيٽر رهيو آهي. پنهنجي ايڊيٽريءَ واري دور ۾ **قادر ڪنڌر 'ارڇڪ مرڇڪ'** کي سڄيءَ سنڌ تائين پهچايو ۽ ٻارن ۾ بيحد مقبول ڪرايو.

**قادر ڪنڌر** جو پورو نالو **عبدالقادر ڪنڌر** آهي، جيڪو 7 جون 1974ع تي ڳوٺ حاجي غلام حسين ڪنڌر ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. سندس تعليم سول انجنيئرنگ ۾ بيچلر آهي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، بعد ۾ سندس رهائش ڄامشورو ۾ ٿي. ان دوران کيس ٻارن جي مشهور رسالي **'گل ڦل'** ۽ **اڪبر جسڪاڻيءَ** جي **'ٻتين واري ناني'** جهڙي شاهڪار ڪتاب پڙهڻ جو موقعو مليو. هن **'گل ڦل'** کان سواءِ مختلف اخبارن پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي صفحن ۽ اردو رسالن **'نونهال'** ۽ **'ٽوٽ بٽوٽ'** کي پڙهڻ ۽ انهن ۾ لکڻ شروع ڪيو. ان کان سواءِ هن اسڪول جي زماني ۾ نائين ڪلاس ۾ پڙهندي پنهنجي اسڪول جي خرچيءَ مان سنڌ ليول تي ٻارن جو رسالو **'اسڪول ٽائمز'** جي نالي سان پڻ شايع ڪيو. انٽر ۾ پڙهندي ئي کيس **'عبرت گروپ آف پبليڪيشن'** پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي **'ارڇڪ مرڇڪ'** ۾ ايڊيٽر طور ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. ان دوران هن رسالي ۾ ڪافي نواڻ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن ته ڪيترن ئي ليکڪن کي ٻارن لاءِ لکڻ

لاءِ اتساهيو. جنهن ۾ ادل سومرو حفيظ ڪنڀر، زيب سنڌي، اسحاق سميجو، ممتاز بخاري، مهر خادم ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. جن ڪان رسالي لاءِ فرمائش تي لکرايو ويو. ان کان سواءِ مختلف اخبارن ۽ ٽي وي چينلن تي ڪم ڪيو. ڪي ٽي اين ۾ مشهور شوز ونڊر ورلڊ، اسپورٽس ٽائيم ۽ ميگ شو جهڙا ڪامياب پروگرام ڪيا. ان سواءِ ڪي ٽي اين لاءِ ٻه ٽي وي ڊراما پڻ لکيا. هن وقت سعودي عرب ۾ هڪ امريڪن ڪمپنيءَ ۾ سول انجنيئر طور نوڪري ڪري رهيو آهي.

## ماجد سمون:

ماجد سمون شهدادڪوٽ مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي 'اجرڪ' جو 2004ع ايڊيٽر رهيو آهي. ان کان سواءِ هن ٻارن جي رسالن گلڙا ، ساٿي، گل ڦل، روشن دنيا ۽ ٻين ۾ ٻارن لاءِ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ۽ مضمون. ماجد سمي 2001 ۽ 2006 ۾ نٽ ڪٽ گروپ آف پبليڪيشن پاران ٻارن جي نوجوان ليکڪن لاءِ ٿيندڙ ورڪشاپن ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته 2004 ۾ دعوه اڪيڊمي اسلام آباد جي ورڪشاپ ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

ماجد سمون ولد غلام عباس سمون، نئين ديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 5 مئي 1987ع تي ڄائو. هن پرائمري تعليم نور محمدي اسڪول شهدادڪوٽ، مئٽرڪ سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۽ انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ مان ڪئي. هن لکڻ جي شروعات 2001 ع ۾ ڪئي. ٻارن جي ادب کان سواءِ سندس ڪيترائي مضمون ۽ ليک پندرنهن روزه نيوز ميگزين افيئر، عبرت مئگزين، روزاني ڪوشش، عبرت، هلال پاڪستان تعمير سنڌ ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن. ان دوران هن عملي صحافت ۾ حصو ورتو ۽ سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ ٽي وي چئنلن سان اڄا تائين لاڳاپيل آهي.

### محبوب اي بلوچ:

**محبوب بلوچ** 1996ع ۾ شڪارپور مان ٻارن لاءِ **'مهڪ'** نالي سان رسالو شايع ڪيو جنهن جا 2005ع تائين ڪُل 18 شمارا شايع ٿيا. **'مهڪ'** رسالو ٻارن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو.

**محبوب علي بلوچ** 13 اپريل 1981ع تي **نواز علي لهر بلوچ** جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري ڪان انٽر تائين تعليم شڪارپور مان ئي حاصل ڪيائين. بعد ۾ 1995ع کان ٻارن جي لاءِ لکڻ شروع ڪيائين ۽ سنڌ مان ٻارن جي لاءِ شايع ٿيندڙ مختلف رسالن ۾ مسلسل لکندو رهيو. **'مڪار ٻلي'، 'عقلمند مهاڻو' ۽ 'تاڻ ٻلا'** جي نالن سان سندس ڪهاڻين جا ڪتابڙا پڻ شايع ٿيل آهن. هن وقت هو هاٽ ايف ايم ريڊيو شڪارپور تي ڪمپيئرنگ جا فرض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

### محمود يوسفاڻي:

روزاني هلال پاڪستان پاران جاري ٿيل ٻارن جي مشهور رسالي **'گلن جهڙا ٻارڙا'** جي حوالي سان مشهوري ماڻيندڙ **محمود يوسفاڻي** 28 مارچ 1948ع تي نياز شاهه جي پاڙي، لڳ ميمڻ اسپتال، ڪاهي روڊ حيدرآباد ۾ جائو.

**محمود يوسفاڻي** سڀ کان پهرين **غلام مرتضيٰ پٺيءَ** سان گڏ ٻارن جي پبليڪيشن **'شمع سيريز'** شروع ڪئي. بعد ۾ هن **بشير احمد پٺيءَ** سان گڏ رسالو **'فن فنڪار'** حيدرآباد مان جاري ڪيو بعد ۾ هلال پاڪستان، حيدرآباد ۾ سب ايڊيٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين. جڏهن هلال پاڪستان ڪراچيءَ مان نڪرڻ لڳي ته ڪراچيءَ مان ٻارن جو صفحو **'گلن جهڙا ٻارڙا'** جاري ڪيائين. بعد ۾ هن هلال پاڪستان، ڪراچي طرفان ٻارن جو رسالو **'گلن جهڙا ٻارڙا'** الڳ جاري ڪيو. محمود

يوسفاڻي ان جي ايڊيٽر جي حيثيت سان پڻ ڪم ڪيو. هلال پاڪستان کان پوءِ **محمود يوسفاڻي** روزانو عبرت اخبار ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ پندرهن روزه عبرت مئگزين، سنڌو اخبار ۽ هفتيوار سنڌوءَ جي ادارت سنڀاليائين. ان دوران هو مهراڻ اخبار حيدرآباد ۾ ڪجهه وقت جوائنٽ ايڊيٽر پڻ رهيو.

محمود يوسفاڻي ڪجهه عرصو روزانو **'سنڌ ٽائيمس'** اخبار حيدرآباد جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ ڪوڪر محلي مان اخبار جاري ڪيائين. هن ڪجهه وقت گلفام مارڪيٽ ۾ دڪان کولي ٻارن جا ڪتاب **'شان پبليڪيشن'** جي نالي سان شايع ڪيا. سنڌي ٻاراڻي ادب جو هيءُ خدمتگار تاريخ 19 فيبروري 2002ع تي حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

**محمد وسيم خان:**

ٻارن جي مشهور رسالي ماهوار **'ادا سائين'** ۽ ماهوار **'نٽ کٽ'** جي چيف ايڊيٽر ۽ نوجوان اديب ۽ صحافي **محمد وسيم خان** جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌاري ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ نوجوان اديبن جي علمي ۽ فني تربيت جي ڏس ۾ وڏو ڪردار آهي. هن 1991ع ۾ حيدرآباد مان اردوءَ ۾ ٻارن جو رسالو **'نٽ کٽ'** جاري ڪيو جنهن ۾ پڻ سنڌ جي نوجوان ليکڪن جون لکڻيون شايع ڪرڻ سان گڏ، سنڌيءَ ۾ ڇپيل مختلف ڪهاڻين کي ترجمو پڻ ڪندو رهيو. هن هر سال نٽ کٽ جي سالگرهه جي موقعي تي ڪيترن ئي سنڌي اديبن، فنڪارن، شاعرن، صحافن ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ نوجوان ليکڪن کي ايوارڊ ڏنا. هن 2001ع ۾ **خالد آزاد** سان گڏجي، سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ نوجوان ليکڪن جا گڏيل ادبي تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪرائڻ جو پروگرام رٿيو. اهڙيءَ ريت سال 2010ع تائين اهڙا ڏهه ورڪشاپ منعقد ڪرائي چڪو آهي، جن ۾

لڳ ڀڳ 500 نوجوان ليکڪ شرڪت ڪري چڪا آهن. اڄ اهي نوجوان ليکڪ قلم جي ذريعي سماج ۾ پنهنجو قومي ۽ اخلاقي فرض نڀائي رهيا آهن. سال 2006ع ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي رسالن جي اڻهوند کي نظر ۾ رکندي **'ادا سائين'** جي اجراءَ کي يقيني بڻايو جنهن جو ايڊيٽر **خالد آزاد** ٿيو.

**محمد وسيم خان** 3 ڊسمبر 1970ع تي حيدرآباد جي علائقي لطيف آباد جي يونٽ نمبر 2 ۾ پيدا ٿيو. سندس وڏا هندستان جي اهم علمي ادبي شهر علي ڳڙهه سان واسطو رکندا هئا. سندس والد صاحب جو نالو صغير محمد خان آهي. وسيم، پنهنجي ابتدائي تعليم شاهه لطيف بوائز پرائمري اسڪول، لطيف آباد نمبر 10 مان حاصل ڪئي، جڏهن ته مئٽرڪ گورنمينٽ ڪمپريهينسو هاءِ اسڪول لطيف آباد نمبر 10 ۽ انٽر جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لطيف آباد نمبر 11 مان پاس ڪيائين. اهڙيءَ ريت ايم اي (جرنلزم) سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين.

هن وقت محمد وسيم خان ٻارن جي رسالي **'نٽ کٽ'** جو چيف ايڊيٽر ۽ هڪ ٽي وي چئنل جو حيدرآباد ۾ بيورو چيف آهي.

**مسعود لوهار:**

ناميارو ۽ سماجي اڳواڻ ليکڪ **مسعود لوهار** 1993ع ۾ **'عبرت گروپ آف پبليڪيشنز'** پاران شايع ٿيل، ٻارن جي رسالي **'ارڙڪ مرڙڪ'** جو پهريون ايڊيٽر رهيو آهي. هن 'ارڙڪ مرڙڪ' رسالي جا بُنيادي خد و خال ترتيب ڏنا ۽ سنڌ جي ٻارن ۾ هن رسالي کي بيحد مشهور ڪرايو. هي رسالو پنهنجي دور جو ٻارن ۾ بيحد مقبول رسالو ثابت ٿيو.

**مسعود لوهار** 17 جون 1968ع تي بدين ضلعي جي ڳوٺ **ڀڳڙي ميمڻ** ۾ پيدا ٿيو. هن انٽر تائين جي تعليم بدين مان حاصل ڪئي، جڏهن ته سنڌ يونيورسٽيءَ مان انٽرنيشنل رليشنز ۾ ماسٽرس ڪرڻ کان

علاوه مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجيءَ مان پيٽروليم ۽ گئس واري شعبي ۾ B.E ڪئي. بعد ۾ هن 1995ع ڌاري ايڊنبرگ ناپيئر يونيورسٽي انگلينڊ مان پبلشنگ ۽ ايڊيٽوريل مئنيجمينٽ جو ڪورس ڪيو.

مسعود لوهار **'ارچڪ مرچڪ'** جي ايڊيٽر کان سواءِ روزاني **'عبرت'**، ماهوار **'هزار داستان'**، روزاني **'پاڪ'** ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪم ڪيو آهي. هن سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ **اسسٽنٽ ايڊيٽر** جي حيثيت سان پڻ ڪم ڪيو جنهن بعد آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي ۾ سنڌيءَ جي **ايڊيٽر** طور ڪم ڪندو رهيو. هُن ڪجهه عرصي جي لاءِ ENI آئل ڪمپني جوائن ڪئي ۽ پوءِ هو مختلف مُلڪي ۽ بين الاقوامي ترقياتي ادارن سان ڪم ڪندو رهيو آهي.

مسعود لوهار هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي ۽ هڪ بين الاقوامي ترقياتي اداري جو ريجنل هيڊ آهي.

## مشتاق بخاري:

شاعر ۽ ليکڪ **مشتاق بخاري** 1999ع ۾ ڏکڻ ضلعي شڪارپور مان ٻارن جو رسالو **'هُٻڪار'** شايع ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جا 3 شمارا شايع ٿيا. هي رسالو ڏکڻ ۽ آس پاس ۾ ٻارن ۾ چڱو مشهور ٿيو.

**مشتاق بخاري** 27 آڪٽوبر 1969ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ لونگاٽي شريف لڳ ڏکڻ ۾، سيد غلام علي شاهه بخاريءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمري تعليم ڳوٺ لونگاٽيءَ مان حاصل ڪئي، جڏهن ته مئٽرڪ هاءِ اسڪول ڏکڻ ۽ انٽر ڊگري ڪاليج رتيديري مان ڪيائين. بعد ۾ هن سنڌي ۽ اڪنامڪس ۾، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان ماسٽرس ڪئي. هو هن وقت هاءِ اسڪول ڏکڻ ۾ استاد آهي. ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن کان سواءِ ادب جي ٻين شعبن ۽ صنفن ۾ ٻه سنڌس ٻيا ڪتاب شايع ٿيل آهن.

## مقبول احمد يٽي:

ليکڪ ۽ صحافي **مقبول احمد يٽي**، پنهنجي پيءُ **غلام مرتضيٰ يٽيءَ** سان گڏ 1951ع کان وٺي 1960ع وارن ڏهاڪن دوران، دينوءَ جي پڙ حيدرآباد مان **'بزم گلستان'** ۽ **'ماهوار گلستان'** رسالي جي پليٽ فارم تان سنڌي ٻاراڻي ادب جي وڏي خدمت ڪئي. هن پنهنجي پيءُ سان گڏ 1951ع ۾ ٻارڙن جي ادبي تنظيم **'بزم گلستان'** ۽ ٻارن جو ماهوار رسالو **'گلستان'** جاري ڪيو. رسالو **'گلستان'** 1951ع کان 1953ع تائين مسلسل جاري رهڻ کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ بند ٿي ويو جيڪو 1956ع ۾ ٻيهر جاري ڪيو ويو جڏهن تہ **'بزم گلستان'** هلندي رهي، جيڪا 1960ع ۾ بند ٿي وئي.

مقبول احمد يٽي 2 آگسٽ 1927ع تي حيدرآباد ۾ جائو. سندس تعليم ايم. اي (سنڌي) هئي. هن سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڪم ڪيو ۽ آخر ۾ **نيشنل بوڪ فائونڊيشن** جو ڊائريڪٽر پڻ رهيو. هن **'بزم گلستان'** جي پليٽ فارم تان ٻارڙن جي سرگرمين کي هٿي ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌيءَ ۾ ٻارڙن جي ادب جي واڌري ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪندڙ مقبول احمد يٽي 21 فيبروري 1977ع تي ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو.

## مقصود گل:

سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر **مقصود گل** جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌاري ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. هُو ٻارن جي ٽماهي رسالي **'گلدستو'** جو پبلشر ۽ ايڊيٽر رهيو آهي، جيڪو رتيديري مان ڪيتري ئي عرصي تائين شايع ٿيندو رهيو آهي.

**مقصود گل** 15 اپريل 1950ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر رتيديري ۾ **قاضي عبدالحئي قائل** جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو **قاضي مقصود حيات** هو. هن 1974ع کان **'مقصود گل'** جي نالي سان لکڻ

جي شروعات ڪئي. هن ايم اي سنڌي ۽ ايم اي اقتصاديات ۾ ڪرڻ کان پوءِ عبدالحئي قاضي ماڊل اسڪول رتيديري جي پرنسپال طور علمي خدمتون سرانجام ڏنيون. **مقصود گل سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر**، سنڌڙي ڪتابي سلسلي جو چيئرمين، رتوديرو تحقيقي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ عبدالحئي قاضي ايجوڪيشنل سوسائٽي رتيديري جو چيئرمين پڻ رهي چڪو آهي. هو 14 فيبروري 2015ع تي ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس ياد ۾ هڪ ڪتاب **'گل چنو گرنار جو'** پڻ ڇپيل آهي.

## مڪيش راجا سوٿهڙ:

**مڪيش راجا سوٿهڙ** ٽنڊي ڄام مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي **'روشن دنيا'** جو ايڊيٽر رهيو آهي. ان کان سواءِ هن ماهوار **'گلڙا'**، ماهوار **'ساٿي'**، ماهوار **'ادا سائين'** ۽ ٻين رسالن ۾ ٻارن لاءِ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيا، جيڪي ٻارڙن ۾ بيحد مشهور ٿيا.

**مڪيش راجا سوٿهڙ** 5 آڪٽوبر 1983ع ۾ اسلام ڪوٽ ۾ ڄائو. هن پرائمري ۽ ميٽرڪ جي تعليم اسلام ڪوٽ مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ انٽر مسلم ڪاليج حيدرآباد ۽ ايم ڪام سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي. هن وقت هو تعليم کاتي ۾ استاد طور فرض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. ان کان اڳ ۾ **مڪيش راجا سوٿهڙ** مختلف ترقياتي شعبي جي مختلف سماجي تنظيمن سان پڻ وابستہ رهيو آهي.

## معصوم مصطفيٰ ڪنير:

**معصوم مصطفيٰ ڪنير** سال 2013ع ۾ ڪپري مان ٻارن جو رسالو **'مهراڻ جون مُرڪون'** شايع ڪيو هو جيڪو اجا تائين شايع ٿي رهيو آهي. ان کان سواءِ هو مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ پڻ لکندو رهيو آهي.

**معصوم مصطفيٰ ڪنير** جو اصل نالو **مصطفيٰ ولد محمد جمن**

ڪنير آهي، جيڪو 7 آگسٽ 1995ع تي ڳوٺ **دين محمد ڪنير** لڳ ڏيليار تعلقي ڪپري ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم پرائمري اسڪول ڳوٺ **دين محمد ڪنير** مان حاصل ڪيائين، جڏهن تہ بعد ۾ ميٽرڪ روشن تارا اسڪول ڪپري مان ڪيائين. هن ٻارن جو رسالو **'مهراڻ جون مرڪون'** شايع ڪرڻ کان علاوه مختلف اخبارن ۾ ڪالم بہ لکيا آهن ۽ هن وقت سنڌي اخبارن سان لاڳاپيل آهي.

## ملهار سنڌي:

**ملهار سنڌي** 1998ع ۾ رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي مان ٻارن جو ماهوار رسالو **'ٽانڊاڻو'** شايع ڪيو. هن رسالي جا 5 پرچا شايع ٿيا ۽ پوءِ رسالو بند ٿي ويو. رسالو پنهنجي مواد ۽ گيٽ اپ جي لحاظ کان ٻارن لاءِ سٺو رسالو هو.

**ملهار سنڌيءَ** جو اصل نالو **محمد چٽل بوزدار** آهي. هن لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر رتيديري ۾ پهرين جنوري 1978ع تي **دودي خان بوزدار** جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمريءَ کان انٽر تائين جي تعليم رتيديري مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ ايم اي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. هن وقت تعليم کاتي ۾ استاد آهي. هو سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ٻين عهدن تي پڻ رهيو آهي. **ملهار سنڌيءَ** جا ٻارن لاءِ شاعريءَ جا مجموعا پڻ ڇپيل آهي.

## مهيش ڪمار:

ناميارِي صحافي مهيش ڪمار 1978ع ۾ ٻارن جو ماهوار رسالو **'ساٿي'** شايع ڪيو جيڪو ٻارڙن جي علمي – ادبي ۽ سياسي تنظيم **'ساٿي ٻارڙا سنگت'** جي پليٽ فارم تان جاري ڪيو ويو. مهيش ڪمار ٻيو ڀيرو سال 2000ع ۾ روزاني هلچل اخبار پاران ٻارن جو رسالو 'گلن

جهڙا پارڙا' پڻ جاري ڪيو جنهن جو ايڊيٽر **واحد پارس هيسباڻيءَ** کي مقرر ڪيو ويو. ان کان سواءِ مهيش ڪمار پبلشر ۽ چيف ايڊيٽر جي حيثيت سان روزاني **'سنڌ'** ۽ **'هلچل'** اخبار ۾ ٻارن جا هفتيوار صفحا پڻ جاري ڪرايا.

**مهيش ڪمار** 1 مارچ 1963ع تي عادل پور ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ جائو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ عادل پور مان حاصل ڪئي، جڏهن ته مئٽرڪ اين ڊي وي هاءِ اسڪول گهوٽڪي ۽ انٽر ڊگري ڪاليج گهوٽڪيءَ مان ڪئي. بعد ۾ هن فزڪس ۾ ايم ايس سي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي. هن صحافت جي شروعات اٺين ڪلاس کان 'نجات' اخبار جي نمائ0ندي طور سال 1975ع کان ڪئي. بعد ۾ هو سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ روزاني 'سنڌ' ۽ روزاني 'هلچل' جو پبلشر ۽ چيف ايڊيٽر ٿيو. هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

**ناز سنائي:**

ناميارِي اديب ۽ پبلشر **ناز سنائيءَ** جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌ ويجهه ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. هن 1973ع ۾ **'چٽنگ پبليڪيشن'** نالي سان ٻارن جي علمي، ادبي ۽ سياسي آبياريءَ لاءِ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جڏهن ته **'چٽنگ سنگت'** جي نالي سان ٻارن جي علمي ادبي ۽ سياسي آبياريءَ لاءِ هڪ تنظيم قائم ڪئي. ناز سنائي 1991ع ڌاري حيدرآباد مان ٻارن جو مشهور علمي ادبي رسالو **'گلستان'** جاري ڪيو. هن رسالي جي پليٽ فارم تان **ناز سنائي** ڪيترن ئي نوجوان اديبن کي اتساهيو جيڪي هن وقت سنڌي ادب جي مختلف صنفن ۾ پنهنجو نالو ڪمائي رهيا آهن.

**ناز سنائي** 1973ع ۾ شروع ڪيل **'چٽنگ پبليڪيشن'** جي

ڪتابي سلسلي جا 15 پرچا شايع ڪيا. ان کان سواءِ هن تحريري چٽاپيٽين تي ٻڌل پنج ڪتاب تيار ڪرايا. انهن ڪتابن مان چار ڪتاب شايع ٿيا، جڏهن تہ پنجين ڪتاب جي اشاعت کان اڳ تنظيم ۽ ڪتابي سلسلي تي پابندي لڳي وئي ۽ ڪيس جيل اماڻيو ويو. سنڌ اندر اهو پهريون واقعو هو جو ڪنهن ٻاراڻي تنظيم ۽ ٻاراڻي اشاعتي سلسلي تي حڪومتي پابندي لڳائي وئي هجي.

**ناز سنائيءَ** جو اصل نالو **محمد عثمان ميمڻ** ولد محمد خان ميمڻ آهي، جيڪو 2 آڪٽوبر 1959ع تي، مانجهند، تعلقي ڪوٽڙي، ضلعي دادو (هاڻوڪي ضلعي ڄامشوري) ۾ ڄائو. پرائمريءَ کان مئٽرڪ تائين جي تعليم سن شهر مان حاصل ڪيائين. انٽر ۽ بي اي سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان ڪرڻ بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي ڪيائين. **ناز سنائي**، چٽنگ کان سواءِ **مومل، گلستان ۽ ڪينجهر** جو پبلشر ۽ ايڊيٽر بہ آهي. ان کان سواءِ سنڌي ساهت گهر، منصور پبلشنگ ايجنسي، سنڌ تحقيقي بورڊ ۽ جي ايم سيد اڪيڊميءَ جو باني چيئرمئن آهي. هنن اشاعتي ادارن جي پليٽ فارم تان **ناز سنائي** ٻارن جي ڪتابن سميت ٻيا لاتعداد ڪتاب شايع ڪرايا آهن. سندس وٽهن کان مٿي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.

**نجم پنهور:**

سنڌي ادبي بورڊ جي ٻارن جي ماهوار رسالي **'گل ڦل'** جي ايڊيٽر طور مشهوري ماڻيندڙ ليکڪ **نجم پنهور** 1965ع ڌاري هڪ علمي ادبي گهراڻي ۾، ڳوٺ شادي پلي، ضلعي عمرڪوٽ ۾ ڄائي. گهر اندر علمي ادبي ماحول هجڻ ڪري نجم ننڍي هوندي کان ئي ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا. انين درجي ۾ سندس لکيل هڪ مضمون تي ڪيس انعام پڻ مليو.

**نجمہ پنھور** جي والد صاحب جي حيدرآباد ۾ ملازمت هجڻ جي ڪري، هن پنهنجي تعليم حيدرآباد مان ئي حاصل ڪئي. هن ميران اسڪول حيدرآباد ۽ زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ماسٽرس ڪئي.

ماهوار **'گل ڦل'** جي ايڊيٽر طور هن پنهنجي ڪوشش سان رسالي ۾ بهتري ۽ نواڻ آڻڻ سان گڏ سينيئر توڙي نون ليکڪن کي همٿايو. هن **'گل ڦل'** ۾ نوان سلسلا شروع ڪيا ۽ ٻارن لاءِ تعميري ۽ دلچسپ مواد جي اشاعت کي يقيني بڻايو.

## نور محمد ڀٽو:

مشهور اديب **نور محمد ڀُٽي** سال 2011ع ۾ ڪوٽڙيءَ مان ٻارن جو رسالو **'ٻاراڻو ادب'** شايع ڪيو جنهن جو هو ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر هو. هن سال 2016ع ۾ حيدرآباد مان ٻارن جو هڪ ٻيو رسالو **'منڊڙا ٻار'** شايع ڪيو جنهن ۾ هن ايڊيٽر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.

**نور محمد** ولد **علي محمد ڀٽو** 14 جنوري 1955ع تي ڳوٺ پير بخش ڀُٽي، تعلقي رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جائو. هن ابتدائي تعليم سنڌي پرئڪٽسنگ اسڪول- ايليمينٽري ڪاليج خيرپور ميرس مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ مئٽرڪ رضا ميموريل هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ڪيائين. بعد ۾ هن انٽر، بي اي ۽ ايم اي جا امتحان سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان ڏنا.

**نور محمد ڀٽو** مختلف ادبي ۽ سماجي تنظيمن ۽ ادارن جو سربراهہ ۽ ميمبر رهيو آهي ۽ حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

## واحد پارس هيسباڻي:

نوجوان ليکڪ **واحد پارس هيسباڻي** سال 2000ع ۾ روزاني هلچل

پاران شايع ٿيل ٻارن جي رسالي ’**گلن جهڙا ٻارڙا**‘ جو ايڊيٽر رهيو. ان کان سواءِ **واحد پارس** ڪيترو ئي عرصو تندي ڄام مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي مقبول رسالي ’**گلڙا**‘ جو جوائنٽ ايڊيٽر رهيو. **واحد پارس** ٻارن لاءِ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون، گيت ۽ مضمون لکيا آهن. جيڪي ٻارن جي رسالن ۽ سنڌي اخبارن جي هفتيوار ٻاراڻن صفحن ۾ شايع ٿيا. هو ماهوار **گلڙا** رسالي پاران قائم ڪيل ٻارن جي علمي ۽ ادبي تنظيم ’**گلڙا سنگت**‘ جو صدر پڻ رهيو آهي. ٻارن جي ادب ۾ خدمتن عيوض کيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ شيلڊون پڻ ملي چڪيون آهن.

**واحد پارس هيسباڻيءَ** جو پورو نالو **عبدالواحد ولد عبدالڪريم هيسباڻي** آهي. هن پهرين اپريل 1975ع تي باڊهہ ويجهو ڳوٺ **گل محمد هيسباڻيءَ** ۾ جنم ورتو. پرائمري کان انٽر تائين جي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۽ باڊهہ مان حاصل ڪئي. بي. اي سچل ڪاليج حيدرآباد ۽ ايم.اي سنڌي، **سنڌ يونيورسٽيءَ** مان ڪيائين. واحد پارس لکڻ جي شروعات 1990ع ڌاري ڪئي.بعد ۾ هن عملي صحافت ۾ پير پاتو ۽ سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪم ڪيائين. هن ڪجهہ عرصو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي انسائيڪلوپيڊيا سيل ۾ پڻ ڪم ڪيو جڏهن تہ هن وقت انسٽيٽيوٽ آفِ سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پبليڪيشن آفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي. ٻارن جي ادب ۾ خدمتن کان سواءِ مجموعي سنڌي ادب ۾ پڻ سندس ڪيترائي مضمون ۽ شعر لکيل آهن، جڏهن تہ هو سنڌ جي مشهور پندرهن روزه ’عبرت مئگزين‘ سان پڻ لاڳاپيل آهي.

## وفا منظور چوهاڻ:

**وفا منظور چوهاڻ** 1999ع ۾ شڪارپور مان ٻارن جو رسالو ’مهراڻ

جا تارا' شايع ڪيو جنهن جا 9 شمارا شايع ٿي سگهيا. هي رسالو پڻ ٻارن ۾ چڱو مقبول ٿيو.

**وفا منظور چوهاڻ** 1 مارچ 1969ع تي **محمد ابراهيم چوهاڻ** جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري، ميٽرڪ، انٽر ۽ ايم ايڊ تعليم شڪارپور مان ٿي حاصل ڪيائين. 1982ع کان لکڻ جي شروعات ڪيائين. ٻارن جو رسالو **'مهراڻ جا تارا'** شايع ڪرڻ کان علاوه سندس شاعري ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن، جن ۾ **ڪاٺ جي عورت**، **عقلمند چوڪرو**، **عقلمند سپهه سالار**، **اچو تہ انگريزي الفابيٽ پڙهون** (شاعري) **پنهنجي ديس جا ٻار پيارا** (شاعري) **سٺي تربيت ٻالڪ سنواري** (مختلف شاعرن جي ٻاراڻي شاعري ترتيب ڏنل) ۽ **بلخ جو ڳوڙهو** شامل آهن. **وفا منظور چوهاڻ** پرائمري اسڪول هاٽي در شڪارپور ۾ استاد پڻ آهي.

## وهاب جروار:

وهاب جروار 1999ع ۾ ٻارن جو مقبول رسالو **'رانديڪو'** خانواهہ ضلعي لاڙڪاڻي مان جاري ڪيو جنهن جا 2001ع تائين 5 پرچا شايع ٿيا. جڏهن تہ هو ٽنڊي ڄام مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي **'روشن دنيا'** جو پڻ ايڊيٽر رهيو آهي. **وهاب جروار** 1 فيبروري 1983ع تي ڳوٺ **خانواهہ** ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. سندس تعليم ايم اي آهي. هو ٽنڊي ڄام مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي **'روشن دنيا'** جو اسسٽنٽ ايڊيٽر بہ رهيو آهي. بعد ۾ هن عملي طور سنڌي صحافت ۾ حصو ورتو ۽ روزاني **ڪاوش**، **روزاني سوڀ**، **روزاني خبرون** ۽ ٻين اخبارن ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ کان پوءِ هن وقت روزاني فاسٽ ٽائيم لاڙڪاڻي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

وهاب جروار جون ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻيون ۽ شعر مختلف ٻاراڻن رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن.

**وفا گولو:**

وفا گولي ٺل ضلعي جيڪب آباد مان 2004ع ۾ ٻارن لاءِ سلسليوار 'ٻالڪ دنيا' جي نالي سان رسالو شايع ڪيو جنهن جا چار پرچا شايع ٿي سگهيا.

**وفا گولي** جو اصل نالو **جاويد احمد** آهي، جيڪو 6 اپريل 1983ع تي ضلعي جيڪب آباد جي ڳوٺ **ڪريم بخش گولو** ۾ جائو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ ميٽرڪ ۽ انٽر ٺل مان ڪيائين. جنهن بعد ايم اي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس مان ڪيائين. هن وقت پرائمري اسڪول ڳوٺ **عبدالڪريم نوناريءَ** ۾ استاد آهي. وفا گولو سنڌي ادبي سنگت شاخ ٺل جو ڪائونسلر آهي ۽ 2008ع ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ طرفان ڪيس ادبي خدمتن عيوض ڪيس ايوارڊ پڻ ڏنو ويو.

## مددي ڪتاب ۽ رسالا:

### الف: ڪتاب


1. آريسر، علي نواز ’سنڌي ادب ۾ عورتن جو حصو‘، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2016ع
2. الانا، ڊاڪٽر غلام علي، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، سنڌي ساهت گهر، ڇاپو ٽيون، 1999ع
3. بخاري مخمور ’هالا جي ادبي تنظيمن جو تنقيدي جائزو‘، سيف بخاري اڪيڊمي، هالا، 2004ع
4. بلواڻي، هوندراج ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻال ساهتيہ‘، ڇاپو ٻيو سنڌي ساهت گهر، 2007ع
5. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار ’سنڌي ادب جي تاريخ‘، جلد پهريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006
6. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد ٻيو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
7. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد ٽيون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
8. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد چوٿون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
9. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد پنجون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
10. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد ڇهون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
11. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد ستون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.

12. حسين، ڊاڪٽر فهميده، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا'، جُلد انون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
13. حسين، ڊاڪٽر فهميده، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا'، جُلد نائون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
14. سولنگي، محمد عرس اظهر، 'دادو ضلعو: هڪ اڀياس'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2013ع
15. عرساڻي، ڊاڪٽر شمس الدين، 'سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ'، ڇاپو پهريون، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، 2009ع
16. مرزا، نصير، 'منهنجو سائين: نثار حسيني' (شخصيت ۽ فن) دوستي پبليڪيشن، حيدرآباد، 2014ع
17. ملاح، مختيار احمد، 'سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ'، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2015ع.
18. ملاح، مختيار احمد، 'سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو'، ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي، 2006ع.
19. ملڪاڻي، پروفيسر منگهارام، 'سنڌي نثر جي تاريخ'، ڇاپو ٽيون، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع
20. مير، حاجن مير، 'سيوهڻ جون ادبي شخصيتون'، سچائي اشاعت گهر، دڙو 2014ع
21. ميمڻ، خان بهادر محمد صديق، 'سنڌ جي ادبي تاريخ'، ڇاپو چوٿون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 2000
22. نهالاڻي، منوهر، 'سنڌي ٻال ساهتيه: هڪ نظر'، ليڪ پارڪ، 1992ع
23. هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار، 'شڪارپور جي صحافتي تاريخ'، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2004ع.
24. هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار، 'شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 2009ع.

### ب: رسالا


1. ماهوار ’گل ڦل‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو مڪمل سيٽ، 1959ع کان 2015ع تائين.
2. سلسليوار ’سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن‘، اعزازي سهيڙيندڙ اسرار شيام، حيدرآباد، مڪمل سيٽ، 1987ع کان 2015ع تائين.
3. ماهوار ’گلڙا‘، چيف ايڊيٽر شبير ساگر، ٽنڊو ڄام، مڪمل سيٽ
4. ٽه ماهي ’سنگتي‘، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، مڪمل سيٽ
5. ماهوار ’روشن دنيا‘ ٽنڊو ڄام، چيف ايڊيٽر: مير شاهنواز ٽالپر، مڪمل سيٽ
6. ماهوار ’ادا سائين‘ حيدرآباد، ايڊيٽر خالد آزاد، مڪمل سيٽ
7. ماهوار ’ساٿي‘ حيدرآباد، مختلف پرچا

Sindhi Language Authority's Book Number 255

**Catalogue Reference**
Azad Khalid
History of Sindhi Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-064-7

**HISTORY OF SINDHI CHILDREN'S LITERATURE (Vol.II)**

Research: Khalid Azad
Edition: 1st 2016
Quantity: 1000
Price: Rs.300/=
Composing: Zubair Soomro & Nazir Chandio
Title: Naeem Deswali
Layout: Asadullah Bhutto
Published by: Sarfraz Rajar, Chairman, Sindhi Language Authority
National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Pakeeza Printers, Hyderabad, Sindh

This Book has Published by Sarfraz Rajar, Chairman, Sindhi Language Authority and Printed at M/S Pakeeza Printers and Publishers, Hyderabad, Sindh, Pakistan

History of Sindhi

# Children's Literature

Khalid Azad

[Vol: 2]



ISBN 978-9-6962506-4-7